# تصوير جو خون



آسڪر وائلڊ جا

فضل احمد بچاڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تصوير جو خون

## PICTURE OF DORIAN GRAY

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تصوير جو خون

(Picture Of Dorian Gray)
BY: OSCAR WILDE

مصنف : آسڪر وائلڊ
مترجم : فضل احمد ٻچاڻي

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ.
1983ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڇهٽيتاليهون ڪتاب

ڇپائيندڙ : نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ.

ڇپيندڙ : نيو فيمس پرنٽرس
هوم اسٽيڊ هال چاڙهي حيدرآباد سنڌ.

پهريون ايڊيشن : سيپٽمبر 1983ع

قيمت : 20-00 رپيا

(حق ۽ واسطا مترجم جا قائم)

---

NOVEL — TASWEER - JO - KHOON— A Translation of OSCAR WILDE NOVEL— "PICTURE OF DORIAN GRAY" in Sindhi by Fazal Ahmed Bachani. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed. Hyderabad Sind. Pakistan. First Edition September 1983.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مترجم طرفان

آءٌ ترجما ڇو ٿو ڪريان؟ ان ڪري تہ جي ڪا سٺي تخليق نٿو پيش ڪري سگھان تہ ڪنھن سٺي تخليق جو ترجمو ئي پيش ڪندورھان جيڪا جيڪر آءٌ پاڻ پيش ڪرڻ گھرندو ھجان، تہ جيئن نئون پراڻي ڏيھي ۽ پرڏيھي ادب جي اشاعت ۽ اپياس جو سلسلو جاري رھي. ترجمي لاءِ ڪنھن ڪتاب جي چونڊ جي معيار جو بنياد بہ اھو ئي قائم ڪيو اٿم يعني جھڙو ڪتاب جيڪر آءٌ پاڻ لکڻ چاھيندو ھجان تھڙي جو ئي ترجمو ڪري پيش ڪريان.

ھي ڪتاب اڻويھين صديءَ جي نھايت پياري، مھان دوڙي نھايت مظلوم ليکڪ **آسڪر فنجال او فلاھريٽ ولس وائلڊ** جي واحد ۽ بي نظير ناول PICTURE OF DORIAN GRAY جو مڪمل ترجمو آھي (سواءِ چند غير اھم ٽڪرن جي، جن جي ھئڻ نہ ھئڻ سان ڪھاڻي يا نفس مضمون جي ربط، رنگ ۽ جوھر تي ڪو اثر نٿو پوي ۽ جيڪي پڙھندڙن لاءِ ويتر بار ٿين ھا). آسڪر وائلڊ (١٩٠٠-١٩٥٦ع) جو مڪمل تعارف ۽ پيا ڪوائف اسين پنھنجي ڪتاب **سزا جا سک** ۾ ڏئي چڪا آھيون جو پڻ ھن ليکڪ جي خطن ۽ مضمون جو ترجمو آھي. ساڳيو تعارف ھتي ورجائڻ بيکُھہ جو سبب ٿيندو. ھن ناول جو محبوب ھڪ بيحد خوبصورت ۽ امير ڇوڪرو آھي ۽، ھن جا طالب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوبي اهي گفتا ۽ جملا آهن جيڪي ايڪ پنهنجن ڪردارن- خاص ڪري هينري واٽسن- جي واتان چورايا آهن جن ۾ فڪر احساس ادراڪ ۽ فهم لطف ۽ لذت آهي. ۽ هي تہ محبت لاءِ جنس (ڇوڪرو يا ڇوڪري هئڻ) جي ڪا اهميت يا تخصيص ناهي.

آسڪروائلڊ کي عام طور تي لذتيت جي نظريي HEDONISM جو قائل ۽ وڏو پرچارڪ سمجهيو وڃي ٿو. برابر هن حسن پرستي ۽ جماليات پرستي کي هڪ ديني مسلڪ جو درجو ڏئي رس وگيان جي هڪ پنٿ جو بنياد بہ وڌو. هن تي هم جنس پرستي جون تهمتون بہ لڳيون، هنجي ڀرپور مخالفت ۽ نندا بہ ڪئي وئي ۽ هن جي خلاف تحريڪون هلايون ويون، هنکي جيل جي پوڳنا پوڳڻي پئي — پر اهي سڀ مرحلا هن جا نظرياتي تجربا هئا. هن ناول ۾ تہ هو ثابت ڪري ٿو تہ اهو لذتيت پرستي جو مسلڪ سخت هاڃيڪار آهي، فرد لاءِ بہ ۽ معاشري لاءِ بہ.

اسانجا نقاد حضرات هن ناول تي ڪهڙو بہ تبصرو ۽ ڪهڙي بہ تنقيد لکن، آءٌ ايترو چوڻ جو حوصلو ڪندس تہ هي ناول سچ پچ جادوءَ جهڙو اثر ڪندڙ ڪتاب آهي. باقي فيصلو، ترجمي جي محنت جو، حال ۽ مستقبل جي پڙهندڙن تي آهي.

**فضل احمد بچاڻي**

١٣٩-ب. گانڌي چونڪ

ٽنڊوالهيار سنڌ.

پهرين جولاءِ - ١٩٨٣ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اُدبي عمل

## جناب ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ خاص هن ڪتاب لاءِ لکيو

اڄ اسان انهيءَ دور مان گذري رهيا آهيون جنهن ۾ جيڪڏهن ويهي حساب ڪبو ته ليڪن جو تعداد ڪنهن حدتائين پڙهندڙن کان گهٽ نظر ايندو پر پوءِ به مزي جي ڳالهه آهي جو اسانجا اهي ”گهٽائي وارا“ عالم ۽ اديب خود پاڻکي ۽ ”ٿورائي وارن“ پڙهندڙن کي اهو نه سمجهائي سگهيا آهن ته ”علم ۽ ادب ڇا آهي ۽ ادبي عمل ڪهڙي شئي جو نالو آهي-؟“ بس هر ڪو اديب شاعر يا ذات ڏٺي پنهنجي ڏن ۾ پورو آهي جنهن کان جيترو پڇي ٿو اوترو ڪري ٿو. ڪو ڪو آهي جنهن علم ادب مان گڏ ادبي عمل کي ڌيان ۾ رکيو آهي.

ادبي عمل جي اهميت يا طريقه ڪار کي نظرانداز ڪرڻ ڪري اسانوٽ علم ادب جي ”موسمي ارتقا“ ٿيندي آهي، پوءِ اها موسم ڪڏهين ڪهاڻيءَ جي ٿيندي آهي ته ڪڏهين شاعريءَ جي، ڪڏهين اجلاسن جي ٿيندي آهي ته ڪڏهين تنظيمن جي، جنهن ۾ ڪوبه ربط نه پر فيشن ٿي بنيادي محور ٿي ڪم ايندو آهي.

حقيقت ۾ ”ادبي عمل“ جي پيڙه پنجن بنيادن تي

کي نورائي وجي رهيا آهن جن مان سائين فضل احمد بچاڻي
به هڪ آهي.

اسانجي ٻوليءَ جي جهولي ڀريندڙ هن انسان جو ڪجهه
اسانکي ڏنو آهي اهو اسانجي اڳيان آهي. هن سڀ کان
پهرين **سپون** جي صورت ۾ اسانکي جبران خليل جون
چونڊ ڪهاڻيون ڏنيون، ان بعد **نازبو** سندس طبعزاد افسانن
جو مجموعو آيو (۱۹۶۱)، انکان پوءِ **عاشي** جي صورت
۾ اسانکي انگريزي ادب جو مشهور ناول ڏنائين تازو جنهنجو
ٻيو ڇاپو به ڇپيو آهي، تنهن بعد **روح جي ڳولا، عجب
اسرار ۽ سڌارت** به اسانجي اڳيان آيا، سندس ستون
**ڪتاب آسيہ - عاشي جي واپسي** ۽ هي ڪتاب
اوهانجن هٿن ۾ آهي جو جڳ مشهور اديب **آسڪر وائلڊ**
جي ناول جو ترجمو آهي. هن ڪتاب ۾ جو ڪجهه ڏنو
ويو آهي انجو تفصيل فاضل مترجم جي پيش لفظ ۽ تعارف
۾ ڏنو ويو آهي انڪري آءٌ ساڳين ڳالهين کي ورجائڻ نٿو
گهران. آءٌ رڳو ايترو چوڻ گهران ٿو ته اڳ جڏهين
آسڪر وائلڊ جو نالو ڪچهرين ۾ محض انڪري ورتو
ويندو هو ته ٻڌندڙن کي اهو تاثر ملي ته نالي وٺندڙ آسڪر وائلڊ
کي پڙهيو آهي تڏهين هاڻي اديب جي نالي بدران خود
اديب کي آڻي اسانجي اڳيان ويهاريو ويو آهي ته هنکي
ٻڌئون ۽ سمجهون. هن اديب کي اڳ به هي مترجم هنجي
ڪهاڻين جي ترجمي ذريعي متعارف ڪرائي چڪو آهي،
انڪري سائين فضل احمد بچاڻي صاحب انهن اديبن کان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مختلف ٿي پوي ٿو جيڪي برهمڻ وانگر پنهنجي مطالعي يا ڄاڻ کي انهيءَ ڪري پنهنجي گوڏي هيٺان لڪائي ويهندا آهن ته جيئن ٻين جي گهٽ مطالعي يا اڻ ڄاڻائي جو فائدو ورتو وڃي. سائين ٻچاڻي صاحب هن ترجمي ذريعي عام پڙهندڙن سان اشتراڪ ڪري ٿو ۽ ٻين کي پنهنجي مطالعي ۾ شريڪ ڪري ٿو. سندس انهيءَ عمل کي ڏسي وڏڙن جو هي سخن ياد ٿو پوي ته: ”ونڊي کائجي ايمان پائجي.“

ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ

۲٦ نومبر – ۱۹۸۲ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڄو اسٽوڊيو گلاب جي خوشبوءِ سان واسيو پيو هو، آرهڙ جي هلڪي هوا هئي جنهن جي چور تي ٻاهرئين باغ جا وڻ ٽي، چريا ٿيءِ سوسن جي گلن جي تيز خوشبوءِ اندر لنگهي ٿي آئي. **لارڊ هينري واٽن،** هڪ پارسي چمڙي جي ديوان تي ليٽيو، عادت موجب سگريٽ مٿان سگريٽ ڦوڪيندو ٿي ويو. هن ڪليل دروازي مان انهن ڦڪن گلن جي ماکيءَ جهڙي نور جا جلوا ڇنيءَ طرح پئي ڏٺا جزجون ضعيف ڏانديون انهيءَ سونهن جو بار جهلڻ کان ڄڻ لاچار پئي ڏسڻ ۾ آيون. ٻاهر اڏامندڙ پکين جا پاڇا عجيب عجيب شڪلين ۾ دريءَ اڳيان پيل ڊگهن ۽ ٿلهن پردن تان ترڪي ٿي ويا، لنڊن شهر جو هلڪو، گوڙ گبوڙ پري کان وڄندڙ ڪنهن ساز جي هلڪن سرن وانگيان پئي ٻڌڻ ۾ آيو.

ڪمري جي وچ ۾، هڪ غير معمولي خوبصورت نوجوان جي آدمقد تصوير هڪ اوچي اسٽول سان جڪڙيل ايسي ڪري رکيل هئي ۽ ان جي سامهون ڪجهه پريرو انهي تصوير جو ڏاهيندڙ **باسل هالورڊ** ويٺو هو، جيڪو چند سال اڳ اوچتو ڪٿي روپوش ٿي ويو هو جنهن سبب عام لوڪ ۾ ڏاڍو جذباتي چوپول هليو هو.

هي چترڪار پنهنجي انهيءَ ماهراڻي ڪوشش سان چٽيل تصوير ڏانهن نهاريندو ٿي ويو ۽ سندس چهري تي

خوشيءَ جي سرڪ پڪڙجي اتي ٿي ٽڪي ٽي وئي— پوءِ اوچتو هو اتي ڪڙو ٿيو ۽ اکيون پوري پنهنجون آڱريون ڪٽي پنبڻين تي رکيائين ڄڻ ڪنهن عجيب خواب کي پنهنجي ذهن ۾ قيد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هجي تہ متان اهو خواب ٽٽي نہ پوي.

”باسل-! تو اڄ تائين جيڪي بہ تصويرون ٺاهيون آهن تن مان هيءَ تصوير تنهنجو بهترين شاهڪار آهي-“ لارڊ هينري موڪائي سان چيو- ”ايندڙ سال توکي اها تصوير گراسوينٽر اڪيڊمي ڏانهن موڪلڻ گهرجي. اها اڪيڊمي تمام وڏي بہ آهي ۽ بالڪل رواجي بہ. آءٌ جڏهن بہ اتي ويو آهيان تڏهن اتي يا تہ ايترا ماڻهو هوندا آهن جو تصويرون نہ ڏسي سگهندو آهيان يا وري ايتريون تصويرون هونديون آهن جو ماڻهو نہ ڏسڻ ۾ ايندا آهن، هڪڙي ڳالهہ بدحواس ڪندڙ تہ ٻي ان کان بہ بدتر، سچ تہ تصوير جي نمائش لاءِ اها ئي اڪيڊمي بهتر جاءِ آهي-“

”شايد هيءَ تصوير آءٌ ڪيڏانهن بہ نہ موڪليندس.“ باسل پنهنجي عادت موجب ڪنڌ کي پٺين طرف لوڏيندي جواب ڏنو. سندس انهيءَ انداز تي سندس دوستن کي اڪثر کل وٺي ويندي هئي. ”نہ- هيءَ تصوير آءٌ ڪيڏانهن بہ نہ موڪليندس.“

هينري پنهنجي نشي پريل سگريٽ مان ورورڪڙ ڪائيندي نڪرندڙ دونهين جي سنهي تهہ مان باسل کي اچرج سان گهوريو:

”ڪيڏانهن به ڪونه موڪليندين؟ ٻر چو دوست! ان لاءِ تو وٽ ڪهڙو سبب آهي، يار اوهين فنڪار ڪهڙا نه عجيب ماڻهو آهيو، جيڪي ڪجهه ڪريو ٿا سو فقط پنهنجو نالو چمڪائڻ لاءِ ٿا ڪريو ۽ جيئن ئي اوهان کي ناماچار ملي ٿو وڃي اوهين ان کي پري اڇليندا نظر ٿا اچو. ماڻهن کي پنهنجي بابت ڳالهيون ڪرڻ جو وجهه، آخر چونه ڏجي. هيءَ تصوير انگلينڊ جي نوجوان چترڪارن ۾ تنهنجو درجو بلند ڪري ڇڏيندي ۽ پيدا چترڪار جي جذباتي ٿي سگهيا ته توسان ريس ڪرڻ لڳندا.“

”مون کي خبر آهي ته تون مون تان کلندين، پر سچ ته آءٌ هن تصوير جي نمائش نٿو ڪري سگهان، هن تصوير ۾ تمام گهڻي حد تائين مون پنهنجو پاڻ کي ئي ظاهر ڪيو آهي.“

هينري کلڻ لڳو. باسل چوڻ لڳو:

”ها مون کي خبر هئي تون مون تان کلندين پر حقيقت اها ئي آهي.“

”هان! يار عجب آهي، اعتبار ئي نٿو اچي ته ڪو هن تصوير ۾ تو پنهنجي پاڻ کي ايتري حد تائين ظاهر ڪيو آهي، منهنجي خيال ۾ تون اهڙو هلڪي طبيعت جو به نه هئين. تنهن ڪان سواءِ تنهنجي گهري ۽ سخت چهري ۽ ڪوئلي جهڙن ڪارن وارن ۽ هن خوبصورت نوجوان ۾ ڪا مشابهت به ڏسڻ ۾ نٿي اچي. هن کي ته چڻ عاج ۽ گلاب جي پنڙين مان ٺاهيو ويو آهي. هي نوجوان ته

نرگس جي ڳل ڇهڙو ٻيو ڏسڻ ۾ اچي ۽ تون — بيشڪ
تون هڪ عقلي مورت جو مالڪ آهين تو وٽ عقل ادراڪ
جي واسطي سان سڀڪجهه آهي. پر، جتي شعور ۽ ادراڪ
ٻنهنجو اثر ڏيکارڻ لڳندو آهي اتي حسن غائب ٿـي ويندو
آهي، فهم جيئن ته مبالغي جو ذريعو آهي تنهنڪري اهو
حسن جي رچنا کي تباهه ڪريو ڇڏي. جنهن گهڙيءَ ڪو
شخص ويچار ڪرڻ ويهي ٿو .تنهن گهڙيءَ هن جو چهرو
بگڙيو وڃي، انهن ڪامياب ماڻهن ڏانهن ڏس جـي ڪنهن
سڌريل ڪاروبار ۾ پڙ آهن،انهن جي سڄي شخصيت ڪيڏي
نه ٻوائتي آهـي. هاـ البت عبادتخاني ۾ هـو ايڏا ٻوائتا نه
ڏسڻ ۾ ايندا آهن چاڪاڻ ته اتـي هنن کي نه ڪـا ڳڻتي
هوندي آهي نڪو فڪر، اسي سالن جي پوڙهي پادريءَ کي
به اتي اهـا ئي ڳالهه ورجائڻي هوندي آهـي جا هن ارڙهن
سالن جي ڄمار ۾ سکي. تنهنجو هي پراسرار نوجوان دوست،
جنهن جو نالو تو مون کي نه ٻڌايو آهي ۽ جنهن جي تصوير
سچ پچ مون کي موهي ڇڏيو آهي سو مون کي يقين آهي
ته ڪڏهن غور ۽ فڪر نه ڪندو هوندو. هي ته ڪو اهڙو
اربيلو خوبصورت وجود آهـي جنهن کي هتي سيارن ۾ به
هئڻ گهرجي جڏهن اسان وٽ ڏسڻ لاءِ ڪو گل نه هوندو
آهي ۽ آرڙه ۾ به هتي هئڻ گهرجي جڏهن اسين ڪنهن روح
رچندڙ شيءِ جا طالب هوندا آهيون، باسل، تـون پاڻ کي
پڏائين چو ٿو، هن نوجوان جـي ڀيٽ ۾ تون ته .ڪجهه به
نه آهين."

”توهان مون کي سمجهي نه سگهيو هينري.“ باسل چيو–
”آءٌ سمجهان ٿو ته آءٌ هن جهڙو نه آهيان، افسوس جي ڳالهه ٿيندي جي آءٌ پاڻ کي هن جهڙو سمجهان، بس تقدير جو لکيو سمجهه— تقدير، جا تواريخ جي هر دور ۾ انسان جي پٺيان لڳي وتي— بس سمجهه ته تنهنجو رتبو، تنهنجي دولت، منهنجو شعور، منهنجو فن ۽ ڊورين گري جو حسن، انهن سڀني خداداد شين بابت جيڪي لکيو آهي، تنهن لاءِ تيار رهڻو آهي.“

”ڊورين گري–؟ ڇا اهو هن نوجوان جو نالو آهي؟“ هينري باسل ڏانهن وڌندي پڇيو.
”ها. اهو ئي هن جو نالو آهي جو مون توکي ٻڌائڻ نٿي گهريو.“
”ڇو ڀلا؟“
”اهو بيان ڪرڻ مشڪل آهي، آءٌ جنهن هستيءَ کي شدت سان چاهيندو آهيان تنهن جو نالو ڪڏهن به ڪنهن کي نه ٻڌائيندو آهيان. محبوب جو نالو ظاهر ڪرڻ هن جو هڪ حصو ڪنهن جي حوالي ڪري ڇڏڻ جي برابر آهي، رازداري سان ته مون کي عشق آهي، آءٌ ڀانيان ٿو رازداري ئي هڪ اهڙي شئي آهي جا جديد زندگي کي پراسرار ۽ عجيب بڻائي سگهي ٿي. هڪ رواجي ڳالهه کي به جيڪڏهن لڪائجي ته اها پرلطف بڻجي سگهي ٿي، هونئن ته اها هڪ احمقائي عادت آهي پر اها زندگيءَ کي ته پرلطف بڻايو ٿي

چڏي، آءٌ پاڻيان ٿو انهيءَ حساب سان تون مون کي هڪ خطرناڪ بيوقوف سمجھندو هوندين.“

”بالڪل نه_! باسل يار، پاڻيان ٿو تو اهو وساريچڏيو آهـي ته آءٌ پرڻيل آهيان ۽ شاديءَ جي مزن مان هڪڙو مزو اهو به آهي ته زال مڙس جو هڪ ٻئي کي فريب ڏيڻ لازمي ٿيو پوي. هاڻي ڏس ته نه مون کي پنهنجي زال بابت اها خبر آهي ته هوءَ ڪٿي آهي نه هن کي اها خبر آهي ته آءٌ ڇا پيو ڪريان. جڏهن اسين ملندا آهيون ___ ۽ اسين بس اتفاق سان ڏي هڪ ٻئي ســان ملندا آهيون ___ تڏهن اسين ڏاڍا گنڀير چهرا بنائي هڪ ٻئي کي ٻنهه اجايا سجايا افسانا گهڙي ٻڌائيندا آهيون ۽ ان معاملي ۾ منهنجي زال مــون کان وڌيڪ ڪامياب ثابت ٿيندي آهي. ڪڏهن آءٌ چاهيندو آهيان ته منهنجي گهر مان غائب هئڻ تـي هوءَ ڪو گوڙ گبوڙ ڪري پر منهنجي انهيءَ خواهش تي هوءَ ڪلي ڏيندي آهــي.“

”انهيءَ موضوع تي تنهنجي اهڙي گفتگو مــون کي اصل ڪاڻ وٺي.“ باسل باغ واريءَ دريءَ وٽان ڦيروڪندي چيو. ”منهنجو يقين آهي ته تون واقعي هڪ بهترين مڙس آهين پر خــود پنهنجين خوبين تــي ڏي شرمندو ٿيڻ وارو، تون هڪ بهترين ساٿي آهين ڪا صحيح ڳالهه چوڻ وارو نه آهين ته ڪو غلط عمل ڪرڻ وارو به نه آهين. تنهنجي اها تکي طبعيت فقط هڪ ڍونگ آهي.“

”فطري هلت هلڻ هڪ چڙ ڏياريندڙ ڍونگ ڏي آهي.“

هينري وڏو ٽهڪ ڏنو.

تنهن بعد هو ٻئي جوان ٻاهر باغ ۾ هليا آيا ۽ گلن جي هڪ وڏي ٻوڙي جي آڏو پيل بانس جي هڪ بينچ تي ويهي رهيا. لسن پنن تي اس پئي جرڪي ۽ گاهه ۾ ننڍا ننڍا اڇا گل لڏي لمي رهيا هئا. ٿوري دير بعد هينري پنهنجي واچ ڪڍي ڏسندي چيو. ”اوهو، هاڻي مون کي هلڻ گهرجي، مگر، وڃڻ کان اڳ تو کان پنهنجي سوال جو جواب گهرندس.“

”ڪهڙو سوال؟“ چترڪار فرش تي اکيون کپائيندي چيو.

”اهو ئي ته آخر ڇو تون ڊورين گري جي تصوير جي نمائش نٿو ڪرڻ چاهين.؟“

”اصل سبب مون تو کي ٻڌائي ڇڏيو آهي.“

”تو فقط ايترو چيو ته ان تصوير ۾ تو گهڻي قدر پنهنجو پاڻ کي پيش ڪيو آهي، هاڻي اها ته هڪ ٻاراڻي ڳالهه ٿي نه ـــ“

”هينري“ باسل سنئون سڌو هن ڏانهن نهاريندي چيو. ”جيڪا تصوير شوق ۽ جذبات سان ٺاهبي آهي سا تصوير چٽڪارڻ واري جي نه پر خود چترڪار جي ئي تصوير هوندي آهي، تصوير چٽڪارڻ وارو ته محض هڪ اتفاق هوندو آهي ۽ ڪينوس جي رنگن ۾ انهيءَ جي بدران مصور پنهنجو پاڻ کي ٺاهيندو آهي، هن تصوير جي نمائش کان نٽائڻ جو سبب هي آهي جو انهيءَ ۾ مون پنهنجي روح جو راز ظاهر ڪيو آهي.“

”۽ اهو راز ڇا آهي؟“ هينري کلندي چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان سٽيل صاحب سان ڳالهيون ڪندو رهيس، تنهن بعد مون کي اوچتو احساس ٿيو ته ڪو شخص مون ڏانهن نهاري رهيو آهي، مون ڪنڌ ورايو ۽ ڊورين تي پهريون دفعو منهنجي نظر پئي، اسان جون نظرون هڪ ٻئي سان ٽڪريون ته مون پاڻ تي ڪو جادو ٿيندو محسوس ڪيو، مون تي هيبت طاري ٿيڻ لڳي ۽ آءٌ سمجهي ويس ته آءٌ هڪ اهڙي انسان جي روبرو ٿيو آهيان جنهن جي محض شخصيت ئي ايتري موهيندڙ آهي جو ان کي موقعو ڏجي ته جيڪر هو منهنجي ذات، منهنجي روح ۽ منهنجي فن کي ڪامل طرح پاڻ ۾ جذب ڪري وٺي، مون زندگيءَ ۾ ڪڏهن به نه چاهيو ته ڪو خارجي عنصر مون تي اثرانداز ٿي وڃي، توکي ته خبر آهي ته آءٌ آزاد سڀاءَ جو ماڻهو آهيان ۽ هميشه فقط پنهنجي ئي حڪم ۾ رهيو آهيان پر اها خودي مون ۾ فقط اوستائين هئي جيستائين مون ڊورين کي نه ڏٺو هو، هاڻي توکي ڪيئن ٻڌايان ته هن کي ڏسندي ئي مون کي ڄڻ ڪنهن آگاهه ڪري ڇڏيو ته آءٌ پنهنجي زندگيءَ جي هڪ نازڪ موڙ تي پهچي ويو آهيان، مون محسوس ڪيو ته منهنجي مقدر ۾ اچا ڪي نراليون خوشيون ۽ ڪي سهڻا سهڻا سور آهن، آءٌ خوف کائڻ لڳس ۽ ڪمري مان نڪرڻ لڳس — اهو منهنجو شعور يا ضمير نه هو جنهن مون کي اتان ئي وڃڻ تي مجبور ڪيو پر اها منهنجي بزدلي هئي، آءٌ نه چوندس ته اتان ڀڄڻ جي ڪري مون ڪو همت جو ڪم ڪيو...."

چال جا هوندا آهن تن ساان فقط عليڪ سليڪ جو رستو رکندو آهيان، ۽ جيڪي داناء هوندا آهن تن کي پنهنجو دشمن بنائيندو آهيان. پنهنجو دشمن چوندڻ ۾ ڪير بـ ايتري خبرداري ڪان ڪم نتو وٺي سگهي، منهنجن دشمنن ۾ ڪوبہ توکي نادان ۽ بيوقوف نظر نہ ايندو، ۽ اهو ئي سبب آهي جو هو مون کي ڏاڍو مڃين ٿا."

"تڏهن تنهنجي انهيءَ درجي بندي موجب آءٌ تنهنجو فقط واقفڪار ٿيس_"

"تون تہ مون لاءِ هڪ واقفڪار کان گهڻو وڌيڪ آهين_"

"۽ هڪ دوست کان گهڻو گهٽ_؟ شايد هڪ ڀاءُ جهڙو_؟"

"اوهو، ڀاءُ جي آءٌ ڪڏهن پرواه ئي نہ ڪندو آهيان، منهنجو وڏو ڀاءُ آهي جو مرڻ جو نالو نتو وٺي ۽ منهنجي ننڍي ڀاءُ کي دنيا ۾ جڻ ڪو ڪم ڪار ئي ڪونهي...."

"چا پيو چوين_؟"

"پيارا دوست_! ڪٿي آءٌ بالڪل سنجيدگي سان نہ پيو چوان پر آءٌ پنهنجن مائٽن سان نفرت ڪرڻ کان سواءِ بہ نتو رهي سگهان، شايد ان جو سبب اهو هجي جو اسان مان ڪوبہ شخص ڪنهن بہ اهڙي شخص کي برداشت نتوڪري سگهي جنهن ۾ اهي ساڳيا عيب هجن جي خود منجهس آهن. پنهنجي عوام کي ڏس تہ قانون جي خلاف ڪيڏي نہ ڪاوڙ ۽ ڪروڌ اٿن، هو چاهين ٿا تہ بدمستي، بداخلاقي ۽ مورڪپڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا رکيو هو پاڻ مالڪ مختيار هجن ۽ جـي پلا انهن حقن جـي استعمال ۾ ڪو بنهه گنڍهه بنجي تــو وڃي ته به چڻ پنهنجي ئي خـزاني مـان تو چوري ڪري تنهن ۾ ڪنهن ٻي جو چا وڃي!"

"آءٌ تنهنجي راءِ سان اصل سهمت ۾ نه آهيان ۽ پڪ اٿم ته تون پـاڻ پنهنجي راءِ سان سهمت نــه آهين، وڌيڪ چا ٿو چوين—؟"

"راءِ جي قدر ۽ قيمت جو، راءِ ڏيڻ واري جي خلوص سان ڪوبه واسطو نه هوندو آهي. خير— سياست، معاشرت ۽ روحانيت تي ويهي بحث تڪرار ڪرڻ جو منهنجو ڪوبه ارادو ڪونهي آءٌ اصولن کان وڌيڪ ماڻهن کي پسندڪندو آهيان ۽ جن ماڻهن جو ڪو اصول نه هوندو آهـي تن کي دنيا جي هر شئي کان بهتر ڀانئيندو آهيان. هائي تون ڊورين گري بابت ڪجهه وڌيڪ ٻڌاءِ تون هن سان ڪڏهن ملندو آهين—؟"

"آءٌ هن سان روز ملندو آهيان، هن کي ڏسڻ کان سواءِ آءٌ خوش ئي نٿو رهي سگهان هو منهنجي لاءِ هڪ انتهائي ضروري شئي بنجي ويو آهي."

"ڪهڙي نه عجيب ڳالهه آهــي. مون ڀانيو ته تو کي فقط پنهنجي فن سان چاهه هوندو—"

"هائي ته بس هـو ئي منهنجي لاءِ منهنجو فن آهي."

باسل گمڀير ٿيندي چيو.

"هينري آءٌ ڪڏهن سوچيندو آهيان ته دنيا جي تاريخ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ فقط ٻه اهم دور هوندا آهن. هڪڙو فن لاءِ ڪنهن نئين ذريعي جو ظاهر ٿيڻ ۽ ٻيو فــن لاءِ ڪنهن نئين شخصيت جو ظاهر ٿيڻ. جيئن حسن جي ديوي وينس جا نقش ۽ نشان مصوري جي فن کي چمڪائڻ جا سبب ٿيا، جيئن سنگتراشن انتينوس* جي صورت ڏسي سهڻا ۽ من موهيندڙ بت ٺاهيا، تهڙي طرح ڊورين گري جي صورت به منهنجي فن لاءِ هڪ نئون ۽ نرالو ذريعو ۽ منهنجي فن جو حسن بڻجي ويندي. رڳو ائين ڪونه ٿيندو ته جيئن جي صورت ۽ شخصيت کي ڪينوس تــي چٽي ٿو چڏيان ـــ بيشڪ منهنجو عمل تــه اهو ئي آهــي ـــ پر منهنجي لاءِ هو هڪ ماڊل يا تصوير چٽڻ واري ڪان گهڻو وڌيڪ آهي. آءٌ ائين به نه چوندس ته آءٌ هن جي صحيح تصوير اڪيرڻ ۾ ناڪام ٿيو آهيان يا سندس سونهن اهڙي آهي جــو فن جي ذريعي ظاهر نٿي ڪري سگهجي، ـــ دنيا ۾ اهڙي ڪابه شئي ناهي جنهن کي فن بيان نه ڪري سگهي ـــ آءٌ ڄاڻان ٿو ته ڊورين گري

---

* انتينوس، بٿيانا جي شهر ڪلاڊيو پولس جو هڪ بيحد خوبصورت ڇوڪرو هو ۽ شهنشاه هادريان جو منظور نظر هو. هن نيل نديءَ ۾ ٽپو ڏئي آپگهات ڪيو هو جنهن تي انهيءَ شهنشاه وڏا خرچ ڪري هن جون يادگارون قائم ڪيون. فن، ۽ خاص ڪري سنگتراشي ۽ مصوري جي فن جو هو پنهنجي حسن سبب خاص موضوع رهيو آهي. [١٣٠ قبل مسيح] (مترجم)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي هيءَ تصوير منهنجي زندگيءَ جو بهترين شاهڪار آهي، شايد تون منهنجي ڳالهه نه سمجهي سگهين. ٻورين گرڪي جي شخصيت مون کي پنهنجي فن ۾ هڪ بالڪل نئين ڏانءَ ۽ نئين طرز اختيار ڪرڻ جو اشارو ڏنو آهي، هڪ نئين عبارت ڏسي آهي. هاڻي مون کي هر شيءِ بدليل ٿي ڏسڻ ۾ اچي ۽ منهنجي سوچ جو انداز به بدلجي چڪو آهي. هاڻي آءٌ زندگيءَ جي تصوير انهيءَ طرز تي چٽي سگهان ٿو جا اڳ مون کان لڪل هئي. ٻورين منهنجي لاءِ ـ ”تصور جي تنهائيءَ ۾ هڪ صورت جو خواب ـ“ بڻجي ويو آهي. انهيءَ ڇوڪري جو فقط موجود هئڻ ـــ هينري تون اصل اندازو نٿو لڳائي سگهين ته هن جو فقط ظاهري وجود ڪيتري اهميت رکي ٿو ـــ ها، مون لاءِ هو هڪ ڇوڪرو آهي جيتوڻيڪ هن جي عمر ويهن ورهن کان مٿي ٿيندي ـ! منهنجي لاشعور ۾ هو هڪ نئين مڪتب جو نقشو چٽي رهيو آهي جنهن ۾ روماني سپاءَ جي هر جذبي کي اپاريو وڃي ٿو ۽ ان جي اظهار جي سگها ڏني وڃي ٿي. روح جي راحت ۽ جسم جي راحت ٻئي هڪٻئي سان ڪيتري قدر نه لاڳاپيل آهن ـ! ۽ اسان وري چريائي ڪري ٻنهي کي هڪٻئي کان الڳ ڪري ٻنهي ۾ فرق ڄاڻائي ڇڏيو آهي ۽ اهڙي ”حقيقت شناسي“ ايجاد ڪري ورتي اٿئون جا نسوري پوڪپائي آهي؛ هڪ اهڙو تخيل کولي ڪڍيو اٿئون جو باطل آهي.... هينري، ڪاش تون فقط ايترو ڄاڻي سگهين ته ٻورين منهنجي لاءِ ڇا آهي ـ! توکي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ياد آهي ته مون هڪ لينڊ اسڪيپ جي تصوير ناهي هئي، ان لاءِ اڱنيو مون کي ڪيڏي نه وڏي قيمت تي ڏني مگر مون تصوير وڪڻڻ کان صفا انڪار ڪري ڇڏيو هو جو اها تصوير منهنجي فن جو بهترين ڪارنامو هئي، خبر اٿئي ڇو_؟ ان ڪري جو جنهن وقت آءٌ اها تصوير ناهي رهيو هوس ان وقت ڊورين گري منهنجي پر ر ۾ ويٺل هو، هن جي موجودگي منهنجي ذهن کي ايترو ته روشن ڪري ڇڏيو جو زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو مون کي انهيءَ سادي جهنگلي ميدان ۾، جنهن جي مون تصوير ٺاهي هئي، اهي اهي معجزا ۽ چمتڪار پئي ڏسڻ ۾ آيا جن کي ڏسڻ لاءِ آءٌ هميشه سڪندو هوس....“

”باسل_! اهي ڳالهيون ته واقعي ڏاڍيون عجيب ۽ اڻ رواجي آهن. تڏهن آءٌ ڊورين گري کي ضرور ڏسندس.“

باسل هالورڊ اهو ٻڌي اٿي کڙو ٿيو ۽ چبر تي ٽهلڻ لڳو، ٿوري دير رکي هن هينري جي ويجهو اچي چيو:

”ڏس هيري، ڊورين گري مون لاءِ محض فن جو هڪ محرڪ آهي، سبب آهي، ذريعو آهي، تون سگهي ٿو تو کي هن ۾ ڪجهه نظر نه اچي مگر مون کي هن ۾ سڀڪجهه ٿو نظر اچي، منهنجي جنهن تصوير ۾ هن جو عڪس موجود ناهي سا تصوير چڱي مون نه ناهي آهي، آءٌ چئي چڪو آهيان ته هو منهنجي فن ۾ هڪ نئين طرز جو سبب آهي، هو مون کي ڪن ليڪن جي ورن وڪڙن ۾ ملي ويندو آهي ۽ رنگن جي سونهن ۽ سوڀيا ۾ نظر ايندو آهي ۽ بس_“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي ڏيکاريندس تہ حسن جو جوهر ڇا آهي ۽، اهو ئي سبب آهي جو دنيا منهنجي هن ٻورين گري جي تصوير کي ڪڏهن بہ نہ ڏسي سگهندي.“

”منهنجي خيال ۾ تون غلط چئي رهيو آهين باسل. خير آءٌ توسان بحث نہ ڪندس، بحث اهي ڪندا آهن جن جي مت ڪسجي ويندي آهي. بهرحال تون سون کي ٻڌاءِ تہ ڇا ٻورين بہ توکي ڏاڍو گهري ٿو...؟“

مصور ٿوري دير لاءِ سوچ ۾ پئجي ويو. تنهن بعد چوڻ لڳو:

”هو مون کي پسند ڪري ٿو، آءٌ ڄاڻان ٿو تہ هو مون کي چاهي ٿو. بيشڪ آءٌ هن جي چاپلوسي بہ گهٽي ڪندو آهيان. دراصل مون کي هن سان اهي ڳالهيون ڪرڻ ۾ ڏاڍو مزو ايندو آهي جي ڪرڻ جهڙيون نہ هونديون آهن. عام طور تي هتي اسٽوڊيو ۾ ويٺي آءٌ هن جي حسن جي جادوءَ ۾ منجهي ويندو آهيان ۽ پوءِ اسان جي وچ ۾ هزارين ڳالهيون ٿي وينديون آهن ۽ هو وري اهڙو بي خيالو ۽ بي نياز بڻجو وڃي جنهن جي حد ئي ڪانهي، مون کي ستائڻ ۾ هن بيدرد کي ڏاڍو مزو ٿو اچي، تڏهن مون کي ائين محسوس ٿيندو آهي ڄڻ مون پنهنجي دل هڪ اهڙي شخص جي حوالي ڪري ڇڏي آهي جنهن جي نظر ۾ دل تہ بس هڪ ڪوٽ جي ڪالر ۾ لڳائڻ جو هڪ گل آهي يا پنهنجي سگهڙي شخصيت کي چمڪائڻ جي ڪا چمڪدار شئي يا آرهڙ جي مند ۾ پائڻ جي ڪا شئي....“

”آرهڙ جا ذهن هميشه ڏکيا ۽ اينگهندڙ هوندا آهن ۽ شايد انهيءَ ڪان به اڳ جو هو تومان بيزار ٿي پوي تون پاڻ هن ڪان بيزار ٿي پوندين. اها ڳالهه آهي ته افسوس جهڙي پر اها حقيقت آهي ته سياڻپ سونهن ڪان وڌيڪ جٽاءُ ڪندي آهي، اهو ئي سبب آهي جو اسين حد ڪان وڌيڪ علم حاصل ڪرڻ لاءِ ڏاڍيون جاکوڙون ڪندا آهيون، پنهنجي بقا جي وحشياڻي جدوجهد ۾ اسين اهي اهي شيون پيا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون جيڪي گهڻو وقت جٽاءُ ڪندڙ هجن، انهيءَ ڪوشش ۾ اسان جي ذهن ۾ اجايون توڙي سجايون سڀ ڳالهيون اچي ڳاهٽ ٿينديون آهن ۽ اسين انهيءَ احمقاڻي خوش فهميءَ ۾ مبتلا رهندا آهيون ته اهڙي طرح اسان جا پير مضبوط پيا ٿين. اسان جو جديد نظريو هي آهي ته انسان جو ذهن هر ڳالهه ڪان پوري طرح باخبر هئڻ گهرجي جڏهن ته اهڙو هر ڳالهه ڪان باخبر ذهن مورڳو هڪ خطرناڪ پوائنٽي شئي بنجو وڃي، اهڙو ذهن ته بالڪل هڪ ڪاباڙيءَ جو دوڪان بنجي ويندو آهي جنهن ۾ ديچاريندڙ پيوت سامان رکيل هوندو آهي ۽ جنهن جي قيمت به اصل قيمت ڪان هميشه وڌيڪ هوندي آهي. خير تون هن ڪان اڳ ئي هن مان ڪڪ ٿي پوندين ۽ تڏهن توکي هن ۾ ۽ پنهنجي هن تصوير جي نقشي ۽ رنگن ۾ گهڻو تفاوت نظر ايندو، پوءِ ته توکي خود هن جو رنگ به نه وڻندو، تون پنهنجي دل ۾ هن کي پاراتا ڏيندين ته هن توسان ڏاڍا ڪلور ڪيا، هو تو وٽ هلي ايندو ته

هوندن به کنهن جي سونهن جـي شناس ۽ قـدر نه ڪري سگهنديون آهن ـــ هن فقط ايترو ٻڌايو ته ڊورين ڏاڍو باذوق ۽ سهڻي سڀاءَ وارو نوجوان آهي، تڏهن مون سمجهيو ته هو ڪو ڏڪهن وارن وارو چتڪمڙو مـاڻهو هوندو، نڪ تـي عينڪ اٽڪيل هوندس ۽ ڏڦير جهڙن پيرن سان ٽاپ ٽاپ ڪري هلندو هوندو. ڪاش ان وقت خبر هجيم ها ته اهو ئي تنهنجو دوست آهي ـ!“

”ڏاڍي خوشي جي ڳالهه، ٿي جو توکي خبر نه هئي.“

”ڇو ـ؟“

”آءٌ نٿو چاهيان ته تون ڊورين سان ملين.“

”تون نٿو چاهين ـ؟“

”نه ـ آءٌ نٿو چاهيان.“

ايتري ۾ نوڪر اچي اطلاع ڏنو ته مسٽر ڊورين گري اچي ويو آهي ۽ اسٽوڊيو ۾ انتظار ڪري رهيو آهي. لارڊ هينري کلي باسل کي چيو:

”هاڻي ته ڊورين سان منهنجو تعارف ضرور ڪرائيندين.“

باسل پنهنجي نوڪر کي جو آس ۾ بيٺو اکيون ڇنيي رهيو هو چيو.

”پارڪر، تـون مسٽر ڊورين کي چئه تـه ٿورو وقت ترسي آءٌ ٿوري دير ۾ اچان ٿو ـ“

نوڪر ادب سان ڪنڌ نوڙايو ۽ هليو ويو. باسل هاڻي هينري کي مخاطب ٿيو:

”ڊورين گري منهنجو پياري ۾ پيارو دوست آهي هينري،

هو ڏاڍي سهڻي ۽ سادي سلوڻي سڀاءَ جـو آهي، مهربـاني ڪري هن کي بگاڙڻ جي ڪوشش نہ ڪجان، هن تي پنهنجو اثر نہ وجهجان، تنهنجو اثر هـن کي بگاڙي ڇڏيندو، ڏس هن هيڏي ساري سنسار ۾ ٻيا بہ گهٽائي خوبصورت ماڻهو موجود آهن، مون کان اهي هستي ڦري نہ ونجان جا پنهنجو سچو حسن منهنجي فـن لاءِ پيش ڪري رهـي آهي، هڪ فنڪار جي حيثيت سان منهنجي سچي زندگي هاڻي هن جي محتاج آهي، ڏس هيري، منهنجي اعتبار کي دوکو نہ ڏجان.“

باسل اهي جملا ڏاڍي آهستگي سان چيا جي جڻ سندس مرضيءَ جـي برخلاف هنکي ڏاڍي تڪليف ڏيندي هنجي دل مان ٿي نڪتا.

”ڪهڙيون بيوقوفي جون ڳالهيون ٿو ڪرين.“ لارڊ هينري اٿين چوندي بـاسل کي ٻانهن کان وٺي ڄڻ هنکي گهليندو اسٽوڊيو ۾ وٺي آيو.

[٢]

هو ٻئي اسٽوڊيو جي ڪمري ۾ داخل ٿيا تہ ڊورين گري کي پيانو وٽ ويٺو ڏٺائون، هو سچو مئنس جون ڻاهيل پيلن جون تصويرون ڏسي رهيو هو. باسل کي ڏسي هن هلڪي رڙ جي انداز ۾ چيو:

”باسل هـي تصويرون تہ ڪجهہ وقت لاءِ مـون کي ڏجان، آءٌ انهن جو اڀياس ڪرڻ چاهيان ٿو واقعي ڏاڍيون دلڪش تصويرون آهن.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”خير- پر ڏسان ٿو اڄ تون تصوير ٺهرائڻ لاءِ ويهڻ جو ڪهڙو انداز ٿو ڳاهين، تصويرون ڏيڻ جو دارومدار به تنهنجي انداز تي آهي.“

ڊورين اهو ٻڌي هڪ البيلي ننڍڙي ٻار وانگر ماٺو ڪندي جواب ڏنو:

”اون هون، آءٌ ته پوز ڏئي ڏئي هاڻي بيزار ٿي پيو آهيان، مون کي پنهنجي ايڏي وڏي تصوير نه گهرجي جيڏي منهنجي حياتي آهي....“ اتي هن جي نظر لارڊ هينري تي پئي ته چهري تي حيا جي هلڪي لالاڻ اچي ويس، هو اسٽول تان اٿي بيٺو.

”معاف ڪجان باسل، مون کي خبر نه هئي ته ڪو پيو به توسان گڏ آهي.“

”هي آهي لارڊ هينري واٽن، منهنجو آڪسفورڊ جو جهونو يار، اڄهو هاڻي ئي ته مون هن کي ٻڌايو پئي ته تصوير لاءِ تنهنجي ويهڻ جو انداز ڪيڏو نه سهڻو آهي، پر خير هينئر ته اهو نظارو ئي بگڙي ويو.“

”مگر مون کي اوهان سا ملڻ جي خوشي ٿي آهي تنهن ۾ توهان جي انداز جي تبديليءَ ذرو به فرق نه وڌو آهي.“ هينريءَ پنهنجو هٿ وڌائيندي چيو. ”منهنجي چاچي اڪثر تنهنجو ذڪر ڪندي آهي، هوءَ تو کي ڏاڍو پسند ٿي ڪري پر.... انديشو اٿم ته تون هن جو شڪار به بنجي ويو آهين.“

”اڄڪلهه ته آءٌ سندس ناپسنديده شخصيتن مان هڪ آهيان.“ ڊورين ڏيرج سان هڪ ڏاڍي وڻندڙ ادا سان چيو.

”گذريل اڱاري تي مون هن سان ڪلب ۾ هلڻ جو وعدو ڪيو هو پر پوءِ مون کي پنهنجو وعدو ياد ئي نه رهيو، اتي اسان کي ٽي ڳانا گڏجي ڳائڻا هئا، هائي هوءَ الائي ڇا چوندي هوندي.“

”خير آءٌ چاچيءَ سان تنهنجو ناه ڪرائي ڇڏيندس توتي هن کي پورو ويساه آهي، آءٌ سمجهان ٿو تنهنجي اتي نه پهچڻ سان ڪو فرق به نه پيو چاڪاڻ ته چاچي اڪاتا جو ڳانو ٻڌي به ماٺهن ائين سمجهو هوندو ته گهٽ ۾ گهٽ به ٽڪا ويئا ڳائين، هوءَ اجها اهڙي سريلي آهي.“

”ايترو سريلو هئڻ خود هن کي به ڪونه وڻي ۽ نه مون کي.“ ڊورين ڪلندي چيو.

....لارڊ هينري ڊورين تي ڀرپور نظر وڌي - واقعي هن جي سونهن نرالي هئي-! ڏاڍي ڪاريگري سان ڪڪوريل ڳاڙها چپ، ڀڀاڪ نيريون اکيون، پورا ۽ سونهري وار ۽ چهرو اهڙو جو ڏسڻ وارو ڏسندي ئي مٿس ويساه ڪري ويهي، ڀرپور قوه جواني ۾ نکار به هو ته پاڪيزگي ۽ شائستگي ۽ جوش به، ڏسڻ وارو جيڪر ڏسندي ئي سهي ڪري وڃي ته هن الهڙ جوان کي دنيا جو اجـا ڪو داغ نه لڳو آهي. برابر، جي باسل هن کي پوڇيو ٿي ته اها ڪا اچنبي جي ڳالهه نه هئي-!

”تون نهايت خوبصورت آهين مسٽر ڊورين گري-“
هينري ائين چئي ديوان تي ليٽندي پنهنجو سگريٽ ڪيس ڪوليو. باسل هيستائين رنگ ملائڻ ۽ برش تيار ڪرڻ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻجي ڏاري گهر تي ٿي هوندو آهيان، تون اچڻ جو اطلاع ضرور ڏجان آءٌ خوشي پائي انتظار ڪندس."

"باسل-" ٻورين چڻ رڙ ڪئي. "جي هينري وڃي ٿو هليو ته پوءِ آءٌ به هليو ٿو وڃان. تصوير ناهيندي تنهنجا چپ ته چڻ سبجو وڃن ۽ آءٌ هڪڙي صندل تي ٻيهي ٻيهي بيزار ٿيو پوان، هينري کي چئو ته ترسي، بس آءٌ جو چوان ٿو-"

"ترسي پئه هينري، ٻورين جي خاطر ۽ پڻ منهنجي خاطر" باسل پنهنجي تصوير ۾ اکيون کپائيندي چيو. "برابر ڪم ڪرڻ وقت آءٌ نڪو پاڻ ڳالهايان نڪو ڪنهن جي ڳالهه ٻڌان، مهرباني ڪري ترسي پئه."

"پر منهنجا دوست پيا انتظار ڪندا هوندا."

"آءٌ نٿو پائيان ته تنهنجي نه وڃڻ سان هنن کي ڪجهه ٿي پوندو." باسل کلندي چيو. "مهرباني ڪري ويهي رهه، ۽ تون مسٽر گري، هاڻي تون اچي صندل تي ويهه پر ڏس، نه گهڻي چرپر ڪجان نه هينري جي ڳالهين ڏانهن گهڻو ڌيان ڏجان، هن جا دوست هن کان گهڻو ڪري متاثر ٿي ويندا آهن سواءِ منهنجي."

ٻورين گري چڻ لاچار ٿيندي صندل ڏانهن وڌيو ۽ هينري ڏانهن ڪجهه اهڙي انداز سان نهاريائين چڻ ڪنهن ڳالهه تي ڪاوڙ اٿس، اها به هن جي هڪ ادا هئي. هينري ۾ هو چاهه وٺڻ لڳو هو، باسل ۽ هينري ۾ فرق به ته گهڻو هو— هڪ نهايت ئي عجيب فرق—!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندن روح هميشه اگهاڙا ۽ بکيا رهن ٿا، اسان جي قوم مان حوصلو ته بالڪل ئي غير حاضر ٿي ويو آهي شايد حوصلي جهڙي ڪا شئي اسان وٽ هئي ئي ڪانه. سماج جو خوف جيڪو اخلاق جو بنياد آهي ۽ خدا جو خوف جيڪو مذهب جو بنياد آهي- اهي ٻئي اثر اسان تي حڪمراني ڪندڙ آهن مگر ان هوندي به...."

"ڊورين، هاڻي پنهنجو ڪنڌ ٿورو ساڄي پاسي ڏانهن وراءِ." باسل هينري جي ڳالهه ڪٽي. ظاهر ۾ هو پنهنجي ڪم ۾ محو هو پر اهو به ڏٺائين پئي ته ڊورين جي چهري تي هن وقت هڪ اهڙي ڪيفيت هئي جا هن اڳ ڪڏهن نه ڏٺي هئي.

"....پر ان هوندي به-" هينري ڳالهه جو سلسلو جاري رکيو. هن جي آواز ۾ ميٺاج هو ۽ هن جا هٿ ڏاڍي نزاڪت ۽ وڻندڙ انداز سان ٿي چريا پريا. اهي هن جون خاص خوبيون هيون- "ان هوندي به، منهنجو ايمان آهي ته جيڪڏهن اڄ جو انسان هڪ ڪامل ۽ ڀرپور زندگي گذارڻ چاهي ٿو ته پوءِ هن کي پنهنجي هر احساس کي هڪ صورت، هر خيال کي اظهار ۽ هر خواب کي هڪ حقيقت بڻائڻو پوندو ۽ پوءِ مون کي يقين آهي ته دنيا ۾ خوشي ۽ سرهائي جون اهي موجون پلٽجي پونديون جو اسين پاڻ کي يونان جي سونهري دور، بلڪ انهيءَ کان به، وڌيڪ حسين ۽ رنگين دور ۾ محسوس ڪنداسين، پر افسوس اهو آهي جو اسان جو بهادر کان بهادر ماڻهو به پنهنجو پاڻ کان ئي خوف ٿو کائي.

پرهيزگاري ۽ نفس ڪشيءَ جي خيال ۽ عمل هميشه اسان جي حياتين کي برباد ڪيو آهي، اسين نعمتن کان انڪاري ٿيون، تا ۽ ان جي اسان کي چڱي، ووچاري، سزا مليو وڃي يعني اسين خوشين ۽ مسرتن کان پاڻ کي محروم ڪريو ڇڏيون، اسين پنهنجين خواهشن کي گهُٽي تا ڇڏيون ته اهي اسان جي دل دماغ ۾ سڙڻ لڳن ٿيون ۽ اتي زهر پکيڙڻ لڳن ٿيون، جسم فقط هڪڙي پيري گناه ڪندو آهي سو هو ڪري چڪو آهي، عمل ته پنهنجي پاڻ کي پاڪ ڪرڻ جو هڪ وسيلو آهي ڇاڪاڻ ته گناه ڪرڻ کان پوءِ يا ته ياداشت ۾ هڪ عجيب لذت يا پڇتاءُ جو هڪ عجيب لطف باقي رهجي ويندو آهي. ڪنهن خواهش کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جو بهتر طريقو هي آهي ته پنهنجو پاڻ کي ان خواهش جي حوالي ڪري ڇڏجي، ڪنهن خواهش کي دٻائي ٿو رکجي ته روح ان جي پوري ٿيڻ لاءِ سڪندو ۽ سڙندو رهي ٿو. جيئن چوندا آهن ته دنيا جا وڏا وڏا واقعا دل ۽ دماغ ۾ پيدا ٿيندا آهن تيئن هيءَ به حقيقت آهي ته وڏا وڏا گناه به دل ۽ دماغ ۾ ئي پيدا ٿيندا آهن. ۽ تون پاڻ، مسٽر ڊورين گري، تون پاڻ گلاب جي گل جهڙي سونهن ۽ جوڀن جو مالڪ هئڻ جي ليکي ڪي اهڙا جذبات رکين ٿو جي توکي ڊيڄاريندا رهن ٿا ڪي اهڙا احساس ڏارين ٿو جي توکي ڏڪائيندا رهن ٿا ۽ تون ڪي اهڙا پور پچائين ٿو ۽ ڪي اهڙيون خواهشون ڏارين ٿو جن سبب حيا کان تنهنجا ڳل به ڳاڙها ٿي ٿا وڃن....“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”بس چپ ڪر-“ ڊورين هڪنديءَ هينريءَ کي ٽوڪيو ”چپ ڪر هينري، تو ته مون کي منجهائي ڇڏيو آهي، هي ڇا آهي جو آءٌ تنهنجي ڪنهن ڳالهه تي ڪو سوال جواب ڏيءِ نه پيو ڪري سگهان، مون کي ڪي لفظ ڏيءِ نه پيا ملن-؟ تون خاموش ره ۽ مون کي سوچڻ ڏي، بلڪ بهتر ٿيندو ته آءٌ ڪجهه به نه سوچڻ جي ڪوشش ڪريان.“

اٽڪل ڏهن منٽن تائين هو انهن بنان چرڻ پرڻ جي بي سرت بيٺو رهيو- چپ ڪي قدر ڪليل ۽ اکين ۾ هڪ عجيب چمڪ- ۽ انهيءَ حقيقت کان بي خبر ته سندس دل ۽ دماغ ۾ هڪ بالڪل نئون جذبو جاڳي رهيو آهي، هڪ تازو اثر ڪم ڪري رهيو آهي. هينري جيڪي ٿورا لفظ هن جي ڪنن تائين پهچايا هئا تن سندس روح جي انهيءَ حصي کي پٽي ڇهيو جنهن کي اڳ ڪڏهن نه ڇهيو ويو هو- اهي ڏو معنيٰ لفظ جيڪي اتفاق سان ۽ گڏوگڏ ڪنهن مطلب سان هينري جي وات مان نڪتا هئا، هو هينريءَ جي گفتن کان به ايترو ڏي متاثر ٿيو هو جيترو هو راڳ کان متاثر ٿيندو هو، موسيقي کان هن جي دل کي گهڻا دفعا چوٽ رسي هئي پر موسيقي جي زبان پورو مطلب نه سمجهائيندي آهي ان جا اچار صاف نه هوندا آهن هن ڪڏهن به موسيقي جي ٻولي نه سمجهي هئي مگر هي لفظ!- محض لفظ ڪيڏا نه خوف پيدا ڪندڙ، ڪيڏا نه واضح ۽ چٽا ۽ پڻ ڪيڏا نه سخت، آهن-! لفظن کان ماڻهو پيڇو نٿو ڇڏائي سگهي. اهڙا سخت ۽ تکا هوندي به لفظ ڪيڏو نه سياويڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جادوءَ جو اثر رکن ٿا_! لفظ، جيڪي بي شڪل شين کي شڪلين جـي قالب ۾ پيا ڪپائين، جـن ۾ ايتروئي سر ۽ سرود آهي جيترو ڪنهن ساز ۾ هوندو آهي_! سگهارا لفظ_! ڇا ڪنهن به ٻئي شئي ۾ ايتري اصليت ۽ حقيقت هوندي آهي جيتري سگهارن لفظن ۾ آهي_؟ هـا، ڊورين گري سان ننڍپڻ ۾ به ڪي اهڙيون ڳالهيون ٿيون جـي هن کي ان وقت سمجهه ۾ نه آيون هيون پـر هاڻي هو اهي ڳالهيون سمجهڻ لڳو هو، زندگي هنوقت هن کي هڪ باهه جي شعلي جيان پئي نظر آئي ۽ هن کي ائين لڳو ڄڻ هو سڄي عمر باهه ۾ هلندو رهيو آهي.... اهي ڳالهيون هنکي پهرين ڇونه پئي سمجهه ۾ آيون_؟!

لارڊ هينري هنکي مٺي مٺي مرڪ سـان ڇتائي ڏسندو رهيو، هن ڇـاڻي ٻجهي به ڪٿي مانَ ڪئي هئي تـه جيئن ڊورين جي دل دماغ تي سندس گفتگو جـو پورو اثر ويهي وڃي، ڊورين جي اها ڪيفيت پروڙي هن ڏاڍو لطف پئي محسوس ڪيو، هو دل ئي دل ۾ چئي رهيو هو_ ”هڪڙو تير هوا ۾ اڇلايو اٿم، خبر ناهي نيڪ نشاني تي وڃي لڳو آهي يا نه، هي ڇوڪرو_ ڪيڏو نه من موهيندڙ آهي_!“

باسل ساڳيو ئي تصوير ناهڻ ۾ رڌل هو، پنهنجي انهيءَ ئي مخصوص ۽ نرالي انداز سان جيڪو فقط بااثر ۽ باهمت فنڪارن وٽ ئي هوندو آهي، هنجي ڪم ۾ اها نفاست ۽ پاڪيزگي هئي جيڪا ڪنهن مهان فنڪار جي ئي خاصيت هوندي آهي، ڪمري ۾ جا سانت هئي تنهن جي به هنکي

ڪا سڌ پڌ نہ رهي هئي. اوچتو ٻوريءَ ن گري تڪي آواز ۾ چيو:

”باسل، آءٌ ٻيهي ٻيهي ٿڪجي پيو آهيان، ڇو نہ ڪجهہ وقت ٻاهر باغ ۾ هلجي، هتي تہ ٻوسٽ لڳي پئي آهي.“

”معاف ڪجان پيارا دوست، دراصل آءٌ جڏهين ڪم ۾ رڌل هوندو آهيان تڏهن ٻي ڪنهن ڳالهہ جو خيال ئي نہ رهندو اٿم، پر تون هوندئن وري ڪڏهن سنوت ڏيندو آهين، خير مون کي تنهنجو جيڪو خاڪو گهربو هو سو مون چٽي ورتو آهي — اڄڪليل چپ ۽ جوت پريل اکيون —! مون کي تہ اها ئي سڌ نہ رهي تہ هينري توسان ڪهڙيون ڳالهيون ڪيون پر ايترو سمجهان ٿو تہ هن توکي ضرور کي شاندار وارتائون ٻڌايون آهن، شايد تنهنجي ساراہ پڻ ڪيائين، پر ڏسجان هن جي هڪ اکر تي بہ اعتبار نہ ڪجان.“

”يقينن هن منهنجي ساراہ نہ پئي ڪئي، ۽ اهو ئي سبب آهي جو مون هن جي هڪ اکر تي بہ اعتبار نہ ڪيو آهي —“

”پنهنجي دل ڪان پڇي ڏس تہ تو منهنجي هر ڳالهہ تي اعتبار ڪيو آهي —“ لارڊ هينري پنهنجين خماريل ڳرين اکين سان ٻورين ڏانهن نهاريندي چيو — ”آءٌ بہ توسان گڏجي ٿو ٻاهر هلان هتي واقعي ڏاڍي گرمي آهي، باسل ڪا ٿڌي شئي پيار —“

”ضرور ضرور، آءٌ نوڪر کي چئي ٿو ڇڏيان، مون کي البت هن تصوير ۾ رنگ پرڻا آهن سو آءٌ ٿوري دير ڪان

پوءِ اچي اوهان سان ملندس. ڏس ڊورين ڪيي گهڻو وقت پاڻ وٽ نه ترسائجان، اڄ جيڪو مون کي خاڪو مليو آهي سو اڳ ڪڏهن نه مليو. هيءَ تصوير به منهنجي فن جو هڪ وڏو شاهڪار ٿيندي.“

لارڊ هينري ٻاهر باغ ۾ هليو آيو. ڊورين اڳ ئي اتي پهچي چڪو هو ۽ سوسن جي گلن ۾ پنهنجو منهن اهڙي طرح هڻيو ويٺو هو جيئن ڪو جوشيلو بدمست شرابي ڪنهن پيالي مان شراب پيئندو هجي. هينري هن جي ويجهو اچي پنهنجو هٿ هن جي ڪلهي تي رکي جهيڻي آواز ۾ چيو:

”بالڪل صحيح پيو ڪرين، روح جو علاج فقط نفس ئي ڪري سگهي ٿو بالڪل اهڙي طرح جيئن نفس جو علاج فقط روح سان ئي ٿي سگهي ٿو.“

ڊورين ڪنڌ مٿي کنيو ۽ پوئتي هٽيو. گلن جي پنن هن جي ڏنگن ۽ گهنڊيدار سونهري وارن کي تيزي پکيڙي ۽ منجهائي ڇڏيو هو. سندس اکيون هراسيل هيون جيئن ننڊ مان اوچتو سجاڳ ڪيل ماڻهوءَ جون هونديون آهن. هن جون سهڻيون ڪڪوريل ناسون ٿڙڪڻ لڳيون ۽ ڪنهن اندروني اڌمي جي اثر ڪان هن جا چپ ڪنبڻ لڳا.

”ها-“ هينري ڳالهه جاري رکي. ”اهو زندگيءَ جي وڏن رازن مان هڪ وڏو راز آهي— يعني حواسن ذريعي روح جو ۽ روح جي ذريعي حواسن جو علاج— تون هڪ عجيب هستي آهين، تون پاڻ کي جيترو گهٽ داناءُ سمجهين

تو اوترو ئي وڏيڪ داناءَ آهين بالڪل اهڙي طرح جيئن تون جيترو ڪجهه چاڻڻ چاهين ٿو تنهن کان گهٽ چاڻين ٿو— تون خود پنهنجي اندازي کان گهڻو وڌيڪ چاڻو آهين ۽ جيڪي ڪجهه نٿو چاڻين سو ئي ڪجهه چاڻڻ چاهين ٿو—"

ڊورين منهن ۾ گهنڊ وجهي ڪنڌ کڻي ڦيرايو، هو پنهنجي دل کي پنهنجي پير ۾ بيٺل انهي خوبصورت قدآور شخص- هينري_ کان بچائي نه سگهيو، هينري جي سنجيده شخصيت ۽ وڻندڙ چهري هن جي دل چورائي ورتي، هن جي جهيڻي ۽ ڍلي آواز ۾ ڪا ڪشش ئي اهڙي هئي، هن جي ڳورن ۽ اجرن هٿن ۾ موه ئي ڪجهه اهڙو هو ۽ جو ڳالهائڻ وقت هن پنهنجن هٿن کي ڏاڍي نزاڪت سان ٿي حرڪت ڏني ته راڳ جهڙو اثر ٿي پيدا ٿيو، چڻ انهن هٿن جي به ڪا پنهنجي زبان هئي. تڏهن به ڊورين کي هن کان ڪجهه خوف پئي محسوس ٿيو ۽ وري اهڙي طرح خوف کائڻ جي احساس کان ڪجهه لڄي به ٿي رهيو هو — هي ڇا آهي جو هڪ اوپرو شخص هن جي اندر کي هن جي ئي آڏو ظاهر ڪري رهيو هو؟ باسل هالورڊ سان هن جي ڪيترن مهينن کان شناسائي هئي پر اها دوستي هن ۾ ڪا تبديلي ته نه پيدا ڪري سگهي هئي، هاڻي اوچتو هن جي زندگيءَ ۾ هڪ اهڙو شخص اچي داخل ٿيو هو جو هن کي زندگيءَ جا پيد سمجهائڻ لڳو هو—! تڏهن به ڀلا خوف کائڻ جو ڪهڙو سبب هو؟ هو ڪو اسڪولي ٻار يا ڪا ڇوڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ته نه هو، ته پوءِ خوف ڪائڻ ته اجائي ڳالهه ٿي-!

"هلو تـه هلي هن ڇپري هيٺان ٿا ويهون-" هيئري چيو. "پارڪر شربت ڪٺي آيو آهي، ۽ جي تون هتي اس ۾ ويٺو رهئين ته تنهنجي سونهن تـي اثر پوندو. ڏاڍي اڻ سهائيندي ڳالهه ٿيندي جي تو پاڻ کي سج جي تپش کان نه بچايو-"

"ته ڇا ٿـي پونـدو-؟" ڊورين گري کلندي پڇيو ۽ بينچ تي ويهي رهيو.

"تنهنجي لاءِ ته اها بيشڪ وڏي ڳالهه ٿي پوندي."

"ڇو-؟"

"ڇاڪاڻ ته تون نهايت عجيب ۽ انوکـي جوڀن جو مالڪ آهين، ۽ جوڀن ئي هڪ اهڙي شئي آهي جنهن کي وڏي نعمت چئي سگهجي ٿو-"

"آءٌ ته ائين نٿو محسوس ڪريان-"

"برابر، هـن وقت ته توکي اهو احساس نه هوندو پر جڏهن تنهنجي عمر چڙهي ايندي تنهنجو بدن ڍلو ٿي ويندو ۽ صورت بگڙي ويندي، جڏهن فڪر تنهنجي پيشاني کي گهنجن سان ڳتي ڇڏيندو ۽ جذبات جي بـاهه تنهنجن چپن تي داغ وجهي ڇڏيندي ـــ تڏهن توکي احساس ـــ شدت سان احساس ٿيندو ـــ اجڪلهه تـه تون جتي بـه وڃين ٿو ٻين کي موهي ڇڏين ٿو پر سوال آهي ته ڇا تو ۾ اها ڪشش هميشه قائم رهندي-؟ مسٽر گري، تون بي پناه سهڻي صورت جو مالڪ آهين، منهنجي منهن ۾ ڇا ٿو ڏسين، تون واقعي

بيحد خوبصورت آهين ۽ حسن، ادراڪ جـي ڏي هڪڙي شڪل آهي بلڪ حسن جو معيار ادراڪ کان به مٿي آهي چاڪاڻ ته انهيءَ لاءِ بيان ۽ تشريح جي ضرورت نه هوندي آهي، حسن زندگي جي هڪ اهم حقيقت آهي. حسن سان ڪا حجت نٿي هلي سگهي، حسن کي خدا طرفان حڪمراني جو حق مليل آهي، حسن وارو حاڪم هوندو آهي— تون مرڪين پيو گري؟ هاءِ، جـڏهن حسن توکان موڪلائي ويندو تڏهن تون هن ريت نه مرڪي سگهندين—!،

”ڪن ماڻهن جـو خيال آهـي ته حسن محض سطحي هوندو آهي، ٿي سگهي ٿو اڻين ڏي هجي پر حسن گهٽ ۾ گهٽ ايترو سطحي نه هوندو آهي جيترو خيال سطحي هوندو آهي، منهنجي خيال ۾ ته حسن معجزن جو به معجزو آهي، ها اهي ماڻهو ڏي سطحي هوندا آهن جيڪي حسن کي مشاهدي مان نه پرکي سگهندا آهن، ڪائنات جو سچو اسرار ڏي اهو آهي جنهنکي مشاهدي سان پرکي سگهجي نه اهو جو ڳجهو ۽ مبهم هجي، ها مسٽر گري، خـدا توتـي مهر ڪئي آهـي ۽ توکي حسن جـي دولت عطا ٿي آهي، پر خـدا جيڪي ڪجهه عطا ڪندو آهي سو ترت واپس به وٺندو آهي، تون باقي ڪي چند سال مڪمل ۽ ڀـرپور جيون گهاريندين ۽ پوءِ جڏهـن تنهنجو جوين موڪلائي ويندو تـڏهن تنهنجو حسن به توکي ڇڏي ويندو، تڏهن توتي اهو پيد کلندو ته تنهنجي لاءِ ڪابه ڪاميابي باقي نه رهي آهي تڏهن توکي انهن هلڪين رواجي ڪاميابين سـان پاڻ وندرائڻو پـوندو

جنکي تنهنجي ماضيءَ جي يـاد تنهنجين شڪستن کان به وڌيڪ بي مزي بنائي ڇڏيندي،

”تنهنجي حياتي جا ڏينهن گهٽبا تا وڃن ۽ تون هڪ پوائنتي شئي جي ويجهو ٿيندو ٿو وڃين، وقت کي توسان حسد ٿيڻ لڳو آهي ۽ تنهنجي چهري جي گلاب ۽ چنبيلي جي مکڙين— تنهنجي سونهن جي خلاف جنگ جوتي بيٺو آهي، ڪو وقت ايندو جـو تنهنجي رنگت ڦٽي وينـدي تنهنجن ڳلن ۾ کڏا پئجي ويندا، تڏهن تون سخت پريشان ٿيندين،

”هاءِ ڊورين—! هنوقت جڏهن تو وٽ حسن آهـي ته تون ان جـو قدر ڪر، زندگيءَ جـي دولت کـي اجايو نه وڃاءِ، دنيا وارن جي اجاين سجاين بيزار ڪندڙ منطقن ڏانهن ڌيان نه ڏي ۽ نـه ئي پنهنجي زندگي جاهل نيچ ۽ بيڪار ماڻهن جي هٿن ۾ وڃاءِ، اهي منطقون ۽ فلسفا اسان جي هن دور جا ڏڪار لائق مقصد ۽ ڪوڙا نظريا آهن، زنده رهه ۽ زندگي ماڻ جا تو ۾ موجود آهي، ڪنهنجي به نه پڌ ڪنهن جو به اثر نه وٺ هميشه ڪنهن نئين جـذبي ۽ جولان جي ڳولا ڪندو رهه ڪنهن کان به نه ڊڄ، ڏس، ”لذت پسندي“ جهڙو ڪو بيو ڳڻ ئي نه آهي،* اهوئي هڪ نئون نظريو

---

* مصنف هتي Hedonism جو لفظ ڪتب آندو آهي جنهن جي معنيٰ آهي لذتيت جـو نظريو. مصنف انهيءَ نظرئـي جو پرچارڪ مشهور آهـي ۽ هن ڪتاب ۾ هـن انهيءَ ئي نظرئي جي اپٽار ڪئي آهي. (مترجم)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي جنهنجي هن دور کي سخت ضرورت آهي ۽ تي سگهي تو ته تون ٿي انهيءَ نظرئي جو هڪ جيئرو جاڳندو مثال بڻجي وڃين، تون جو اهڙي اڻ رواجي شخصيت جو مالڪ آهين تنهن لاءِ ڪابہ ڳالهہ اڻ ٿيڻي ناهي. تون گهٽ ۾ گهٽ هڪڙي جڳ لاءِ ته دنيا جو مالڪ آهين.

”مون پهريون پيرو توکي ڏسندي ئي سهي ڪري ورتو هو ته تون پنهنجي حقيقت ۽ اهميت کان بالڪل بي خبر آهين، توکي اها ڄاڻ ناهي ته تون ڇا آهين ۽ توکي ڇا هئڻ گهرجي، تو ۾ جا ڪشش آهي تنهن مون کي مجبور ڪري ڇڏيو ته توکي تو بابت ڪجهہ ٻڌايان، سوچيم ته جي تون ضائع ٿي وئين ته اها ڪيڏي نہ ڏکدائڪ ڳالهہ ٿيندي ڇاڪاڻ ته تنهنجي جوڀن جو سڄو تمام ٿورو آهي تمام ٿورو. جبلن ۽ ٽڪرين تي جيڪي گل ٽڙندا ۽ وري ڪومائجي ويندا آهن سي ته وري بہ نئون رنگ وٺي ڇاپندا آهن پر جواني اسان کي ڪڏهن بہ موٽي نہ ملندي آهي، اسان جي من ۾ خوشيءَ جي جا امنگ جوانيءَ ۾ جاڳي ٿي سا بعد ۾ ٿڌي ٿيو وڃي عضوا سست پئجيو وڃن ۽ اسان جا احساس تباہ ٿيو وڃن، تڏهن اسين ڇڻ ڪاٺ جا ماڻهو بڻجي ويندا آهيون ۽ پوءِ اسان جي ذهن ۾ انهن اڌمن جي ياد اچو واسو ڪري جن کان اسين اڳي خوف کائيندا رهيا آهيون ۽ پڻ انهن سياويڪ آرزوئن جي ياد اچي ستائيندي آهي جن جي پوڙواري جي اسان اڳ ڪڏهن همت نہ ساري آهي — جواني — هاءِ جواني کان سواءِ دنيا ۾ ٻيو آهي ئي

چا_؟_“

ڊورين گري حيرانيءَ مــان اڪيون هڪجاءِ ڪريـو هينريءَ جو اهي ڳالهيون ٻڌندو رهيو-- هن جي هٿ مان سوسن جي گل جي ٽاري ڇڏائي هيٺ فرش تي وڃي ڪري ۽ هڪ ٻجڻ واري ماڪيءَ جي مک ٿوري دير تائين انهيءَ جي چوڌير ڦيرا ڏيندي رهي ۽ تنهن بعد سوسن جي ننڍڙن گلن تي جهٽ وجهڻ لڳي، ڊورين اهو نظارو ڏسڻ ۾ محو ٿي ويو-- جڏهين اسين ڪـا اهم ڳالهه ٻڌي خوف کائڻ لڳندا آهيون يا اســان جي دل ۾ ڪو نرالو جذبو هلچل مچائي ڏيندو آهي جنهنجو اظهار اسان لاءِ ناممڪن ٿي پوي يا ڪو پوءِ ڪو خيال اچي اسان جي ذهن کي گهيرو ڪندو آهي تـڏهن اسين پنهنجي اندر جي ڪيفيتن کي ٻين کان لڪائڻ لاءِ اهڙن رواجي نظارن کي به ڏاڍي محويت سان ڏسڻ لڳندا آهيون-. ٿوري دير بعد ماڪيءَ جي مک اڏامي وئي ۽ گل ڏاڍي ناز سان هوا ۾ جهولڻ لڳا.

ايتري ۾ باسل اسٽوڊيو مان منهن ڪڍيو ۽ ٻنهي کي اشارن ســان سڏڻ لڳو، هينري ۽ ڊورين هڪ ٻئي ڏانهن نهاري مرڪڻ لڳا. باسل رڙ ڪئي:

”آءٌ اوهان جو انتظار پيو ڪريان اندر اچو، ۽ پنهنجا گلاس به کنيو اچو--“

هو ٻئي اتي اسٽوڊيو ڏانهن هلڻ لڳا، به رنگارنگي پوپٽ پک ڦڙڪائيندا هنن وٽان لنگهي ويا ۽ ان ئي وقت باغ جي ڪنڊ ۾ بيٺل ناسپاتي جي وڻ ۾ ٻينجهاري جي ڪوڪار

ٻڌڻ ۾ آئي.

لارڊ هينري ڊورين گري ڏانهن نظر ڪري هنڪان پڇيو:
”ڇا تون مون سان ملي خوش ٿيو آهين مسٽر گري_؟“
”ها، هائي آءٌ خوش آهيان، سوچيان ٿو الائي هميشه ٿي خوش هوندس يا نه_!“

”هميشه_؟ اوه، اهو هڪ ڏاڍو ڀوائتو لفظ آهي جنهن ٿي ٻڌڻ سان مون ڪي ته ڏڪڻي وٺيو وڃي، عورتن کي البت اهو لفظ استعمال ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هوندو آهي جيڪي هرطرح جي لطف کي جٽادار بڻائڻ جي ڪوشش ۾ هرلطف کي تباه ڪري ڇڏينديون آهن، اهو هڪ بي معنيٰ لفظ آهي، دائمي شوق ۽ سوداء ۾ فرق صرف اهو آهي جو سوداء گهڻو جٽاءُ ڪندو آهي ۽ دائمي شوق دائمي هوندي به گهڻو جٽاء نه ڪندو آهي_“

جڏهن هو اسٽوڊيو ۾ داخل ٿيا ته ڊورين هينري جي ٻانهن کان جهليندي چيو_ ”جي ائين آهي ته پوء پنهنجي دوستي هڪ سوداءُ ٿي سهي_“

ائين چوندي هن جي منهن تي حيا جي لالاڻ پکڙجي وئي. تنهن بعد هو وري اچي ساڳي صندل تي بيٺو جنهن تي هن کي تصوير لاء ويهڻو هو.

هينري پاڻ کي هڪ وڏي آرام ڪرسيءَ تي ڪٽي اڇليو ۽ اکيون ڊورين جي چهري تي کپائي ڇڏيائين. ڪمري ۾ سانت هئي فقط رکي رکي ڪينوس تي برش جي گهڪي جو آواز ٿيو ٿي يا باسل تصوير جي جاچ لاء ٻه قدم پٺتي

رکي ڇڏي آهي.

اهو ڏسي باسل جي دل ۾ سور جي سٽ اڀري آئي، سمجهه ۾ نه پيو اچيس ته ڊورين کي ڇا ٿي ويو آهي-! نيٺ هن ڊورين کان سوال ڪيو:

”تصوير توکي پسند نه آئي ڇا-؟“

”تصوير هنکي بيشڪ ڏاڍي وڻي آهي-“ هينري وچ ۾ ڳالهايو- ”هيءَ اعليٰ شاهڪار کي ڀلا ڪير پسند نه ڪندو. هن تصوير لاءِ تون جيڪا قيمت گهرندين سا آءٌ توکي ڏيندس-“

”هيءَ تصوير منهنجي ملڪيت نه آهي هينري-“

”تڏهن ڪنهن جي ملڪيت آهي-؟“

”ڊورين جي-“ باسل جواب ڏنو.

”ڊورين ڏاڍو خوش نصيب ڇوڪرو-“

اتي ڊورين ساڳي طرح تصوير ۾ نهاريندي جهيڻي آواز ۾ چيو:

”ڪيڏي نه ڏک جي ڳالهه آهي-! ڪيڏي نه ڏک جي ڳالهه آهي جو آءٌ نيٺ به پيرو ۽ بدصورت ٿي ويندس پر هيءَ تصوير هميشه ٿي جوان رهندي— جون جي اڄوڪي ڏينهن وانگر جوان—! ڪاش ان جي ابتڙ ٿي سگهي، ڪاش ائين ٿي سگهي جو منهنجي بدران هيءَ تصوير جهوني ٿي وڃي ۽ هن جي بدران آءٌ پاڻ هن وانگر سدائين جوان ۽ خوبصورت رهان-! جي ائين ٿي سگهي ته آءٌ جيڪر پنهنجو روح ٿي ان جو عيوض ڪري ڏئي ڇڏيان، ڪاش-!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هينري ٽهڪ ڏيندي باسل کي چيو:

”هائي چئو باسل، ڇا تون اهڙو انتظام ڪري سگهندين؟ تنهنجي لاءِ ته اها وڏي بدقسمتي ٿيندي جي تون پنهنجي فن لاءِ به انسان جهڙو مقدر- يعني زوال - قبول ڪندين!“

”بيشڪ مون کي انهيءَ تي سخت اعتراض ٿيندو ته منهنجي فن لاءِ به انسان جهڙو مقدر مقرر ٿئي يعني جيئن انسان کي زوال ٿئي ٿو تيئن منهنجي تصوير کي به....“

”برابر باسل-“ ڊورين تصوير تان نظر هٽائي باسل ڏانهن نهاريندي چيو- ”مون کي يقين آهي ته تو کي پنهنجو فن پنهنجن دوستن کان وڌيڪ عزيز آهي ، تنهنجي نظر ۾ منهنجي حيثيت هڪ خوبصورت مورتيءَ کان وڌيڪ نه هوندي.“

باسل واٽڙو ٿي ڊورين ڏانهن نهارڻ لڳو، هن پهريون ڀيرو سائس اهڙي لهجي ۾ ڳالهايو هو. باسل ويچارو سمجهي ئي نه سگهيو هو ته آخر ڊورين ايترو جذباتي ڇو ٿي ويو، ڇو ايترو ڪاوڙيل آهي جو چهرو ئي سرخ ٿي ويو اٿس ۽ ڳل ٽپڻ لڳا اٿس-!

”ها باسل-!“ ڊورين ڳالهه جاري رکي- ”آءٌ تنهنجي نظر ۾ تنهنجن هنن عاج ۽ چانديءَ جي ٺهيل مورتين کان گهٽ حيثيت رکان ٿو، تون انهن شين کي هميشه چاهيندين پر مون کي-؟ مون کي تون فقط اوسيتائين چاهيندين جيستائين منهنجي منهن ۾ ٻڍاپي جو پهريون گهنج نه پئجي وڃي، هاڻي مون سمجهو ته انسان وڏان جڏهن سونهن موڪلائي

تي وڃي ته ڇڻ هن جو سڀڪجهه ٻي ويندو رهي ٿـو، اها حقيقت مون کي تنهنجي هـن تصوير ٻي سمجهائي آهي، لارڊ هينري سچ ٿو چوي ته جوڀن جهڙي ڪا دولت ناهي- جڏهن آءُ ڏسندس ته آءُ ٻڍو ٿيڻ لڳو آهيان تڏهن آءُ پنهنجو پاڻ کي ماري ڇڏيندس-“

اهو ٻڌي باسل هالورڊ سڄو پيلو پٽجي ويو، هو ڊورين جو هٿ جهلي هنکي ايلاز ڪرڻ لڳو:

”ڊورين-! ڊورين-! ائين نه چئو. تـو جهڙو محبوب دوست نه ڪو مليو نه ملندو. تون ته ظاهري شين سان ريس رکڻ وارو نه آهين، تون- تون جو پاڻ ظاهري ۽ مادي شين کان اتم آهين سو انهن سان ڪيئن ٿو حسد رکين؟“

”مون کي هر انهيءَ شئي سان حسد آهـي جنهن جو حسن پـائدار آهي، مون کي ته پنهنجي هن تصوير سان به حسد آهي جا تو مون لاءِ ٺاهي آهي، آخر ان ۾ اها خاصيت ڇو برقرار رهي جا مون ۾ نٿي رهي سگهي-! هرگهڙي جا گذرندي وڃي سا مون کان ڪجهه کسيندي تـي وڃي ۽ هن شبيهه کي ڪجهه ڏيندي ٿي وڃـي. ڪاش-! ائين ٿـي سگهي جو هن تصوير ۾ ڦيرو اچـي پر آءُ هميشه اهڙو ئي رهان جهڙو هن وقت آهيان، آخر تو هيءَ تصوير ڇو ٺاهي؟ هڪ ڏينهن اهـا تصوير مون تان ٺٺول ڪندي، مون کي ويچارا ڏيندي، مون تان مذاقون ڪندي، هولناڪ مذاق !!“

ڊورين جون اکيون لڙڪن سان تمتار ٿي ويون ۽ هن پنهنجو پاڻ کي ديوان تي ڪيرائيندي پنهنجو منهن ڪٺي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وهاڻي ﻫﻮ لڪايو ۽ روڻ لڳو ـــ جيئن ڪو وينتي ڪندو هجي ـــ!

باسل جي دل ڏجهڻ لڳي، هن هينري کي چيڀيو:

”هي سڀ تنهنجي ڪارڻ ٿيو آهي هينري ـ“

”اهو ٻورين گري جو اندر پيو ڳالهائي، اهو ٻورين گري جو اصل پيو ڳالهائي ـ!“

”ائين نه آهي ـ“

”ته پلا آءٌ ڇا ڪريان ـ؟“

”توکي انهيءَ ڏي وقت هتان هليو وڃڻ گهربو هو جڏهن مون توکي چيو هو ـ“

”وري به تنهنجي ڏي چوڻ تي ترسي پيو هوس ـ“

”هيري ـ! پڌ، آءٌ پنهنجن ٻن بهترين دوستن سان اتي جو اتي جهيڙو نٿو وجهي سگهان، اوهان مون کي پنهنجي بهترين شاهڪار کي ڏڪارڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي، آءٌ هن تصوير کي ناس ڪري ڇڏيندس، هن ۾ آهي ڏي ڇا ـ؟ رڳو رنگ ۽ ڪينوس، انهن شين کي آءٌ اها مهلت نه ڏيندس ته هو اسان ٽنهي جون زندگيون برباد ڪرڻ جو سبب ٿين ـ“

ٻورين گري منهن مٿي ڪري آلين اکين سان باسل ڏانهن نهارڻ لڳو جو پنهنجي وڏي پينٽنگ ٽيبل ڏانهن وڌي رهيو هو. جيئن ڏي باسل پنهنجي سامان مان هڪ وڏو چاقو ڪڍي تصوير کي اديڙڻ لاءِ ان ڏانهن وڌيو ٻورين هڪ گهٽيل سڏڪو ڀري ٽپ ڏئي اٿيو ۽ ڊوڙي وڃي باسل جي هٿ

تشريح آهي، ماڻهوءَ وٽ سيڪجهه آهي پر عقل ڪونهي ۽ اها منهنجي لاءِ خوشي جي ڳالهه آهي، مون کي اها ڳالهه نه وڻي جو اوهان هن تصوير تي ايڏو ڪٿي تڪرار مچايو، بهتر هو ته اها تصوير مون کي ئي ڏئي ڇڏيو ها، هن نادان ڇوڪري کي انهيءَ جي ڪابه ضرورت ناهي جڏهن ته مون کي آهي-" اهو پڌي ڊورين شوخي سان چيو:

"ڏس باسل- جي اها تصوير تو مون کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي ڏني ته آءٌ توکي ڪڏهن معاف نه ڪندس، ۽ مون کي اها ڳالهه نٿي وڻي ته ڪو مون کي نادان چوي-"

"توکي خبر آهي ته اها تصوير تنهنجي ملڪيت آهي، مون ته اها ان وقت ئي توکي پيشڪري ڇڏي هئي جڏهن اها اڃا ٺهي به نه هئي-"

"۽ توکي اها به خبر هوندي ته تون ڪجهه نه ڪجهه نادان هئڻ جو ثبوت ڏئي چڪو آهين ۽ توکي اهو ياد ڏيارڻو وڃي ته تون اڃا گهڻو ننڍو آهين ته توکي اعتراض نه ٿيندو-!" هينري چيو.

"مون کي توسان صبح پهرين گفتگو ۾ ئي تنهنجي اهڙي حجت تي اعتراض ڪرڻ کپندو هو-"

"پهرين گفتگو- هاءِ! اڄ اتان ئي ته صحيح معنيٰ ۾ تنهنجي زندگي جي ابتدا ٿي آهي-!" هينري وراڻيو.

ايتري ۾ دروازي تي ٺڪ ٺڪ ٿي ۽ نوڪر چانهه کڻي اندر داخل ٿيو، هڪ ٻيو نوڪر چيني جا ٻه ڊاڪون کڻي آيو، ڊورين اٿي چانهه ٺاهڻ لڳو، چيني جا ڪوپ ۽ سامرون

ڪڙڪي لڳيون.

”منهنجو خيال آهي ڪو ٿيٽر هلي ڏسجي-“ هينري رايو ڏنو. ”ڪنهن نه ڪنهن ٿيٽر ۾ ڪو سٺو پروگرام ته هوندو ئي، جيتوڻيڪ هڪ جهوني دوست سان مانيءَ تي گڏجڻ جو وعدو ڪري آيو آهيان، پر هن ڪي آءٌ اهو نياپو ڪري ڇڏيندس آءٌ چاق ناهيان اهو ڏاڍو سٺو بهانو ٿيندو جو انهيءَ اوچتي اطلاع ۾ خلوص هوندو.“

”اهي ايڪٽر جيڪي پوشاڪون پائين ٿا سي ته ڏاڍيون اگريون ٿيون لڳن ۽ اهي پوشاڪون پائي اهي ويساڏاري به ڏاڍا پوائتا نظر اچن.“ باسل چيو.

”ها يار-“ هينري ورائيو. ”اڻويهين صديءَ جا لباس بيشڪ بي ڊولا ۽ بي زيبائتا آهن جن ڪي ڏسي بڇان ٿي اچي، هونئن به هن دور جو بهترين لباس ته ”گناه“ آهي جنهن ۾ رنگ به آهن توڙي اهو اجرو به آهي-“

”هينري-! سچ نه توکي ڊورين جي اکيان ته اهڙيون ڳالهيون نه ڪرڻ گهرجن-“

”ڪهڙي ڊورين جي اکيان-؟ جيڪو پنهنجي لاءِ چانهه پيو اوتي يا جيڪو تصوير ۾ آهي؟“

”ٻنهي جي اکيان-“ باسل چيو.

”آءٌ خوشيءَ سان ٿيٽر ڏسڻ هلندس هينري-“ ڊورين چيو.

”نيڪ، تڏهن نه باسل تون به هلندين، ڪيئن-؟“ هينري پڇيو.

”آءٌ ته نه هلي سگهندس مون کي گهڻو ڪم ڪرڻو

پيو آهي."

"چڱو تڏهن پاڻ ٻئي اڪيلا هلنداسين مستر گري."

"وڏي خوشيءَ سان." ڊورين چيو.

باسل چانهه جو ڪوپ کڻي تصوير ڏانهن وڏي ويو، دل کي جا چوٽ رسي هئس تنهن سبب چپ ڪئي ڏندن ۾ جهليا هئائين.

"آءٌ اصلي ڊورين وٽ رهندس." باسل تصوير ڏانهن نهاريندي ڏک ڀري آواز ۾ چيو.

"ڇا واقعي اصل ڊورين گري اهو ئي آهي-؟" ڊورين باسل وٽ اچي پڇيو. "ڇا واقعي آءٌ هوبهو انهيءَ تصوير واري ڊورين جهڙو آهيان-؟"

"ها، تون هوبهو اهڙو ئي آهين جهڙي هيءَ تصوير آهي-"

"ڪيڏي نه عجيب ڳالهه آهي-!"

"تون هن تصوير جهڙو ئي آهين پر جيڪي ڪجهه هن تصوير ۾ آهي سو تو ۾ ناهي، هيءَ تصوير هميشه وفاڪندي پر تون نه ڪندين-" باسل ٿڌو ساهه کڻندي چيو.

"توبه، توبه، انهيءَ وفا تي به ماڻهو ڪيڏو نه ڪتراڪڻ ٿا مچائين." هينري رڙ جي انداز ۾ چيو. "محبت ۾ وفا جو معاملو هڪ غير روحاني طبعي معاملو آهي، نوجوانن کي باوفا هئڻ جو شوق آهي پر ڪندا هميشه بيوفائي آهن ۽ پيدا ماڻهو بي وفا رهڻ جو شوق هوندي به بيوفائي نٿا ڪري سگهن، معاملو بس ائين ئي آهي."

"ڊورين-" باسل التجا ڪندي چيو- "اڄ رات تون

ٽيئنٽر ڏسڻ نہ وڃ، هتي ئي ترسي پئو ۽ معاني بہ هتي مون سان ئي ڪائڄان-“

”نہ باسل، آءٌ نہ ترسي سگهندس.“

”ڇو-؟“

”ڇاڪاڻ تہ مون هينري سان گڏجي وڃڻ جو وعدو ڪيو آهي-“

”هينريءَ پاڻ هميشہ وعدي خلافي ڪندو رهيو آهي سو تنهنجي وعده وفائي تي ڪهڙو خوش ٿيندو، مهرباني ڪري ترسي پئہ-“

ڊورين البيلائي سان ڪلندوانڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻڪندو رهيو.

”ڏس ڊورين-! آءٌ منٿ ٿو ڪريان-!“

ڊورين ڪجهہ منجهڻ لڳو ۽ پوءِ هينري ڏانهن نهارڻ لڳو جو ڏاڍي مزي سان پريان هڪ ڪرسيءَ تي ويٺو هنن کي ڏسندو ۽ مرڪندو ٿي ويو.

”مون کي هلڻ گهرجي باسل-!“ ڊورين چيو.

”چڱو-“، باسل خالي ڪوپ ٽري ۾ رکندي چيو، چڱي دير ٿي وئي آهي ۽ اوهان کي ڪپڙا بہ بدلائڻا آهن، هتي وقت نہ وڃايو، چڱو پنهي کي خدا حافظ، ڊورين وري جلد ملڻ اچجان، سڀاڻي ئي ڇونہ اچين-؟“

”ضرور-“

”وسارجانءِ نہ-!“

”بالڪل نہ-“

”۽ تون ــــ هينري-؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”جي-؟“

”اڄ صبح تـوکي جيڪي ڪجهه چيو هئم سـو نه وسارجان-“

”مون کي ته اها ڳالهه وسري به وئي-“

”مون کي وري به توتي ڀروسو آهي-“

”ڪاش مون کي به پنهنجو پاڻ تي ڀروسو هجي-“

هينري ڪلندي چيو- ”چڱو اڄ مسٽر گري، منهنجي بگي ٻاهر بيٺي آهي آءٌ توکي تنهنجي گهر وٽ لاهي ڇڏيندس، چڱو باسل خدا حافظ، اچوڪي شام سٺي گذري-“

هينري ۽ ڊورين ٻاهر هليا ويا ته باسل پنهنجو پاڻ صوفي تي ڪٽي ڪيرايو، دل اندر جو سور هئس تنهن جا پاڇا سڄي منهن تي پکڙجي ويس-!

[۳]

ٻي ڏينهن ساڍي ٻارهين بجي ڌاري لارڊ هينري البساني ۾ پنهنجي چاچي لارڊ فرمر سـان ملڻ آيو. هي لارڊ فرمر صاحب هڪ عجيب غريب سياسي ۽ سماجي شخصيت هو، پنهنجن انهن دوستن کي خوب ڪارائيندو پيارينڊو هو جيڪي ڪيس خوش رکڻ جوڳُر ڄاڻندا هئا ۽ جن وٽ اهو هنر نه هو سي هن مان ڪو لاڀ نه پرائي سگهندا هئا، ٻهرئين قسم جا دوست هن کي وڏو سخي سمجهندا هئا ته ٻي خاني وارا هن کي خود غرض چوندا هئا. اڪثر واندو ويٺو هوندو هو البت ٿورو گهڻو ڏيان پنهنجين ڪوئلي جي کاڻين جي بندوبست

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تــي ضرور ڏيندو هو پنهنجن نوڪرن تـي هميشه پنهنجي سورهياڻي جو رعب رکڻ جي ڪوشش پيو ڪندو هو ۽ هو وري ڪيس چيڙائيندا رهندا هئا، پنهنجن مائٽن متن لاءِ وري پاڻ هڪ وڏي دهشت بنيو رهندو هو ۽ هنن کي چيڙيندو ستائيندو رهندو هو، مڙني ڪجهه پراڻن خيالن جو هو. هينري سندس ڪمري ۾ داخل ٿيو ته ان وقت هو شڪاري لباس پـايو وات ۾ چروٽ جهليو اخبار پـڙهي رهيو هـو، سو ٻه آواز سان.

”هان-! تون ايترو سويل ڪيئن اچي وئين هينري-؟“

هن هينري کي ڏسندي چيو- ”اوهين آلڪسي تحريلا چوڪرا ٻي ٻجي کان اڳ اٿو ڪونه ۽ پنجين ٻجي کان اڳ وري نظر ڪونه اچو-“

”اج آءٌ اوهان کان ڪجهه گهرڻ آيو آهيان چاچا-“

”پئسا گهرندين پيو چا-!“ لارڊ فرمر بوٽ ڦلهڙو ڪندي چيو- ”چڱو ويهه ۽ ڳالهه ڪر، اڄڪلهه جا جوان ته سمجهن ٿا ته پئسو ئي سڀڪجهه آهي-“

”ها چاچا، جوان پئسي کي اهميت ڏيندا آهن ۽ جڏهن پاڻ ٻڍا ٿـي ويندا آهن ته اها ساڳي ميار وري جوانن کي ڏيندا آهن، خير مون کي پئسا نه گهرجن، پئسن جي گهرج اهي رکندا آهن جيڪي پنهنجا بل پاڻ ڏيندا آهن ۽ آءٌ پنهنجا بل پاڻ ڪڏهن ڪونه ڏيان، شاهوڪار جو ٻار اوڌر تي ئي ڏاڍي مزي سان گذران ڪندو آهي، آءٌ ته اوهان کان ڪجهه معلومات وٺڻ آيو آهيان، اهڙي ڪا خاص ڳالهه ٻه ڪاڍهي-“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”جيڪا معلومات مون کي پروي ڪائونسل جي ڪنهن ڪتاب مان ملي هوندي سا ته توکي ضرور ڏئي سگهندس جيتوڻيڪ اڄڪلهه ته انهن رپورٽن ۾ به رکيل اجايون ڳالهيون هونديون آهن ڇاڪاڻ جو لکڻ وارا چڱي جاچ ڪري پوءِ لکندا آهن ۽ اها ٽي نسوري پوڪپاڻي آهي. منهنجي خيال ۾ جيڪو ماڻهو اشراف آهي اهوئي وڏو سياڻو آهي ۽ جيڪو اشراف ڪونهي سو ڪيڏو به سياڻو هجي اصل ڪنهن ڪم جو ناهي-“

ڊورين گري جون ڳالهيون پروي ڪائونسل جي رپورٽن ۾ نه هونديون آهن چاچا-“ هينري موڳائي سان چيو.

”ڊورين گري-؟ اهو ڪير آهي-؟“ لارڊ فرمر پنهنجا گهاٽا پرون پڪوڙيندي پڇيو.

”اهو ٽي ته آءٌ اوهان کان معلوم ڪرڻ آيو آهيان، مونکي ايتري خبر آهي ته هو لارڊ ڪيلسو جو ڏوهٽو آهي ۽ سندس ماءُ جو نالو ليڊي مارگريٽ ڊيورڪس هو، اوهين اهو ٻڌايو ته هن جي ماءُ ڪهڙي هئي ۽ شادي ڪنهن سان ڪئي هئائين، اوهين پنهنجي دور جي هر ماڻهوءَ کي سڃاڻو ٿا، اڄڪلهه آءٌ ڊورين ۾ گهڻو چاهه وٺندڙ آهيان ۽ هن سان منهنجي هاڻ ٽي ملاقات ٿي آهي-“

”لارڊ ڪيلسو جو ڏوهٽو.... ها، آءٌ سندس ماءُ کي چڱي طرح سڃاڻندو هوس هوءَ هڪ بي انتها خوبصورت ڇوڪري هئي، مارگريٽ ڊيورڪس، هوءَ پنهنجن ڪيترن ديوانن کي رڻ ۾ رولي هڪ غريب نوجوان سان پرڻجي وئي

ڪارلنگٽن ٺي سندس ديوانو هو پر مارگريٽ هن جي شادي جي درخواست ڪل ۾ اڏائي ڇڏي جڏهين ته هو پاڻ ڪيترين ڇوڪرين جو محبوب هو۔“

ان بعد هو ٻئي انگريز ۽ امريڪي ڇوڪرين جي خوبين ۽ خامين بابت بحث مباحثو ڪندا رهيا. آخر هينري اٿي موڪلايو ته لارڊ فرمر پڇيس:

”لنچ ڪٿي ڪائيندين۔؟“

”چاچي اگاٿا وٽ، هن وٽ ٺي مون پنهنجي ۽ ٻورين گري جي لنچ جو بندوبست ڪيو آهي.“

”چڱو، پر اگاٿا کي چئي ڇڏجان ته هاڻي مون کي خيراتي ڪمن جي چندي لاءِ گهڻو تنگ نه ڪندي وڃي، خبر ناهي هوءَ نيڪ بخت ائين ڇو ٿي سمجهي ته مون کي بس سندس اجاين ڳالهين تي پئسو وڃائڻ کان سواءِ ٻيو ڪو ڪم ئي ناهي۔“

”چڱو چاچا آءٌ چئي ڇڏيندوسانس پر انهيءَ مان ورندو ڪجهه به ڪونه، وطن دوست ماڻهن جي هڪ خاص خوبي هيءَ هوندي آهي جو هنن ۾ ماڻهپو نه رهندو آهي۔“

هينري اتان اٿي برلنگٽن اسٽريٽ کان ٿيندو برڪلي اسڪوائر ۾ نڪري آيو— ”تڏهن اهو آهي ڊورين گري جو خانداني شجرو۔!“ هن سوچيو. انهيءَ ڪهاڻي ۾ جو هڪ نرالو رومانس هو تنهن هن کي ڏاڍو متاثر ڪيو هو، هڪ نهايت حسين عورت هڪ انڌي جذبي جو شڪار ٿي هر قسم جو جوکم کنيو۔! ۽ خطرن ۾ سراپ سان پريل انهن

انهين هلنديءَ هو اوچتو بيهي رهيو ۽ پنهنجو پاڻ تي ڪلڻ لڳو جو هو پنهنجن پورن ۾ غلطان پنهنجي چاچيءَ جي گهر ڪان گهڻو اڳتي نڪري ويو هو جتي هن کي ماني‌ءَ تي پهچڻو هو، هو وري پوئتي موٽيو ۽ جڏهن چاچس جي گهر پهتو ته نوڪر ٻڌايس ته ماني شروع ٿي چڪي آهي. هو ڪاڏي جي ڪمري ۾ داخل ٿيو ته چاچس رڙ ڪئي:

”هميشه وانگر اڄ به دير ڪري آيو آهين هينري."

هينري جلد ئي هڪ سٺو بهانو گهڙي پيش ڪيو ۽ هڪ خالي ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. ميز جي ٻيڙي وٽ وينل ٻورين گري هن کي ڏسندي ئي هڪ شرميلي ادا سان ڪنڌ نوڙائي هن کي سلام ڪيو، هن جي منهن جي لعلاڻ ٻڌايو ٿي ته هينري کي ڏسي هن کي خوشي ٿي آهي.

سامهون واري ڪرسيءَ تي هارلي جي نواب بيگم ويٺي هئي جا هونئن ته ڏاڍي سهڻي سياڻي جي هئي پر سندس بدن جي بناوت ڪجهه اهڙي هئي جا جيڪڏهن نوابن جي زالن ۾ هوندي آهي ته ان کي حشمت چوندا آهن ۽ جي عام عورتن ۾ هوندي آهي ته ان کي ٿولهه چوندا آهن- هن جي ساڄي هٿ واري ڪرسيءَ تي سر ٿامس بردن وينل هو — پارليامنٽ جو ترقي پسند ميمبر، جيڪو پنهنجي سياسي زندگي ۾ پنهنجي اڳواڻ جي پيروي ڪندو .هو ۽ پنهنجي خانگي زندگي ۾ هوشيار بورچين جي، ٽوري پارٽي وارن سان ويهي کائيندو پيئندو هو ۽ لبرل پارٽي وارن سان ويهي سوچ ويچار ڪندو هو. بردن صاحب جي کابي هٿ تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن ڇوڪريءَ جي شاديءَ جي ڳالهه هلي ته ٿامس بردن چيو:

”مون کي بـا اختيار حلقن مان معلوم ٿيو آهـي ته ڇوڪريءَ جي پيءُ جو هڪ آمريڪي خشڪ ميوي جو دڪان آهي....“

”اهو امريڪي خشڪ ميوو وري ڇا آهـي؟“ هڪ نواب بيگم پڇيو:

”يعني امريڪي ناول پيو چلـ“ هينري برجستو جواب ڏنو. نواب بيگم ککي ڪي ٿي وئي.

”جڏهن امريڪا دريافت ٿي“ ترقي پسند ممبر ڳالهه ڇوري ۽ امريڪا جي دريافت بابت متي ۾ سور وجهندڙ ڳالهيون بيان ڪرڻ لڳو. جيئن هر ماڻهو پنهنجي گفتگو جي موضوع کي نچوئي سچوئي ان مان ٿي حقيقتون بيان ڪندو آهي تيئن هي صاحب وري پنهنجن ٻڌندڙن کي نچوئڻ ۽ ٿڪائڻ جو هميشه هيراڪ هو. نواب بيگم هن جي ڳالهه ڪٽيندي انگل سان چيو:

”امريڪا اصل نه پئي دريافت ٿئي ها ته سٺو هو. سچ پچ هاڻي اسان جي ملڪ جي ڇوڪرين لاءِ ته موقعا ئي نه رهيا آهن“

”امريڪا دريافت ته ڪڏهن ٿي ئي ناهي، اها ته رڳو پڪڙجي پئي آهي.“ ايرسڪن چيو.

”سنا امريڪي ماڻهو مرندا آهن ته پيرس جو رخ ڪندا آهن ـــ“

”۽ جي برا امريڪي مرندا آهن ته ڪيڏانهن رخ ڪندا آهن___؟“

”اهي وري امريڪا جو ئي رخ ڪندا آهن_“ هينري پڻ پڻ ڪئي.

هڪ ڳالهه جي جواب ۾ هن چيو:

”آءٌ پوڙهنا ۽ ٻيڙا ڪان سواءِ ٻي هر شئي جو حمايتي ۽ تائيد ڪندڙ آهيان. آءٌ انهيءَ ٻيڙا سان اصل همنوائي نٿو ڪري سگهان اها هڪ بچڙي پوائنٽي ۽ تباه ڪندڙ شئي آهي، اهڙي همنوائي ڪرڻ هڪ بيماري آهي، ماڻهوءَ کي فقط رنگن سـان، سونهن سان ۽ زندگيءَ جي خوشين سان همنوائي ڪرڻ گهرجي، زندگي ۽ دردن بابت جيترو گهٽ ڳالهائجي اوترو ئي بهتر آهي_“

”تون انگلستان ۾ ڪهڙي تبديلي آڻڻ جـو خواهان آهين ميان؟_“ ممبر صاحب پڇيو.

”انگلستان ۾ تـہ آءٌ فقط آب هوا کي تبديل ڪرڻ چاهيان ٿو_“ هينري ورائيو. ”هونئن ته آءٌ ملڪ جي فلسفي تي گهڻو مطمئن آهيان پر هن اوڻويهين صديءَ ۾ اسان ۾ جا هيڪاندي همدردي ۽ غمخواري جي سخا پئدا ٿي پئي آهي جنهن سبب هي دور ئي ڪٿل ڪاتي جو دور بنجي ويو آهي تنهن لاءِ سائنس جي مدد ونئي پوندي ته اچي اسان کي سڌو ڪري. جذبات مان اسان کي اهو فائدو تـو رسي جو اهي اسان کي گمراه ڪري ٿا ڇڏين ۽ سائنس جو فائدو هي آهي ته سائنس جذبات ۽ جوش کان خالي هوندي آهي_“

”پر اسان تي گهڻيون ئي بيون ذمہ داريون بہ آهن۔“

”هڪڙو تہ ماڻهو ذمہ داريءَ جو ڏاڍو فڪر ٿا رکن، ڏاڍي گهٽي اٿن ذمہ دارين جي، اهو ذمہ داري جو احساس ئي دنيا جو بنيادي گناه آهي، جيڪڏهن غار وارو انسان ڪلهه خوش ٿيڻ جي ڍنگ کان واقف هجي ها تہ اڄ تاريخ ئي مختلف هجي ها۔“

”آءٌ ايسٽ اينڊ واري معاملي تي تنهنجي چاچيءَ اڳيان ڏاڍي شرمسار آهيان هينري۔“ نواب بيگم چيو۔ ”آءٌ هن کي ڏسندي آهيان تہ ڏاڍي لڄي ٿيندي آهيان۔“

”لڄي ٿيڻ ۾ تہ ڏاڍو حسن هوندو آهي نواب بيگم۔“ هينري چيو۔

”جوان هوندي شرمائڻ ۾ برابر حسن آهي، باقي اسان ڪراڙين جو شرمائڻ تہ رڳو بروسوڻ بنجو وڃي، هينري۔! ڪاش ڪو اهڙو گُر ٻڌائين جو آءٌ وري جوان ٿي وڃان۔“

”ڪي اهڙيون خطائون ياد اٿئي جي جواني ۾ ڪيون هجنئي۔؟“ هينري پڇيو۔

”ها چو نہ، جوانيءَ ۾ مون کان گهڻيون ئي خطائون ٿيون آهن۔“

”تہ بس، تون هر اها خطا وري ٻيهر ڪر جا تو جوانيءَ ۾ ڪئي آهي، ٻيهر جوان ٿيڻ لاءِ رڳو پنهنجين حماقتن ۽ خطائن کي ورجائڻ لازمي آهي۔“

”واه جي تجويز آهي!۔“

”نهايت خطرناڪ نظريو آهي۔۔“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”مون کي ته سيڪجهه وسري به ويو ته مون ڇا چيو. ڪي اڻونڊز ڳالهيون به ڪير ڇا.؟“

”بالڪل برين ۽ اڻ وڻندڙ، سچ پچ آءٌ توکي انتهائي خطرناڪ ماڻهو ٿو سمجهان، ۽ جي اسان جي نيڪ خصلت نواب بيگم سان ڪجهه ٿي پيو ته اسين سڀ توکي جوابدار ڪنداسين — خير ڪڏهن تون مون وٽ ٽريڊلي اسٽريٽ تي اچجان ۽ پنهنجي انهيءَ لذت پرستي جي فلسفي تي ڪجهه سمجهائيون ڏجان.“

هينري مسٽر ايرسڪائين ڪان موڪلائي ٻاهر پارڪ ڏانهن وڃڻ جي ارادي سان دروازي ڏانهن وڌيو ته — ڊورين وڌي اچي هن جي ٻانهن کي ڇهندي چيو:

”آءٌ به توسان ٿو هلان.“

”پر مون ته سمجهو هو ته تو باسل سان ملڻ جو وعدو ڪيو آهي.“

”آءٌ توسان گڏ هلندس، دل چوي ٿي آءٌ توسان ئي گڏ هجان، مهرباني ڪري مون کي پارڪ ۾ وٺي هل ۽ وعدو ڪر ته سڄو وقت مون سان ڳالهيون ڪندو رهندين. اهڙيون وڻندڙ ڳالهيون تو ڪان سواءِ ٻيو ڪير به نٿو ڪري سگهي.“

”اج ته مون تمام گهڻو ڳالهايو آهي.“ هينري ڪلندي چيو. ”هاڻي ته پاڻيان ته ويهي ڪجهه جيون چرتر جو جائزو وٺجي. توکي به اهڙو شوق آهي ته اچ ته گڏجي جيون چرتر تي ڪجهه نظر وجهون.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[۴]

هڪ مهنو گذرڻ بعد هڪ ٽپهريءَ جو ڊورين، ميفيئر ۾ لارڊ هينري جي گهر ننڍي ڪتب خاني ۾ هڪ آرام ڪرسيءَ تي ليٽيو پيو هو، هي ڪمرو نهايت شاندار ۽ ڪشش وارو هو، خوبصورت تاريخي سامان، تصويرن ۽ ڪتابن سان سينگاريل هي ڪمرو هينري جي اعليٰ ذوق جو دليل هو.

هينري اڃا گهر نه پهتو هو. هن جو چوڻ هو ته وقت جي پابندي وقت جي چوري آهي، انهيءَ سبب هو وقت جي پابندي تي ڪڏهن عمل نه ڪندو هو، ڊورين بنهه بي خيالي ۽ بي دلي سان هڪڙي ناول جا ورق اٿلائي پٿلائي رهيو هو جنهن جي انداز مان صاف پتو پيو ٿي ته هينري جي دير سبب هو ڪاوڙيل به آهي ۽ بيقرار به، ڪمري ۾ لڳل گهڙيال جي ٽڪ ٽڪ به هن کي ڏکي پئي لڳي هڪ ٻه دفعا ته هن وڃڻ جو ارادو به ڪيو.

نيٺ ٻاهر ڪنهن جي پيرن جي آهٽ ٿي ۽ دروازو کليو. ڊورين بي اختيار تي اچڻ واري سان شڪوو ڪيو:

”ڪيتري نه دير ڪئي اٿئي هينري-“

”آءٌ هينري نه آهيان-“ تکي آواز ۾ جواب مليو. ڊورين ڇرڪ ڀري اچڻ واري ڏانهن نهاريو ۽ حيران ٿي اٿي بيٺو- ”معاف ڪجو، مون سمجهيو....“

”اوهان سمجهو ته هينري هوندو، مگر آءٌ سندس زال

آهيان، آءٌ اوهان سان پنهنجي واقفيت ڪرائڻ گهران ٿي، اوهان کي ته آءٌ چڱيءَ طرح سڃاڻان، هينري وٽ اوهان جون سترهن تصويرون آهن.“

”سترهن ته نه آهن مسز هينري.“

”ٿڌهن ارڙهن هونديون، ۽ مون رات اوهان کي هينري سان گڏ سنگيت ناٽڪ ۾ ڏٺو هو.“ ڳالهائڻ وقت هوءَ ڏاڍي بي حجابي سان کلندي ٿي وئي ۽ ٻورين ڪي ڪجهه اهڙين نظرن سان ٿي ڏنائين جڻ چوندي هجي، ”مون کي نه وسارجان.“

هينري جي زال بيحد حريص عورت هئي، جيڪو لباس پائيندي هئي تنهن مان سدائين اڻين ظاهر ٿيندو هو ته انهيءَ کي ناهڻ ۾ پهرڻ وقت ڪي وڏا طوفان ڪڙا ٿيا آهن، اڪثر ڪنهن نه ڪنهن سان محبت ۾ گرفتار هوندي هئي ۽ جيئن ته محبت جو جواب ڪڏهن به محبت سان نه مليس سدائين نامراد هوندي هئي تنهن ڪري شڪست ۽ ٿڪائي وندرائڻ خاطر پاڻ کي ڪنهن نه ڪنهن فريب ۾ ضرور مبتلا رکندي هئي، هميشه پاڻ کي خوبصورت بنائي رکڻ جي پوري ڪوشش ڪندي هئي جنهن جي نتيجي ۾ سدائين بي سري بي ڍولي ۽ گدلي ڏسڻ ۾ ايندي هئي، نالو وڪٽوريا هوس، ديول ۾ وڃڻ جو ته جنون هوندو هوس.

”پانيان تو تو مون کي لوهنگرن ۾ ڏٺو آهي، مسز هينري؟“

”ها، مون اوهان کي اتي ئي ڏٺو آهي، مون ڪنهن واڳنر

ملي ڏاڍي خوش ٿـي آهيان ڏاڍيون مـزيدار ڳالهيون ٿـو ڪري...."

"آءٌ بـہ ڏاڍو خوش بلڪ متاثر ٿيو آهيان پياري-"

هينري اچرج ڀري نگاه سان ڀنهي ڏانهن نهاريندي چيو- "معاف ڪجان ڊورين آءٌ وارڊ اسٽريٽ ۾ ڪيمخواب جو هڪ ٽڪرو خريدڻ ويو هوس اتي دوڪاندار سان ريڙه پيڙه ۾ ايڏو وقت ضائع ٿيو، اڄڪلھ ماڻھو قيمت تـہ هر شئي جي ڄاڻن ٿا پر قدر ڪنهن بہ شئي جو ڪونہ ڄاڻن-"

مسز هينري ڀنهي کـان موڪلائي هڪ ڀڪيءَ جـي ڦڙتي سـان ڪمري مان نڪري وئي تہ هينري زور سـان دروازو بند ڪري اچي صوفي تي ڪريو. سگريٽ دکائي هن چيو:

"هيڊن وارن واري عورت سان ڪڏهن بہ شـادي نہ ڪجان ڊورين -"

"ڇو هينري-؟"

"اهي تمام گهڻو جذباتي هونديون آهن-"

"مون کي تہ جذباتي ماڻهو وڻندا آهن-"

"اهڙي شادي ڪڏهن نہ ڪجان، مرد شادي ان ڪري ڪندا آهن جو هو ڪنهن بي ڳالھ کان بيزار ٿيل هوندا آهن ۽ عورتون ان ڪري شادي ڪنديون آهن جو هنن کي شاديءَ جو شوق هوندو آهي، پر هوندا ٻئي وڌل ۾ آهن-"

"خير اڇا تہ منهنجي شاديءَ جو ڪو امڪان بہ ڪوني، آءٌ تہ هڪ هنڌ چڱي طرح محبت جي دام ۾ ڦاسي پيو آهيان-"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هينري ڪي پل لاءِ ماٺ ٿي ويو. پوءِ پڇيائين:
”ڪنهن تي عاشق ٿيو آهين_؟“
”هڪ ايڪٽريس آهي_“ ڊورين ڪجهه شرمائيندي چيو.
”خير، ايڪٽريس ڪي پهريون دفعو ڏسڻ سان ته هونئن ئي عشق ٿي ويندو آهي.“
”تون هن کي ڏسندين ته ائين نه چوندين_“
”ڪهڙي ايڪٽريس آهي_؟“
”سبل وين نالو اٿس_“
”مون ته ڪڏهن اهو نالو نه ٻڌو آهي_“
”ڪنهن به نه ٻڌو آهي، پر هڪ ڏينهن نيٺ دنيا هن جي نالي کان واقف ٿي ويندي، هينري هوءَ اڻ رواجي ذهن جي مالڪ آهي_“
”ڊورين دوست_! ڪابه عورت اڻ رواجي ذهن جي مالڪ نه هوندي آهي، عورت محض هڪ نمائشي آرائشي جنس آهي، هن ۾ ڪنهن شئي بابت گفتگو ڪرڻ جي صلاحيت نه هوندي آهي پر تڏهن به هوءَ هر شئي بابت ڏاڍي خوبيءَ سان ڳالهائيندي ضرور آهي، عورت هميشه اهو پئي ظاهر ڪندي آهي ته مادو عقل تي غالب اچي ويو آهي بالڪل اهڙي طرح جيئن مرد هميشه اهو ٻيو ڏيکاريندو آهي ته عقل اخلاق تي غالب اچي ويو آهي_“
”اهو وري ڪيئن هينري_؟“
”ڊورين، پيارا، آءٌ بالڪل صحيح پيو چوان، مون عورت ذات جو جيڪو تجزيو ڪيو آهي تنهن موجب عورتون عام طور تي ٻن قسمن جون هونديون آهن ـــ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪڙيون ساديون ۽ ٻيون رنگين. ساديون عورتون نهايت ڪارائتيون هونديون آهن جي تون پاڻين ته تنهنجي معتبري ۽ مان مرتبي جـو ناماچار ٿئي ته انهن ساڌن عورتن سان دعوتن جا اهتمام ڪر، تنهنجو مقصد پورو ٿي ويندو جتي ڪٿي تنهنجي ساک ۽ معتبري جو چوبول ٿـي ويندو. ٻي قسم جون عورتون يعني رنگين.— اهي رڳو دليون ڏتارڻ جو ڪم ڪنديون آهن هو پنهنجي پاڻ تي رنگ چاڙهينديون آهن ته جيئن جوان ڏسڻ ۾ اچن، اسان جون ڏاڏيون ۽ نانيون پاڻ تي انهيءَ ڪري رنگ ثقينديون هيون تـه جيئن هو ڏاهيون ڏسڻ ۾ اچـن، اڄڪلهه جي ڪا عورت جيسين پنهنجي ڌيءَ کان ٻه ڏه سال ننڍي نٿي بنجي تيسين سک نٿو اچيس. خير، تون پنهنجي انهيءَ غيرمعمولي ذهين محبوب بابت ٻڌاءِ ته تون هن سان ڪڏهن ملئين—؟“

”پر هينري تنهنجين ڳالهين ته مون کي ديجاري ڇڏيو آهي—“

”تون انهن ڳالهين تي ڌيان نه ڏي، ٻڌاءِ هن سان ڪڏهن واقفيت ٿي-؟“

”ٽي هفتا ٿيا آهن-“

”تون هن سان ڪٿي ملئين-“

”توکي ٻڌايان ٿو هينري، پر ڏس تون هن معاملي ۾ اهڙي ڪٺورتا نه ڏيکارجان سچ ته آءٌ توسان ملڻ نه هجان ها ته هن سان نه ملان ها، تو منهنجي دل ۾ زندگيءَ سان واسطو رکندڙ هر شئي کي ڳولڻ ۽ پرکڻ جي هڪ

ديواني خواهش پئدا ڪري ڇڏي، تو سان ملڻ بعد مون کي ٿي سچ پچ مون کي پنهنجي خون جي گرمي محسوس ٿي ڪٿي تفريح ڪندي يا پارڪ ۾ ليٽندي آءٌ پنهنجي پر مان لنگهندڙ هر شخص کي ديوانن وانگر ڇتائي ڏسندو هوس ۽ سوچڻ لڳندو هوس ته ڪير ڪهڙي قسم جي زندگي ٿو گذاري، ڪن ڏانهن منهنجي دل ڇڪجي ويندي هئي ۽ ڪن کان خوف کائڻ لڳندو هوس.

”هڪ ڏينهن شام جي مهل، جڏهن ته هوا ۾ وٺندڙ ۽ مٺو زهر پريل هو ۽ منهنجي جذبات ۾ مانڊاڻ متو پيو هو مون گهر کان ٻاهر نڪري پاڻ کي ڪنهن نه ڪنهن حادثي جي حوالي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، مون چاڻو ٿي ته هن هيڏي ساري شهر ۾ بيشمار ماڻهو رهن ٿا ۽ جتي تنهنجي چوڻ موجب ڪمينا گناهگار به آهن ته وڏا شاندار گناه به آهن، تڏهن مون لاءِ به ضرور ڪا شئي هوندي، هزارين شيون منهنجي ذهن تي تري آيون، انهيءَ تصوير منهنجي دل ۾ خوف به پئدا ڪيو ٿي ته وري انهيءَ ئي خوف مان هڪ اڻ ڇاتي لذت جو به احساس ٿيو ٿي، مون کي ياد آيو ته هڪ سندر شام ويلي تو مون کي چيو هو ته زندگيءَ جو اصل پيڊ، سونهن جي تلاش ۾ آهي،

”ٻاهر نڪرڻ وقت مون کي ڪهڙي حادثي جي اميد هئي سو ته ياد نه اٿم، خير آءٌ هتي هُتي گهمندو اچي هڪ اونداهي چونڪ ۾ نڪتس جيڪو ڇڻ هڪ اوڙاه هو. ان چونڪ جون گهٽيون ئي ڏاڍيون ڀيانڪ هيون، ان وقت

سادا اٺ وڳا هئا، اتي هلندي مون هڪ ننڍو ۽ بي سرو ٽيئٽر ڏٺو جنهن جي ٻاهران شمعدان پي ٻريا ۽ پٽين تي وڏا ڀڀڪيدار اشتهار لڳا پيا هئا، دروازي وٽ هڪ پوڙهو جهڙو يهودي بيٺو چروٽ ڇڪي رهيو هو، هن ڪي جو عجيب قسم جو واسڪيٽ پهريل هو سوٽي مون زندگيءَ ۾ پهريون دفعو ڏٺو هو، انهيءَ ڊول بڊاڙي دربان مون کي ڏسي سلام ڪيو ۽ چاپلوسي واري هڪ عمدي انداز ۾ چيو- ”سائين- باڪس ۾ هلي ويهو-“ هن جي اها ڏند تيڙ مون تي اثر ڪري وئي ۽ آءٌ اندر وڃي هڪ گني ڏئي اچي باڪس ۾ ويٺس، سچ ته آءٌ اڄ تائين اهو نه سمجهي سگهيو آهيان ته مون ائين ڇو ڪيو پر جي ائين نه ڪريان ها ته پنهنجي زندگيءَ جي هڪ وڏي رومانس کان محروم رهجي وڃان ها، تون مون تان کلين پيو هينري-؟ افسوس آهي-!“

”نه ڊورين آءٌ توتان نه پيو کلان، البت توکي ائين چوڻ نه جڳائي ته اهو تنهنجي زندگيءَ جو عظيم رومانس هو، ها ائين کٽي چئو ته اهو تنهنجي زندگيءَ جو پهريون رومانس هو پهرين محبت هئي، توسان هميشه ٿي محبت ڪئي ويندي ۽ تون هميشه ٿي محبت ڪندو رهندين، اهڙن شاندار ۽ روماني جذبن جا مالڪ اهي ٿي هوندا آهن جن تي ڪا جوابداري نه هوندي آهي ڪنهن به ملڪ جي واندن ماڻهن کي اهو ٿي هڪ فائدو حاصل هوندو آهي جو روماني سپاءِ جا ٿي ويندا آهن، تون ته فڪر نه ڪر تنهنجي مقدر ۾ ته گهڻيون ٿي نعمتون ۽ انعام آهن، هي ته اڃان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محض هڪ شروعات ٿي آهي_."

"تون مون کي ايتري قدر هلڪي طبيعت جو ۽ سطحي انسان ٿو سمجهين_؟" ڊورين ڪاوڙ مان تکو ڳالهايو.

"نہ نہ_ آءٌ تہ توکي سنجيدو ۽ ڳوڙهي نظر رکڻ وارو ٿو سمجهان_"

"ڇا مطلب_؟"

"ڏس پيارا_ منهنجو مطلب هي آهي تہ هلڪي ۽ سطحي نظر وارا ماڻهو اهي هوندا آهن جي زندگي ۾ فقط هڪ ڀيرو محبت ڪندا آهن، جنهن شئي کي هو وفا ۽ خلوص سمجهي ڀاڻ کي با وفا ۽ مخلص پيا سمجهندا آهن تنهن شئي کي آءٌ محض هڪ سوڙهي رسم ۽ سمجهہ جي گهٽتائي سمجهندو آهيان، وفا ڇا آهي_؟ محض ناڪامي ۽ لاچاري جو اعتراف. هڪ جذباتي ماڻهوءَ لاءِ وفا جي اهميت اوتري ئي آهي جيتري هڪ سياڻي ماڻهوءَ جي نظر ۾ ميل ملاقات ۽ لڳ لاڳاپن جي. ڪنهن ڏينهن آءٌ وفا جي معاملي ۾ ويهي تجزيو ڪندس. منهنجي خيال ۾ وفا جي جذبي ۾ ملڪيت جي خواهش ضرور هوندي آهي،

"اسان وٽ ڪيتريون اهڙيون شيون هونديون آهن جيڪي اسين اڇلائي ڇڏڻ چاهيون ٿا، پر رڳو انهيءَ ڊپ کان نٿا اڇليون تہ متان ڪو اهي کڻي نہ وڃي، يعني، گهٽين شين سان اسان وفا رڳو ان ڪري ڪريون ٿا جو اهو خوف ٿو رکون تہ متان ڪو ٻيو انهن جو مالڪ نہ بنجي وڃي، اسين انهن جو مالڪ بنجي رهڻ جي خواهش جي سبب انهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايڪٽريسن سان محبت ڪئي هوندي.“

”اهڙي ناه ڏوه ۾ ڪڏهن اڻ ميو موه هوندو آهي ڊورين.“

”ڪاش! آءٌ توکي سبل وين بابت ڪجهه به نه ٻڌايان ها!“

”تون ٻڌائڻ کان سواء رهي به نه سگهين ها، پنهنجي زندگي ۾ تون جيڪي ڪجهه به ڪندين سو مون کي اوس ٻڌائيندين.“

”برابر هينري، آءٌ پاڻ اهو محسوس ڪريان ٿو، تو مون تي ڪجهه اهڙو اثر وجهي ڇڏيو آهي جو جيڪڏهن ڪو ڏوه به ڪري وڌم ته، ان جو به تو وٽ اچي اقرار ڪرڻو پوندم.“

”تو جهڙا ماڻهو — جن کي سج جيا ضدي ڪرڻا چئجي — ڏوه نه ڪندا آهن، خير انهيءَ ساراه لاء ٿورائتو آهيان، هاڻي مون کي ٻڌاء — اهو ماچس ته ڪٿجان.... مهرباني، هاڻي ٻڌاء ته انهيءَ ڇوڪري سبل وين سان تنهنجا ڪهڙي نوع جا ناتا آهن؟“

ڊورين ٽپ ڏئي اٿي بيٺو، هن جي چهري تي حيا جي سرخي ڇانئجي وئي ۽ اکيون ڄڻ ٻرڻ لڳس....

”هينري! سبل بالڪل بي داغ آهي، پاڪ آهي.“ هن چيو.

”بي داغ شيون ئي ڇهڻ لائق هونديون آهن ڊورين.“ هينري ڪجهه عجيب دلسوزي سان چيو. ”خير تون غم ڇو ٿو ڪرين، منهنجي خيال ۾ هڪ ڏينهن هوءَ تنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”مون کي ته تون هڪ شهزادو ٿو لڳين، آءٌ توکي جادوگر شهزادو سڏينديس——“

واه—!ڊورين. سڀ کي ساراه ڪرڻ جو ته واه جو ڏانءُ آهي-“

”تون هن کي نه پيو سمجهين هينري، هن مون کي فقط ناٽڪ جو هڪ ڪردار سمجهي ائين چيو هو. زندگيءَ جي ته هن کي ڪابه پروڙ ڪانهي، هوءَ پنهنجي ماءُ سان رهندي آهي جا هڪ جهور ٻڍي عورت آهي، ڏسجي ٿو ته هن به ڪي سٺا ڏينهن ڏٺا آهن—“

”اهڙين شين کي ڏسي برابر ڏک ٿيندو آهي جي ڪمال کان زوال ڏانهن ايندڙيون آهن—“

”پوڙهي يهوديءَ مون کي سڀ جي حالات کان باخبر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر مون کيس جهلي ڇڏيو ته هن جي ماضي ۽ حال سان مون کي ڪابه دلچسپي ڪانهي-“

”تو ٺيڪ چيو، ڪن ماڻهن جي المين ۾ ڪا نيچپائي جي ڳالهه به هوندي آهي—“

”هن وقت سبل ئي هڪ اهڙي هستي آهي جنهن جو مون کي هر وقت خيال آهي، پرواه آهي، ياد آهي. منهنجو انهيءَ ۾ ڇا ته هوءَ ڪير آهي ۽ ڪٿان آئي آهي—؟ هوءَ ننهن کان چوٽيءَ تائين هڪ ديوي آهي، آءٌ هر رات هن کي ڏسڻ ويندو آهيان ۽ هر دفعي هوءَ مون کي اڳي کان وڌيڪ خوبصورت نظر ايندي آهي—“

”تڏهن ئي تون هاڻي مون سان رات جي مانيءَ ۾ شريڪ نه ٿيندو آهين—؟ مون ته اڳ ئي سمجهو ٿي ته تو ڪا

جيتيان، آءٌ چاهيان ٿو ته هوءَ مون کي ايترو چاهي جو روميو کي به مون سان حسد ٿي پوي، آءٌ چاهيان ٿو ته گذري ويل سڀني عاشق اسان جا ٽهڪ ٻڌن ۽ حسرت ڌارين، آءٌ چاهيان ٿو ته اسان ٻنهي جي جذبات جو طوفان انهن گذري ويل عاشقن جي رڳ ۾ جان وجهي ڇڏي ۽ هنن جي رڳ ۾ آهون ڪرڻ لڳي، يا خدا! آءٌ هن کي ڪيئن نه ٿو ٻڌايان، تو کي ڪيئن سمجهايان هينري!" ڊورين ڪمري جي هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ تائين اچ وڃ ڪندي ڏاڍي جوش سان ڳالهائيندو رهيو، جذبات جي تپش سبب هن جا ڳل ڏي تپي ڳاڙها ٿي ويا هئا!

لارڊ هينري هن کي ڏسندو مرڪندو رهيو، هن جي دل ۾ سرهائي جو هڪ عجيب احساس پيدا ٿي پيو هو، باسل هالورڊ جي اسٽوڊيو ۾ ملندڙ هڪ شرميلو ۽ ٻيلو نوجوان هن وقت ڪيترو نه بدليل هو! هن جو سپاهه اسريل ۽ ڦلاريل ٻوٽي وانگر جوش ۽ جذبات جو ٻور جهلي چڪو هو، هن جو روح پنهنجي ڳجهي ٿان تان ڇرڻ لڳو هو ۽ حسرتون ان سان ڏڪرجڻ لڳيون هيون!

"هاڻي ڀلا تنهنجو ڇا ارادو آهي؟" هينري آخرڪار سوال ڪيو.

"آءٌ چاهيان ٿو ته تون ۽ باسل ڪنهن رات هلي هن جو ڪو ڊرامو ڏسو، مون کي اهو فڪر ته آهي ڪونه ته اوهان کي هن جو ڪم نه وڻندو، اوهين يقيناً هن جي هنر

ڪـي پسند ڪندا. تنهن بعد اسان کي گهرجي تـہ انهيءَ يهوديءَ جي چنبي مان ڪيس آزاد ڪرايون. هوءَ اڄاگهٽ ۾ گهٽ ٻہ سال اٿ مهنا هن سان ٻڌل آهي. مون کي ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏئي هن کي آزاد ڪرائڻو پوندو. تنهن بعد آءٌ هڪ ويسٽ اينڊ ٿيٽر قائم ڪندس ۽ هن کي اهو درجو ڏيندس جنهن جي هوءَ مستحق آهي پوءِ ڏسجو تہ دنيا هن لاءِ مون جيتري ئي ديواني ٿئي ٿي يا نہ_؟"

"خير دنيا ايتري بہ ديواني نہ ٿيندي، پيارا_"

"هوءَ ضرور دنيا کي ديوانو بنائيندي، هوءَ فقط فن ۾ ئي ڪامل ناهي بلڪ هڪ لاجواب شخصيت جي مالڪ بہ آهي، ۽ تون اڪثر چوندو آهين تہ دنيا اصولن کان نہ بلڪ شخصيتن کان متاثر ٿيندي آهي_"

"خير ڀلا ڪهڙي رات هلجي_؟"

"سڀاڻي هلنداسين جڏهن هوءَ جوليٽ جي روپ ۾ هوندي ـــ"

"چڱو، تہ سڀاڻي اٺين بجي پاڻ برسٽل وٽ ملنداسين_"

"اٺين بجي نہ هيري، پاڻ ڪلاڪ ڏيڍ اڳ ئي هلنداسين تہ جيئن پردو کڄڻ کان اڳ اتي پهچي وڃون ۽ تون هن جو پهريون ايڪٽ ڏسي سگهين_"

"يار ڪهڙو اشراف ماڻهو سٽين کان اڳ ماني کائي وٺندو هوندو، ڀلا باسل کي تون اطلاع ڪندين يا آءٌ نياپو ڪريانس_!"

"باسل_! پيارو دوست_! منهنجي بہ تہ ارڏائي ڏس جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي فن ۾ هجن ۽ نه هنجي ذات ۾، ۽ برو فنڪار اهو آهي جنهنجون خوبيون سندس ذات ۾ رهجي وڃن ۽ نه سندس فن ۾- مطلب ته سٺا فنڪار پنهنجي تخليق ۾ موجود هوندا آهن ۽ برا فنڪار پنهنجي ذات ۾، هڪ سٺي ۽ وڏي شاعر جي شخصيت انتهائي غير شاعرائي هوندي آهي جڏهين ته هڪ معمولي درجي جو شاعر ڏاڍي سهڻي شاعرائي شخصيت جو مالڪ هوندو آهي، جيترو بي سرو انهن شاعرن جو ڪلام هوندو آهي اوترائي سر ۾ هو پاڻ هوندا آهن."

"اها عجيب ڳالهه آهي هينري، ڇا واقعي ايئن ٿيندو آهي-؟" ڊورين ميز تان عطر جي شيشي کڻي ڪجهه پنهنجي رومال تي هٿندي چيو- "پر جي تون ٿو چوين ته پوءِ ايئن ٿي هوندو، ڇگو هاڻي آءٌ هلان ٿو سبل اموگين جي روپ ۾ منهنجو انتظار ڪندي هوندي، سڀاڻي جو پروگرام ياد رکجان، ڇگو خدا حافظ-."

ڊورين جي وڃڻ بعد هينري جي اکين جا ڳرا ڳرا پنبڻ ڍرڪي پيا ۽ هو ويچار ۾ پئجي ويو. هنجي زندگي ۾ ڊورين جهڙا ڪي چند ماڻهو ئي داخل ٿيل هئا جنڪان هو ايترو متاثر ٿيو هو، تڏهين به ڊورين کي ڪنهن ٻئي جو ديوانو ٿيندو ڏسي هنکي ڪو ڏک يا حسد نه پئي ٿيو بلڪه ڪجهه خوشي ٿي ٿي محسوس ٿي ۽ هو ڏاڍي دلچسپي سان انهيءَ افساني تي ويچارڻ لڳو هو. علم طبعي (نيچرل سائنس) جي اصولن جو هو ديوانو هو پر جانورن جي وڍ ٽڪ کان نفرت ڪندو هو، هن خود پنهنجو پاڻ کي تجربي جي شئي بنائي

ته اهي خوبصورتيون ڪيئن تيون فنا ٿين ۽ ٿيئيون ٿي آهن، هو ڪنهن ناٽڪ جو هڪ اهڙو ڪردار هو جنهن جون خوشيون ته پاڻ ڪان پري ٿيون محسوس ڪجن پر هن جا درد اسانجي اندر ۾ موجود لطيف حسن کي جاڳائي ٿا ڇڏين ۽ جنهن جا زخم به ڳاڙهن گلن جيان ڏسڻ ۾ ايندا آهن.! جسم ۽ روح.! روح ۽ جسم- ڪهڙيون نه عجيب شيون آهن.! روح ۾ حيواني سرشت آهي تہ جسم ۾ ڪي روحاني خصلتون آهن، شعور بلند ٿي سگهي ٿو ۽ عقل پست ٿي سگهي ٿو، ڪير ٿو چئي سگهي ته حيواني من اچل ڪٿي پوري ٿي ۽ طبعي من اچل ڪٿان شروع ٿي.؟ نفسيات جي عام رواجي ماهرن جون زوريءَ مڙهيل منپسند تشريحون ڪيتري قدر نه سطحي ۽ بي وزن هونديون آهن، پر تڏهين به جدا جدا ۽ پانت پانت جا مَتا ۽ اصول موجود آهن تن تي ڪير ويهي فيصلو ڪري ته ڪهڙو متو صحيح آهي ۽ ڪهڙو غلط.! ڇا روح گناه جي چوديواري ۾ رهندڙ ڪا ڇاپا آهي.؟ يا جيئن گيور دانو برونو چوي ٿو ته جسم بہ روح ۾ ئي

* گيوردانو برونو اٽلي جو باشندو سورهين صدي عيسوي جو هڪ فيلسوف هو، هو ارسطو جي فلسفي جي سخت مخالفت ڪندڙ هو، هن جي فلسفي جا خاص اصول هي هئا: (١) روح يا آتما (Matter) ۾ ئي ٿي سگهي ٿي انڪان جدا نه، (٢) هي سڀ زنده شيون هڪ واحد زنده وجود جون ئي لاڳاپيل شاخون آهن ۽ انهيءَ واحد زنده وجود وانگر ٿي فنا ڪان آجيون آهن ۽ (٣) خدا انهيءَ ئي واحد زنده مرڪزي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، سو متو صحيح آهي-؟ مادي جو روح کان جدا هئڻ
۽ هڪ اسرار آهي تہ روح جو مادي سان ڳانڍاپو هڪ اسرار
آهي. ڇا نفسيات کي هڪ ڪامل سائنسي علم بنائي سگهجي
ٿو جنهن ذريعي زندگيءَ جا سڀ ڀيد اسانجي اڳيان ظاهر
ٿي پون-؟ هنوقت تہ اسانجي هيءَ حالت آهي جو اسين
پنهنجي پاڻکي هميشہ ٿي غلط سمجهندا آهيون ۽ ٻين کي بہ
ڪو ورلي ٿي سمجهندا آهيون، تجربي جو تہ ڪو اخلاقي
قدر آهي ٿي ڪونہ، ماڻهو پنهنجي غلطيءَ کي تجربو سڏيندا
آهن، اخلاقيات جي ماهرن تجربي کي تنبيهہ جي هڪ صورت
سمجهيو آهي، هو دعويٰ ٿا ڪن تہ تجربو انساني ڪردار
جي اڏاوت ۾ هڪ قوت جي حيثيت رکي ٿو ۽ جو اسانکي
سيکاري ٿو تہ ڪهڙي ڳالهہ جي پيروي ڪجي ۽ ڪهڙيءَ
کان پاسو ڪجي، پر تجربي ۾ ڪا متحرڪاتي شڪتي آهي
ٿي ڪانہ بلڪ تجربو عملي سبب جو هڪ معمولي حصو
آهي بالڪل ايئن جيئن خود ضميرعمل جو هڪ سبب آهي.
تجربي مان تہ اسانکي فقط ايهو ٿو معلوم ٿئي تہ اسانجو
مستقبل بہ اهڙو ٿي ٿيندو جهڙو اسانجو ماضي هو ۽ پوءِ ڀي
تہ جيڪو گناہ اسان هڪ ڀيرو بيدلي ۽ ڪراهت ڏاري

---

لافاني وجود جونالو آهي. (يعني وحد مان ڪثرت، ڪثرت
وحدت ڪل-؟) ١٩٥٢ع ۾ هن کي بدعتي هئڻ جي فتويٰ
ڏئي روم ۾ زنده جلايو ويو- ١٨٨٩ع ۾ ساڳي هند هنجي
ياد ۾ سندس هڪ مورتي ٺاهي کڙي ڪئي وئي جا اڃا
موجود آهي. (مترجم)

لارڊ هينري انهن ڏي خوابن ۽ خيالن ۾ غلطان هو جو دروازي تي ٺڪ ٺڪ ٿي ۽ نوڪر اچي ٻڌايو ته ماني تيار آهي. هينري هڪدم اٿي دريءَ وٽ اچي ٻاهر نظر ڪئي. اڀرندڙ سج جي ڪرڻن سبب سامهون واري جاءِ جون مٿيون دريون سرخ ۽ سونهري رنگ ۾ غرق ٿيون پيون هيون ۽ انهن جا شيشا ڏاتوءَ وانگر ٽانڊا ٿيا بيٺا هئا. آڪاش هڪ ڪومايل گل جهڙو پئي ڏسڻ ۾ آيو. هينري کي ڊورين جو خيال آيو— ڊورين—! جوانيءَ جي باهه ۾ ٻڏي پيو آهي—! خبر ناهي هنجو انجام ڪيئن ٿيندو—!

رات جو هو سادي ٻارهين ڏاري گهر پهتو ته هنکي ڊورين جي موڪليل هڪ تار ملي جنهن ۾ ڊورين گري ۽ سبل جي مڱڻي جو اطلاع هو—.

[ ٥ ]

سبل وين پنهنجي ننڍڙي ڪرائي ۽ ضعيف امڙ جي هنج ۾ منهن لڪايو ڏاڍي جذباتي مگر جهيڻي آواز ۾ پئي چوي: ”امان—! اڄ آءٌ ڪيڏي نه خوش آهيان، ڪيڏي نه خوش—! توکي به خوش ٿيڻ گهرجي امان، منهنجي خوشيءَ جي ته ڪا حد ئي ڪانهي امان—!“

پوڙهي هڪ ڪرسيءَ تي ويٺي هئي جنهن جي ٻانهن ڏي هڪڙي هئي، ۽ انهيءَ ڪمري ۾ انهيءَ هڪ ٻانهن واري ڪرسيءَ کانسواءِ ٻي ڪابه ڪرسي نه هئي، ڪمرو به ٻچان جهڙو هو جنهن کي ڊرائنگ روم ٿي سڏيائون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوڙهيءَ چرڪ پري ڏيءُ ڏانهن نهاريو ۽ پنهنجا نبل ڳورا هٿ هنجي مٿي تي رکي جهٽڪڻ لڳي- ”ڇاتي خوش ٿيڻ گهرجي؟ آءٌ ته فقط انوقت خوش ٿيندي آهيان جنهن وقت تون پنهنجو پارٽ ڪندڙ هوندي آهين ۽ توکي به پنهنجي انهيءَ ڪم ڪنسواءِ ٻي ڪنهن بہ ڳالهہ ڏانهن ڌيان نہ ڏيڻ گهرجي، مسٽر اسحاق اسانتي ڏاڍو مهربان آهي ۽ پاڻ هنجا قرضي بہ تہ آهيون-“

سبل رسڻ لڳي، چپ قلهڙا ڪندي دڙڻ لڳي:

”پئسو آخر ڇا آهي امار-! محبت پئسي کان گهٽي ملهائتي آهي-“

”اسحاق اسانکي پنجاه پائونڊ اڳوات ڏنا آهن تہ جيمس لاءِ مسافريءَ جــو وکر وٺون توکي اها ڳالهہ وسارڻ نہ گهرجي پنجاه پائونڊ ڪا ٿوري رقم ڪانهي، اسحاق هميشہ پاڻ سان خيرخواهي ڪئي آهي-“ .

”اسحاق ڇڱو ماڻهو ڪونهي امان! ۽ هنجو ڳالهائڻ جو ڍنگ تہ مونکي اصل ڪونہ وڻي-“ سبل ماڻس وٽان اٿي دروازي ڏانهن وڌي.

”پنهنجي هن ڪانسواءِ سرندي بہ ڪانہ-!“ پوڙهيءَ جي لهجي ۾ ميار بہ هئي ۽ ڪاوڙ بہ.

”هاڻي اسانکي اسحاق صاحب جي ڪاڻ ڪڍڻي نہ پوندي-“ سبل ڪنڌ لوڏيندي هلڪو ٽهڪ ڏنو- ”هاڻي تہ اسانتي جادوگر شهزادي جو راڄ آهي-“ هوءَ چپ ٿي وئي، ڳلن تي گلابي رنگ وري آيس، دل جي ڌڙڪڻ ۽

جي پالنا تي ٿي آهي، ڏسڻ واري لاءِ ٻـــ اهو يقين ڪرڻ مشڪل هو ته هو سبل جو پاءُ ٿي آهي. ماءُ ۽ ڌيءَ هڪ ٻي کي پيار ڏيڻ وٺڻ ۾ رڌل هيون. جو ان کي ڏسي پوڙهيءَ هن ڏانهن داد گهرندڙ نظرن سان نهاريو ڄڻ ڪو وڏو دلچسپ ڪردار ادا ڪندي هجي ۽ اهو جوان ڪو وڏو قدر شناس تماشبين هجي.

”هڪ ٻه چمي ته مون لاءِ به رک سبل.“ نوجوان ڏاڍي شائستگي سان جهڻ جهڻ ڪئي.

”تو لاءِ! تـون ڇـا چاهين چميءَ مان.“ سبل انگل ڪيو. ”رڇ ڪنهن جاءِ جو.“

ايئن چئي هيج مان وڌي هن پاءُ کي اچي ٻاڪر پاتو ۽ هو ڄڻ تازو توانو ٿي ويو.

”آءٌ چاهيان ٿو تـ... تون مونسان گڏجي گهمڻ هلين سبل.“ نـوجوان هنجي منهن ۾ نهاريندي چيو. ”آءٌ هـن نياڻي لنڊن کي شايد وري ڪڏهين نه ڏسي سگهندس، اهڙي خواهش ٿي نه اٿمـ.“

”اهڙيون اگريون ڳالهيون نه ڪر پٽ.“ پوڙهيءَ ٿڌو ساه کڻندي چيو. ۽ ٻوءِ ڪي ائڪٽرن جا ڪپڙا ڪٺي انهن کي چتيون هڻڻ ويهي رهي.

”ڇو نه ڪريان اهڙيون ڳالهيون؟“

”مونکي نثيون وٺن اهي ڳالهيون، مونکي يقين آهي ته تون آسٽريلياڪان هڪ شان مان وارو ماڻهو ٿي موٽندين، اتي توکي اهڙي سوسائٽي نه ملندي جهڙي هتي آهي، چار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پئسا جڙندي ته هڪدم موٽي اچجان.“

”سوسائٽي! انهيءَ بابت ته آءٌ سوچڻ به اجايو ٿو سمجهان، مون ته پاڻ تي اهو لازم ڪيو آهي ته پئسا ميڙي اوهانکي هن ناٽڪ جي زندگيءَ کان ڇوٽڪارو ڏياريان، هن ڪم کان مونکي سخت نفرت آهي.“

”اها ته تنهنجي ڪنورپائي آهي جم.“ سبل ڪلندي چيو. ”خير تنهنجي اها ڳالهه وٺي جو مونکي سير تي وٺي ٿو هلين، مون ته سمجهيو تون پنهنجي هيءَ آخري ڏيهاڙي پنهنجن دوستن کان، موڪلائڻ ۾ وڃائيندين، مثال طور هاردي سان جنهن توکي اهو جنبولو پائپ پيئڻ لاءِ ڏنو يا لينگٽن سان جيڪو توکي اهو پائپ ڇڪيندو ڏسي کلندو آهي، پلا ڪيڏانهن هلون؟ منهنجي خيال ۾ پارڪ ۾ هلجي.“

”اون هون، منهنجا ڪپڙا ڏي اوٽ پٽانگ ٿيا پيا آهن. پارڪ ۾ ته ٽيپ ٽاپ وارا ماڻهو ويندا آهن.“ پاڻس چيو.

”پوڪ ڪنهن جاءِ جا!“ سبل منهن ۾ گهنڊ وجهي هن جي ڪوٽ جي پاڻهن تان مٽي ڇنڊيندي چيو.

”چڱو پلا، پر ڏس تيار ٿيڻ ۾ دير نه ڪجان.“

سبل ٽپندي ڪڏندي ڪمري مان نڪري وئي، مٿي ڏاڪڻ تي چڙهندي هوءَ جهونگارڻ لڳي، هن جو مٺو آواز هن جي نازڪ پيرن جي چاپ سان ملندو هڪ ٿي ٿي ويو.

جيمس ڪمري ۾ هڪ ٻه ڦيرو ڪيو ۽ پوءِ پوڙهيءَ کان، جا ڪرسيءَ تي بالڪل سڪ ٿيو ويٺي هئي پڇڻ لڳو.

”منهنجو سامان تيار آهي امان؟“

”بالڪل تيار آهي پٽ.“ پوڙهيءَ بنان ڪنڌ ورائڻ جي جواب ڏنو. ڪن مهنن کان هن جي ڪيفيت اهڙي هئي جو هوءَ پنهنجي هن کهري طبيعت واري پٽ سان اڪيلائيءَ ۾ ملندي ڪجهه خوف محسوس ڪندي هئي، هن جي پنهن جي ڳجهي ۽ رکي سياءَ ڪسي انوقت چوٽ رسندي هئي جنهن وقت جيمس سندس اکين ۾ نهاريندو هو، حيران پئي ٿيندي هئي ته متان هنکي ڪو شڪ جاڳيو آهي ۽ جو هو ڪجهه ڪڇندو ڇندو به نه هو ته هن کان ويتر سهسايو نه پي ٿيو، هائي هوءَ ڪرڪڻ ۽ ٿڪڻ لڳي — عورتون اهڙيون هلائون ڪري به پنهنجو بچاءُ ڪنديون آهن، خاص ڪري جڏهين هو، آڻ مڃڻ جو عجيب انداز اختيار ڪري اوچتو حملو ڪن. ”مون کي اميد آهي ته تون سمنڊ جو سفر دلجاءِ سان ڪندين جو تو خلاصي ٿيڻ پنهنجي مرضي سان پسند ڪيو ۽ قبوليو آهي؛ مون ته توکي گهٽو ڏي سمجهايو ته هتي ڪا نوڪري ڪر....“

”آفيسن ۽ ڪلارڪن سان مونکي نفرت آهي، ٺيڪ آهي مون پاڻ جهاز جو خلاصي ٿيڻ قبوليو آهي؛ بس تون رڳو سبل تي نظر رکجان متان هن کي ڪو نقصان رسي متان هن کي ڪا تڪليف رسي توکي سخت نظرداري ڪرڻي پوندي.“

”عجيب ڳالهيون ٿو ڪرين جيمس، سبل تي هونئن ئي منهنجي نظرداري آهي.“

”مون ٻڌو آهي ته ڪو پلو مانس روز ٿيٽر ڏسڻ ايندو

جيمس موگهو مرڳهٽ بڻيو هن جون اهي پارائيون ٻوليون ٻڌندو هليو، ڪو سوال جواب نٿي ڪيائين، وطن ڇڏڻ جي خيال کان دلگير هو— مگر هن جي وياڪلتا جو رڳو ئي اهو سبب نه هو، ناتجربيڪار هوندي به هن کي اهو احساس هو ته هنن حالتن ۾ سبل کي خطرو آهي، هن سوچيو پئي ته اهو اڙٻنگ ڇوڪرو جيڪو سبل سان محبت جو ناٽڪ رچائيو ويٺو آهي تنهن مان ٿي سگهي ٿو ته سبل کي ڪا ڇڏائي نه رسي، هو جو هڪ عزت دار ۽ امير هو ته جيمس لاءِ اها ئي حقيقت ذهن سهڻ جهڙي هئي ڇاڪاڻ ته اهڙي حيثيت وارن لاءِ هن جي دل ۾ طبقاتي تعصب اڳ ئي گهر ڪيل هو ۽ اهڙي نفرت رکڻ تي هو هوندئن ئي مجبور هو جنهن نفرت جو سبب خود ڪيس ئي اچا سمجهه ۾ نه آيو هو، هو پنهنجي ماءُ جي هلڪي طبيعت ۽ سڪتي هٿ کان به چڱيءَ طرح واقف هو ۽ اتان ڏي، هن کي سبل ۽ هن جي آبرو کي خطرو ٿي ڏسڻ ۾ آيو. اولاد کي ننڍپڻ ۾ ماءُ پيءُ سان ڏاڍو پيار هوندو آهي، جيئن هو عمر ۾ وڌندا ويندا آهن تيئن هو ماءُ پيءُ کي پرکيندا ويندا آهن ۽، پوءِ ڪن معاملن ۾ مائٽن کي معاف به ڪري ڇڏيندا آهن.

جيمس جي من ۾ سچ ته مانڌاڻ متو پيو هو، هڪ پيري هن پنهنجي پيءُ بابت ٿيئٽر ۾ ڪي اهڙا گفتا ٻڌا هئا جي هن کي ڇهڪن وانگر اچي منهن ۾ لڳا هئا، عرصي کان هو پنهنجي ماءُ کان ڪي سوال پڇڻ لاءِ پئي سنڀريو پر ڪجهه سوچي پاڻ تي ضبط ڪندو ٿي رهيو. هن وقت به

اتهن ڏي ڳالهين هن کي بي قابو بڻي ڪيو.
”تون ته منهنجون ڳالهيون اصل نه پيو ٻڌين جمر_“
سبل رڙ ڪئي- ”ڏس ته آءٌ تنهنجي لاءِ ڪهڙيون سٺائون
بڻي سٺيان، ڪجهه ڳالهاءِ ته سهي_“
”ڇا ڳالهايان_؟“
”اهوئي ته تون ڏاهو نينگر ٿيندين، ۽ اسان کي وساري
نه ويهندين_!“ سبل ڪلندي چيو.
”آءٌ ته ڪونه وساريندس، پر تون شايد وساري ڇڏيندين۔“
”ڇا مطلب آهي تنهنجو_؟“ هوءَ ڪاوڙجي پئي.
”مون ٻڌو آهي ته توکي هڪ نئون دوست مليو ويو
آهي. مون کي ٻڌاءِ ته اهو ڪير آهي، تو هيستائين مون
کي هن بابت ڇو نه ٻڌايو_؟ هن مان توکي ڪا چڱائي نه
نه رسندي_“
”اڻين نه چئو جمر، هن لاءِ توکي اهڙا اکر نه چوڻ
گهرجن، مون کي هن مان محبت آهي_“
”ڇو_ توکي ته هن جو نالو به ڪونه اچي. ٻڌاءِ هو
ڪير آهي، مون کي اهو ڄاڻڻ جو حق آهي_“
”هن کي جادوگر شهزادو سڏيندا آهن، توکي اهو نالو
نٿو وڻي_؟ مورک_! اهو نالو ته ڪڏهن وسارڻ جهڙو ڏي
ناهي، جي تون هن کي ڏسين ها ته سمجهين ها ته دنيا ۾
هن جهڙو ڪو بيو خوبصورت انسان آهي ئي ڪونه. آسٽريليا
کان موٽي اچڻ بعد هڪ ڏينهن تنهنجي هن سان ضرور
ملاقات ٿيندي ۽ تون به هن کي بيحد پسند ڪندين، هو

پڪڙيل ڏسي انهن تي لڳو ڄڻ ڪي ديون جيڏا پوپٽ ٽپندا ڪڏندا هجن.

هڪ ٻئي پاءِ پيڻ لفظن جي ڏي وٺ انهن پيا ڪن جيئن جواري هڪ ٻئي ۾ نوٽ ۽ سڪا ڏيندا وٺندا آهن، سبل کي ڏک هو ان ڳالهه جو ته پاڻ کي پنهنجي خوشي جي جذبات ۾ شريڪ نه پئي ڪري سگهي، پنهنجي هر ڳالهه جي جواب ۾ هن کي فقط جيمس جي فوڪيل منهن تي هڪ ڦڪي مرڪ تي ملي...

اوچتو هن کي سونهري وارن ۽ مرڪندڙ چپن جو جهلڪو نظر آيو....ڊورين، ٻن عورتن سان گڏ هڪ وڪٽوريا ۾ ويٺو نظر آيو—! سبل ٽپ ڏئي اٿي بيٺي— ”هو پيو وڃي—!“ هن رڙ ڪئي. ”ڪير—؟“ جيمس پڇيو.

”جادوگر شهزادو—“ سبل وڪٽوريا ڏانهن نهاريندي چيو. جيمس به ٽپ ڏئي اٿيو ۽ کهري آواز ۾ چيائين: ”مون کي ڏيکار ته سهي—!“

پر انهيءَ وقت ڪنهن لارڊ جي چئن گهوڙن واري گاڏي آڏو اچي وئي ۽ جيسين اها اڳتي نڪتي تيسين ڊورين واري وڪٽوريا پارڪ جي حدن کان ٻاهر نڪري وئي.

”هو ته ويو هليو—“ سبل افسوس ڪندي چيو— ”ڪاش تون هن کي ڏسي سگهين ها—“

”ڪاش آءٌ هن کي ڏسي وٺان ها. ان ڪري ته جي هن توکي ڪو نقصان رسايو ته آءٌ خدا جو قسم هن کي قتل ڪري ڇڏيندس—“

سبل شوخيءَ سان منهن ۾ ورو جهي هن ڏانهن نهاريو.
جيمس پنهنجا اکر ٻيهر ورجايا جي چؤ فضا کي چيريندا ٿي
ويا، ماڻهو وائڙا ٿي هنن ڏانهن نهارڻ لڳا ۽ پر ۾ ٻيٺل هڪ
عورت ڪان ته گهٽيل ٽهڪ به نڪري ويو.

”هـائي هلو جيمس ـ“ سبـل چيو ۽ اڳتي وڌڻ لڳي،
جيمس ڏاڍي آڪڙ سان ماڻهن جي وچان هن جي پٺيان پٺيان
هلڻ لڳو، هن کي پنهنجين چيل ڳالهين تسي ڏاڍو فخر پي
محسوس ٿيو.

هو اچيلاس جي مورتي وٽ پهتا تـه سبل ارمان ڀري
مرڪ سان جيمس ڏانهن نهاريو:

”تون ته ٻوڪ آهين جم، بالڪل ٻوڪ ۽ مٿي ڦريل،
اهڙيون ڏيپ جهڙيون ڳالهيون ڪيئن ٿو ڪرين ـ؟ سمجهين
ٿـو ته ڪنهن جـي باري ۾ پـو ڳالهائين ـ؟ بس تو کي
حسد ٿي پيو آهي، ضد ٿي پئي آهي، ڪاش تون به ڪنهن
جي محبت ۾ گرفتار هجين، محبت انسان کي سلڇڻو بنائي
ڇڏيندي آهي ۽ تو جا ڳالهه ڪئي آهي سا بنهه بڇڙي ڳالهه
ڪئي آهي ـ“

”منهنجي عمر به سورهن سال آهي آءٌ سوچي سمجهي
ڳالهائي رهيو آهيان، امان ته تنهنجو سهارو نتي ٿي سگهي
هن کي اها ئي سمجهه ڪانهي ته تنهنجي نظرداري ڪيئن
ڪرڻي آهي، مون کي هائي احساس ٿيو آهي ته مون کي
آسٽريليا نه وڃڻ گهرجي، جي منهنجا سڀ ڪاغذ صحي نه
ٿي وڃن ها ته آءٌ سڀ خيال ڦٽا ڪري ترسي پوان هاـ“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”توبه - جيمس ايڏو گنيير به نه ٿي. تون ته اهڙن ردي ناٽڪن جي مسخرن وانگر پيو ڳالهائين - جن ۾ امان کي ڪم ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هوندو آهي، ۽ تو سان تڪرار نٿي ڪريان پر چاهيان ٿي ته جو مون جادوگر شهزادي کي ڏٺو آهي، خير مون کي اميد آهي ته تون منهنجي محبوب کي ڪو نقصان نه پهچائيندين. ها نه؟“

”جيستائين تون هن کي چاهيندين ۽ جيستائين ته آءٌ هن کي ڪجهه نه ڪندس.“

”الا! آءٌ هميشه ٿي هن کي چاهيندس!“

”۽ هو؟“

”هو به هميشه ئي مون کي چاهيندو.“

”اهو ئي بهتر آهي.“

”سبل هنڪان ٿورو پري هٽي بيٺي ۽ پوءِ کلي ڏنائين. جيمس سبل جي اکيان ان وقت بالڪل هڪ ٻار جيان ٿي پئي لڳو.“

تنهن بعد هو بس ۾ ويهي پنهنجي ”انهي ۽ گدلي جاءِ“ تي موٽي آيا، وقت ساڍن پنجن ڪان مٿي ٿي چڪو هو ۽ سبل کي ناٽڪ ۾ وڃڻ کان اڳ ڪجهه آرام ڪرڻو هو. جيمس سبل کان موڪلائڻ لڳو - هن جي دل ۾ ساڙ ۽ اڻ ڏٺل ڏور ٿين گري لاءِ ڌڪار جي باهه ڀڙڪندڙ هئي مگر جڏهن سبل ڏاڍي نازسان سندس ڳچي ۾ ٻانهون وجهي پنهنجون آڱريون هن جي وارن ۾ ڦيرائڻ لڳي ته هو ٺڏو ٿي ويو، تڏهن هن صاف دل سان سبل کي پيار ڪيو ۽

پوڙهيءَ کي پڪو احساس ٿي ويو هو ته ڪو وقت ايندو جو جيمس جي انهيءَ دڙڪي جو ذڪر ٻڌي ماڻهن کي کِل اچي ويندي.

## [ ٦ ]

شام جي وقت برسٽل جي هڪ پرائيويٽ ڪمري ۾ هينري ڊنر تي باسل جو انتظار ڪري رهيو هو. باسل جي ايندي ئي هينري ڪانئس پڇيو:

"تو ته اها خبر ٻڌي هوندي باسل؟"

"نه ـ ڪهڙي خبر آهي؟ پر ڏس سياست جي ڳالهه اصل نه ڪجان مون کي سياست سان اصل نفرت آهي. هائوس آف ڪامنس ۾ ڪو هڪڙو به ميمبر اهڙو ناهي جنهن جي تصوير ٺاهي سگهجي، ها هڪڙو به ته اهڙو ضرور آهي جنهن تي ڪجهه مڙئي پوچي پوچي ڪري سگهجي ٿي ــ"

"ڊورين گري جو مڱڻو ٿي ويو آهي ـ" هينري باسل جي منهن ۾ نهاريندي چيو. باسل ڀهرين چرڪ پريو ۽ پوءِ منهن ۾ گهنڊ وجهي چوڻ لڳو:

"ڊورين شادي تو ڪري؟ ناممڪن ـ!"

"آءٌ بالڪل سچ پيو چوان ـ"

"ڪنهن سان شادي رٿي اٿس ـ؟"

"ڪا رواجي ايڪٽريس آهي، يا ڪا ٻي ڇوڪري هوندي ـ"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”مون کي تہ اعتبار نٿو اچي، ڊورين چڱو سياڻو ڇوڪرو آهي-.“

”ڊورين تمام سياڻو ڇوڪرو آهي تنهن ڪري ڪڏهن ڪڏهن حماقت تہ ڪندو ئي-“

”پر شادي تہ هڪ دفعو ڪبي آهي، ڪڏهن ڪڏهن جي ڪهڙي ڳالهہ-“

”آءٌ ڪڏهن ٿو چوان تہ هن شادي ڪري ورتي آهي، هن شاديءَ جو عهد ڪيو آهي مڱڻو ڪيو آهي، شادي ۽ مڱڻي ۾ وڏو فرق آهي-“

”پر ڊورين جو ڄڻ بنياد، حيثيت ۽ دولت تہ ڏس، پاڻ کان گھٽ درجي واري ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ هن لاءِ گھٽتائي جي ڳالهہ نہ ٿيندي ڇا-؟“

”نيڪ خصلت ماڻهو ئي تہ بنهہ جدا ڪم ڪندا آهن-“

”مون کي اميد آهي تہ اها ڇوڪري نيڪ ۽ سلڇڻي هوندي، يار آءٌ نٿو چاهيان تہ ڊورين ڪنهن خسيس مخلوق سان وڃي ناتو جوڙي جا سندس سڀاءَ کي نيچ ڪري ڇڏي ۽ سندس اعليٰ ذهن کي بگاڙي ڇڏي-“

”هوءَ تمام سلڇڻي آهي ۽ بيحد خوبصورت آهي-“ هينري شربت جا ڍڪ ڀريندي چيو- ”ڊورين چوي ٿو تہ هوءَ خوبصورت آهي ۽ اهڙين شين بابت هن جي راءِ غلط نہ هوندي آهي، تو واري ناهيل تصوير هن ۾ ٻين ماڻهن جي ظاهري صورت کي پرکڻ جي صلاحيت وڌائي ڇڏي آهي، خير جي ڊورين پنهنجي وعدي تي قائم رهيو تہ اڄ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دلي جو ورتاءُ ڪندا آهيون ته اهو ان ڪري جو اسان کي اهو ويسهه هوندو آهي ته هنن ۾ ڪي اهڙا گڻ آهن جي اسان لاءِ ڪارائتا ثابت ٿي سگهن ٿا، اسين ڏاڙيلن ۽ رهزنن جي به محض هنن جي شرڪان محفوظ رهڻ لاءِ ساراه ڪندا آهيون، اسين پنهنجن ڏراوتين جي به ان ڪري ساراه ڪندا آهيون ته من هو اسان کي بهتر منافعو ڏين، سو باسل دوست، مون جيڪي ڪجهه به چيو سو ارادي سان چيو، مون کي انهيءَ هر ڳالهه ۾ چڱائي واري اصول سان نفرت آهي،

”رهيو ڪنهن جي زندگيءَ جو برباد ٿيڻ، سو زندگي فقط اها برباد ٿيندي آهي جنهن جي واڌ ويجهه سڌاري واڌاري جي عمل ۾ رڪاوٽ پئجي ويندي آهي، ائين به ٿيندو آهي جو ڪنهن کي تباه ڪرڻ لاءِ هن کي فقط سڌارڻ ڪافي هوندو آهي، رهيو شاديءَ جو سوال، سو شادي واقعي وڏي پوڪپائي آهي، عورتن ۽ مردن جي وچ ۾ ڪي بيا ۽ پڻ وڌيڪ دلچسپ ناتا به ٿي سگهن ٿا جن جي آءٌ يقينا تائيد ڪندس پر.... اجهو ڊورين به اچي پيو، هاڻي هو تو کي مون کان به ڪجهه وڌيڪ سمجهائي ڏئي سگهندو.“

”پيارا دوست هينري، پيارا دوست باسل، مون کي مبارڪون ڏيو.“ ڊورين پنهنجي اطلس جي پرن واري ٽوپي هڪ پاسي اڇلائيندي پنهي دوستن سان واري واري سان هٿ ملائيندي چيو. ”آءٌ ايترو خوش ڪڏهن به نه ٿيس، ۽ هي سڀڪجهه به وقعي اوچتو ئي اوچتو ٿي ويو، مون کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندو آهي، ۽ جيتري قدر هن جي ايڪٽنگ جو سوال آهي سا ته اڄ رات اوهين پاڻ ڏسي وٺندا، بس هوءَ هڪ پيدائشي ڪلاڪار آهي، ٿيئٽر جي گدلي باڪس ۾ ويٺي به مون کي ائين پئي لڳو ڄڻ آءٌ لنڊن ۾ نه بلڪ پنهنجي محبوب سان گڏ هڪ اهڙي وڻڪار ۾ پيو هلان جا اڄ تائين ڪنهن انسان نه ڏٺي آهي،

”ٿيئٽر ختم ٿيو ته آءٌ سبل سان وڃي مليس، ڳالهيون ڪندي اماڪ هن جي اکين ۾ هڪ اهڙي جوت جلي پئي جا مون اڳ ڪڏهن نه ڏٺي هئي، مون پنهنجا چپ هن ڏانهن وڌايا ۽ اسان هڪ ٻئي کي پيار ڪيو، ان وقت مون کي ائين لڳو ڄڻ منهنجي سڄي زندگي ميڙجي سيڙجي انهيءَ هڪ گلابي نقطي تي اچي بيٺي آهي جو منهنجين خوشين جو مرڪز آهي، ان وقت سبل جو سڄو بت ٿڙڪڻ لڳو ۽ هوءَ نرگس جي گل وانگر جهولڻ لڳي. پوءِ هوءَ منهنجي آڏو گوڏن ڀر ويهي رهي ۽ منهنجا هٿ وٺي چمڻ لڳي،—— مون کي اهڙيون ڳالهيون نه ڪرڻ کپن، پر آءٌ رهي نه سگهيس، خير، اسان پاڻ ۾ شاديءَ جو جيڪو ٻول وچن ڪيو آهي سو اڃا راز ۾ آهي، هن پنهنجي ماءُ کان به اها ڳالهه لڪائي آهي، خبر ناهي منهنجا سرپرست مون بابت ڪهڙو ورتاءُ رکندا پر مون کي هنن جي پرواه ناهي، هڪ سال اندر آءٌ قانوني طور وات وڪيل ٿي ويندس پوءِ جيئن چاهيندس تيئن ڪندس ، آءٌ جيڪي ڪجهه ڪريان پيو نيڪ پيو ڪريان، ڪيئن باسل -؟ مون شاعريءَ کان پنهنجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محبوب ورتو آهي، شيڪسپيئر جي رچنائن مان پنهنجي رفيق گولي هٽ ڪئي اٿر، انهن چين مون کي پنهنجو راز ڏنو آهي جنهن کي شيڪسپيئر ڳالهائڻ سيکاريو، روزالنڊ جي ٻانهن مون کي ياڪر وڌو آهي، جوليٽ منهنجي چپن تي پنهنجا چپ رکيا آهن.“

”ها ڊورين، منهنجي خيال ۾ تون سڀ ٺيڪ ڪري رهيو آهين.“ باسل نرمائي سان چيو.

”تو ڪهڙي نڪتي تي اچي هن سان شاديءَ جي ڳالهه ڇيڙي ۽ هن ڇا چيو؟“ هينري پڇيو.

”مون ڪاروباري ڏيتي ليتي سمجهي شادي جي ڳالهه نه ڪئي پيارا دوست، نه ئي مون ڪو رسمي انداز اختيار ڪيو، مون هن کي چيو ’مون کي توسان محبت آهي.‘ هن چيو ’آءٌ تنهنجي لائق نه آهيان.‘ ڀلا هوءَ ائين چوڻي ڇوي؟ منهنجي اکيان ته هن جي پيٽ ۾ سڄو سنسار ڏي تڇ آهي!“

”عورتون عجيب طرح سان عملي هونديون آهن.“ هينري چيو ”اسان مردن کان به وڌيڪ عملي، محبت جو اظهار ڪندي اسان کي اڪثر شادي بابت ڪو خيال به نه هوندو آهي پر هو انهيءَ ڏي وقت اسان کي شاديءَ جو احساس ڏياري ڇڏينديون آهن.“

”ائين نه چئو هينري.“ باسل هينري جي ٻانهن جهليندي چيو ”تون ڊورين کي ڏکوئڻ واريون ڳالهيون پيو ڪرين، هي نه اهڙي سهڻي سڀاءَ جو آهي جو ڪنهن لاءِ به برو نه

”مثال طور ڪهڙي شئي جي شڪل ۾ تي قيمت پرڻي پوي ــ ؟“

”مثال طور ــ منهنجي خيال ۾ ــ ڪنهن ماڻهوءَ کي پڇتاءَ جو احساس ٿو ستائي، ڪو درد ٿو برداشت ڪري، ڪو ڪنهن قسم جي ذلت جو شڪار ٿو ٿئي... “

”منهنجا دوست ــ“ هينري ڪلهن کي جنبش ڏيندي چيو ــ ”وچين صديءَ وارو فن برابر ڏاڍو دل آويز آهي پر يار انهيءَ دور جا جذبات هائي مــدي خارج ٿي ويا آهن. ڪٿي انهن کي افسانوي ادب ۾ ڪتب آڻي سگهجي ٿو پر پــوءِ افسانوي ادب ۾ ته اهي ڏي وڙ ڪتب آڻــي سگهبا جيڪي حقيقي ادب ۾ نه اچي سگهيا آهن. يقين رک ڪوبه سڌريل ماڻهو خوشي ۽ لذت جي نندا نٿو ڪري سگهي ۽ ڪوبه اڻ سـڌريل ماڻهو اهو ڄاڻندو ئي نه آهي ته خوشي ڇا آهي ــ“

”پر آءٌ ڄاڻان ٿو ته خوشي ڇا ۾ آهي ــ“ ڊورين چيو.

”خوشي ۽ لذت آهي ڪنهن جي پوڄا ڪرڻ ۾ ــ“

”برابر ــ پوڄا لائق هئڻ کان پوڄاري ٿيڻ وڌيڪ بهتر آهي ــ“ هينري ميوات سان ڇيڙڇاڙ ڪندي چيو ــ ”پوڄڻ تــه هڪ وڏو آزار آهي، عورتون اســان کي ديوتا ڪري پوڄينديون آهن ۽ ان ڪري ئي اسان سان گهڻيون اميدون آسرا ٻڌي اسان کي پنهنجون فرمائشون پوريون ڪرڻ تي مجبور ڪنديون آهن ــ“

”آءٌ ته اڏين چوندس ته هو اسان کان اهو ئي ڪجهه

گهرنديون آهن جو ڪجهه هو اسان کي اڳ ڏئي چڪيون هونديون آهن، هو اسان ۾ محبت پيدا ڪن ٿيون ۽ اسان کان محبت واپس گهرڻ هنن جو حق آهي_“ ڊورين سنجيدگي سان چيو.

”تو بالڪل صحيح چيو ڊورين_“ باسل رڙ ڪئي.

”ڪا به ڳالهه ڪڏهن به بالڪل سچ نه هوندي آهي_“ هينري چيو.

”مگر هيءَ ڳالهه بالڪل سچ آهي هينري_“ ڊورين چيو_ ”تو کي اهو تسليم ڪرڻو پوندو ته عورت مرد کي پنهنجي زندگي جي اصل دولت پيش ڪري ڇڏيندي آهي_“

”ممڪن آهي_“ هينري وڏو ساهه کڻندي چيو_ ”پر هو اهو ٿي ڪجهه ساڳيو جو ساڳيو فقط ٿوري تبديليءَ سان واپس ٿيون گهرن ۽ اها ٿي ڳڻتيءَ جي ڳالهه آهي. جيئن ڪنهن سياڻي فرانسي اشراف چيو آهي ته عورتون اسان ۾ ڪو نه ڪو ڪارنامو ڪرڻ جو زبردست شوق پيدا ڪنديون آهن ۽ هميشه اسان جي انهيءَ ٿي ڪم ۾ رنڊڪ بڻيو بيٺيون هونديون آهن.“

”هينري تون ته نهايت خطرناڪ ماڻهو آهين، آءٌ الائي تو کي ايترو چو ٿو گهران_!“

”تون مون کي هميشه گهرندين، ڊورين_“ هينري چيو_ ”چڱو، دوستو! اوهان ڪافي پيئندو نه؟ بيرا! ڪافي ۽ عمدو شيمپين کڻي آءُ، پڻ باسل، آءٌ تو کي سگار پيئڻ نه ڏيندس، تو کي سگريٽ چکڻ کپي، مڪمل لطف لاءِ

هئي—! هن جي چهري تي اداسي هئي، ڊورين جي شادي هو سهساڻي نٿي سگهيو پر وري به ان معامللي کي هن آڻندي جي انهن حادثن کان بهتر ٿي سمجهيو جن جو امڪان هو. هو ٻاهر نڪتا، فيصلي موجب هو هنن ٻنهي کان جدا ٿي هڪ ٻي گاڏيءَ ۾ سوار ٿيو ۽ اها هينري جي گاڏي جي پٺيان ٿي بيٺي. اڳيان بيٺل انهيءَ گاڏيءَ، جنهن ۾ ڊورين هينري سان گڏ ويٺو هو، جي ٻتين تي اکيون کپائي هو چپ چاپ ويٺو رهيو. اهڙي ريت ٿيٽر ڏانهن هلندي هن جي ذهن ۾ ڦيريون پيرو هڪ نئون خيال آيو—! هن کي محسوس ٿيڻ لڳو ته .کانئس ڪجهه وڃائجي ويو آهي، هن محسوس ڪيو ته ڊورين هن سان هاڻي ڪڏهن به اڳي جهڙو نه رهندو. زندگي هنن ٻنهي جي وچ ۾ ڏيئي پئي هئي.... هن جي اکين اڳيان اونده اچي وئي، گوڙ شور سان ڀريل جرڪندڙ گهٽيون هن کي جهڪيون ڏيکائي ڏيڻ لڳيون—— ۽ جڏهن گاڏيون ٿيٽر روٽ اچي بيٺيون، تڏهن هن کي محسوس ٿيو ڄڻ هو زندگي جا ڪيترا سال اورانگهي ٻڍاپي جي در تي اچي رسيو آهي——!

[ ٧ ]

ڪنهن سبب ڪري اڄ ٿيٽر ۾ گهڻي رش هئي، ٿلهي يهودي مئنيجر هنن ٽنهي کي ڏسي وڏي اچي سندن آجيان ڪئي هو پنهنجي اها سٿيي ٿوڙي ضعيف مرڪ ڪنيو ڪڏهن هڪ جي اڳيان بيو جهڪي ته ڪڏهن ٻي سان ٻيو ڪا

ايندي آهي تڏهن هي سڀ ٻچڙا ٻـي ڊولا تماشبين بالڪل بدلجي ويندا آهن ۽ چپ چاپ ويٺا فقط سبل کي تڪيندا رهندا آهـن ۽ سبل جيئن چاهيندي آهـي تيئن هنن کـي کلائيندي ۽ روئاڙيندي رهندي آهي- هوءَ ماڻهن ۾ ايتري رومانيت ڦوڪي ڇڏيندي آهي جو هو سڀ ائين سمجهڻ لڳندا آهن ته سڀ انسان هڪڙو ٿي هڏ ۽ ماس رکندڙ هڪ ئي وجود آهن-"

"اهڙي به ڪانه هوندي-" هينري دوربين سان هال ۾ داخل ٿيندڙ ماڻهن ڏانهن نهاريو.

"تون هينري جي ڳالهين تي ڌيان نه ڏي ڊورين-" باسل چيو- "آءٌ تنهنجي ڳالهه سمجهان پيو ۽ مون کي پڪ آهي ته سبل اهڙي ئي هوندي جهڙي تون ٻڌائين ٿو، جنهن هستيءَ سان تون محبت ڪرين ٿو سا يقيناً اهڙي ئي بـي نظير هستي هوندي، جـي واقعي هوءَ مـاڻهن ۾ روح ڦوڪي سگهي ٿي ته اها ڪا جهڙي تهڙي ڳالهه ڪانهي، جي هوءَ گند ڀريل ذهن ۾ سونهن ۽ شيلتا جو شعور پيدا ڪري سگهي ٿي، جي هو خود غرض ماڻهن کي پشيمانيءَ جا لڙڪ اڌارا ڏئي سگهي ٿي ته بيشڪ هوءَ تنهنجي محبت جي لائق آهي بلڪ سڄي سنسار جي محبت جي لائق آهي، ديوتائن سبل کي تو لاءِ ناهيو آهـي، تنهنجي زندگي هـن سان ئي مڪمل ٿيندي، هاڻي آءٌ اهو به تسليم ڪريان ٿو ته اوهان جي شادي واقعي مناسب ٿيندي-"

"مهرباني باسل دوست، مهرباني-" ڊورين باسل جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان ٻ، اڳري هئي پر هن جي اداڪاري برداشت ڪان ٻاهر هئي ۽ جيئن پوءِ تيئن وئي ٿي بگڙندي ۽ بدتر ٿيندي-! نـه اداڪاريءَ ۾ ڪا حقيقت جي ڇايا نه گفتن ۾ ڪو اصليت جو لاڳاپو-! نهايت عمدا شعر هن ائين پي پڙهيا جيئن ڪنهن اسڪولي ڇوڪريءَ کي ڪنهن رواجي استاد طوطي وانگر پڙهائي آٿي اتي ٻيهاريو هجي. جن کي هوءَ پاڻ ئي نه پئي سمجهي سگهي-!

تان جو حال ۾ ويٺل عام ۽ اڻ پڙهيل ماڻهو ٻ اڇي بيزار ٿيا ۽ بي آرام ٿي زور زور سان سيٽيون وڄائڻ لڳا، ٻي-سي جي پٺيان ويٺل يهودي ڪاوڙ ۾ دڙها هڻڻ شروع ڪيا، هرڪو پنهنجي پنهنجي جاءِ تي پريشان ٿي پيو— مگر سبل-! انهن مڙنئي ڳالهين کان بـي نياز ۽ بي خبر ڏاڍي اطمينان سان پنهنجو ڪم ڪندي رهي.

جڏهن پيو منظر به ختم ٿيو تڏهن شوڪارن ۽ ڦوڪن جو هڪ طوفان ڪڙو ٿي ويو. هينري پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿي کڙو ٿيو:

”سبل نهايت خوبصورت ڇوڪري آهي ڊورين-“ هن چيو- ”پر اداڪاري هن جي وس کان ٻاهر آهي، هلو ته هلون-“

”آءٌ ته پورو ڊرامو ڏسي پوءِ اٿندس-“ ڊورين ڪڙا ڏيک ڪڙڪائيندي چيو- ”مون کي افسوس آهي جو مون اوهان ٻنهي جي شام اجائي وڃائي، انهيءَ لاءِ آءٌ معافي ٿو وٺان-“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برخلاف هئا،

”تو مون کي هڪ بي بها وستو آڻي ڏني، اها شئي جو هي سچو ئي فن محض ان جو اولڙو آهي، تو مون کي اهو ادراڪ بخشيو ته عشق حقيقت ۾ ڇا آهي، منهنجا مٺا، منهنجا سائين، منهنجا پيار، منهنجا جادوگر شهزادا-! هنن پاڇن کان آءٌ بيزار ٿي پئي آهيان، تون مون لاءِ ڪامل فن کان به وڌيڪ آهين، هڪ ناٽڪ جي پورهيءَ سان پلا منهنجو ڪهڙو ناتو، اڄ رات آءٌ اسٽيج تي آئيس ته برابر پهرين اهو نه سمجهي سگهيس ته اداڪاري جـون وصفون مون مان ڇو موڪلائي ويون آهن، مون ڏٺو ته اڄ مون کان اها اداڪاري اهو مڪر نه پيو ٿئي — نيٺ حقيقت منهنجي اکيان ظاهر ٿي ۽ سمجهي ويس ته اهو ڦيرو مون ۾ ڇو آهي ۽ ڇا جو آهي، حقيقت جو ان طرح ظاهر ٿيڻ مون لاءِ ڏاڍي مزي جي ڳالهه ٿي، مون ماڻهن کي ڦوڪارا ۽ شوڪارا پريندي ڏٺو پر آءٌ دل ئي دل ۾ ته مرڪي رهي هيس، پلا انهن تماشبينن کي انسان جي محبت جي ڪهڙي خبر-؟“

”دورين-! مون کي ڪيڏانهن وٺي هل، جتي رڳو پاڻ هجون بيو ڪير نه هجي، مون کي اداڪاريءَ کان نفرت آهي، آءٌ انهيءَ جذبي جو نقل ته ڪري سگهان ٿي جنهن کان آءٌ واقف آهيان پر انهيءَ جذبي جو ”نقل“ ڪيئن ڪريان جـو مون کي باه بڻجي جلائيندو آهي-! تون سمجهي ويو هوندين ته اهڙي مهان جذبي جو نقل

اثارڻ جي صلاحيت جو چـا مطلب هوندو ۽ جي آءٌ ائين ڪري به سگهان ته به حيف آهي مون تي جو محبت جي جذبي سـان سرشار هجان ۽ وري اهڙا ويسا ڌاري عمل به ڪري سگهان ـ! ڊورين ـ! هاء ڊورين ـ! تـو تـه مون کي محبت اڪئين ڏيکاري آهي ـ!“

ڊورين صوفي تي ڀڃي رهيو ۽ پنهنجو منهن ڪٽي ٻي پاسي ڦيرايو:

”تو ته منهنجي محبت جو خون ڪري ڇڏيو ـ!“ هن گهٽيل گلي سان چيو.

سبل حيران ٿـي هن ڏانهن نهاريو ۽ ڪلي ڏنـو. هوءَ سندس پير ۾ ويهي پنهنجيون آڱريون هن جي وارن ۾ ڦيرائڻ لڳي ۽ پوءِ گوڏن ڀر ويهي هن جا هٿ وٺي چمڻ لڳي مگر ڊورين پنهنجا هٿ ڇڪي ورتا. سبل جي سرير ۾ ڏڪڻي ڀڄي وئي ـ! ڊورين ٽپ ڏئي اٿيو ۽ دروازي ڏانهن وڌندي رڙ ڪري چوڻ لڳو:

”ها ـ تو منهنجي محبت جو خون ڪيو آهي ـ! اڳي محض منهنجي تصور ۾ بـه تنهنجي هلچل هئي پـر هاڻي منهنجين خواهشن تي به تنهنجو ڪو اثر نه رهيو آهي. هاڻي تو ۾ ڪو اثر ئي نه رهيو آهي مون توسان محبت ڪئي ڇاڪاڻ جـو تون هڪ شاندار ۽ اتـم شخصيت هئين، ڇاڪاڻ جو تو مهان شاعرن جي خوابن کـي حقيقت جي روپ ۾ ٿي پيش ڪيو. تو زماني جي ڇاياڻن کي شڪليون ۽ صورتون ٿي عطا ڪيون مگر اهي سڀ خوبيون تو پاڻ

ٺي پاڻ کان ڌار ڪري ڇڏيون آهن ۽ بالڪل هڪ سطحي ۽ احمق هستي بڻجي وڃي آهين. اف خدا! تنهنجي محبت ۾ آءٌ ڪيترو نه ديوانو ٿي ويو هوس! ڪيڏو نه بيوقوف هوس، مگر هاڻي منهنجين نظرن ۾ تنهنجي ڪابه وقعت نه رهي آهي هاڻي آءٌ توسان ڪڏهن به نه ملندس، نه تنهنجي باري ۾ ڪڏهن سوچيندس نه ڪڏهن تنهنجو نالو وٺندس،

”مون ۾ نه هاڻي اهو سوچڻ جي به قوت نه رهي آهي ته اڳ تون مون لاءِ ڇا هئين. ڪاش آءٌ توکي ڪڏهن به نه ڏسان ها، توکي ڀلا محبت جي ڪهڙي ڄاڻ؟ تون جا ثابت ڪرين ٿي ته محبت فن کي تباهه ڪندڙ آهي! جڏهن ته پنهنجي فن کان الڳ تنهنجي ڪا حيثيت ئي ڪانهي، مون تنهنجي لاءِ الائي ڪهڙيون ڪهڙيون رٿائون رٿيون هيون— پر اڄ تون منهنجي لاءِ هڪ سهڻي منهن مهانڊي واري خسيس ايڪٽريس کان وڌيڪ ڪا حيثيت نٿي رکين.“

سبل جي جسم مان ته رت ست ئي موڪلائي ويو، هوءَ ٿڙڪڻ لڳي، پنهنجا ٻئي هٿ ملائيندي هن جهيڻي ڪمزور آواز ۾ چيو:

”تون سنجيده ته نه آهين نه ڊورين؟ تون شايد اداڪاري ته ڪرين!“

”اداڪاري؟ اداڪاري جو ذمو ته توکنيو آهي ۽ تون ان کي ڏاڍي خوبيءَ سان نباهي به رهي آهين.“ ڊورين وڌيڪ ٽڪو ٿي ويو.

گوڏن ڀر ويٺل سبل وين هاڻي اٿي کڙي ٿي، ڇهري ٿي جا پيڙا جي ڪيفيت هئس اکين ۾ جا ويچارگي هئس تنهنجي نه ڪا حد هئي نه حساب، ڊورين جي اڇا ويجهو اچي هن پنهنجو هٿ سندس ٻانهن تي رکيو ۽ هن جي اکين ۾ نهارڻ لڳي ـ! ڊورين پنهنجو هٿ ڇڏائي ڇڙٻ ڏني ـ
”مون کي هٿ نه لاءِ ـ!“

سبل سور جي سٽن کان ماندي ٿي وئي، هڪ لتاڙيل گل وانگر هوءَ ڊورين جي قدمن ۾ ڪري پئي.

”ڊورين ـ! مون کي ڇڏي نه وڃجان، مون کي افسوس آهي جو مون عمدي اداڪاري نه ڪئي، اهو سڄو وقت آءٌ تو بابت سوچيندي رهيس تنهن سبب پنهنجي ڪم کان غافل ٿي ويس، پر هاڻي آءٌ ڪوشش ڪنديس، سچ ڊورين، هاڻي آءٌ پوري ڪوشش ڪنديس ته مون کان ڪا ڪوتاهي نه ٿئي ـــ اصل ۾ مون کي اتي ئي پنهنجي محبت جو اوچتو احساس ٿيو ۽ منهنجي خيال ۾، جي تون مون سان محبت نه ڪرين ها ته آءٌ محبت کان ڪڏهن به واقف نه ٿيان ها ـــ منهنجا محبوب ـ! مون کي هڪ دفعو وري پيار ڪر ۽ مون کان جدا نه ٿي، تنهنجي جدائي مون کان سٺي نه ٿيندي، هاءِ ڊورين ـ! مون کان جدا نه ٿيءُ ـ! ڇا تون منهنجي اچوڪي غلطي معاف نه ڪرين؟ آءٌ سخت محنت ڪري پنهنجو ڪم سڌاريندس، مون سان ظلم نه ڪر آءٌ توسان دنيا جي هر شئي کان وڌيڪ محبت ڪندڙ آهيان آخر اڄ پهريون دفعو ته آهي جو آءٌ توکي خوش نه ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿهو رکي ڪمري ۾ ڪٺي آيو. اهي شيون ميز تي رکي هن
تنهي درين تي لٽڪيل زيتوني ساٽن جا پردا هٽائي ڇڏيا.

”اڄ سائين جـن ڇـگي ننڊ ڪئي آهـي -“ وڪٽر مرڪندي چيو.

”گهڻا وڳا هوندا وڪٽر -؟“ ٻوڙيءَ ننڊاکري آواز ۾ پڇيو.

”پوڻا ٻه تي وڃيا آهن سائين -“

”ڇگي دير تي وٺي آهي -!“ هو اٿي ويٺو ۽ چانهه جا ڍڪ پي هن خطن کي اٿلايو پٿلايو، انهن مان هڪڙو خط هينري جو هو جو هن هٿو هٿ موڪليو هو، انهيءَ خط تي هو ٿورو ٽهڪيو ۽ باقي خطن کي بي نيازي سـان اٿلائڻ پٿلائڻ لڳو- ڪي ڪارڊ هئا ڪي ڊنر جون دعوتون ڪي ٽڪيٽون ۽ ڪي خيراتي تقريبن جي پروگرامن جا اطلاع ۽ هڪ چانديءَ جي ٽائلٽ سيٽ جو ڳرو بل، جنهن لاءِ پنهنجن سرپرستن سان ڳالهائڻ جي هن کي اڃا همت نـه ٿي هئي ڇاڪاڻ ته هو پراڻن خيالن جا هئا ۽ اهو احساس نه هئن ته اسين هڪ اهڙي دور ۾ رهون ٿـا جنهن ۾ غير ضرري شيون ئي اسان جون ضرورتون آهن.

اٽڪل ڏهن منٽن بعد هو اٿيو ۽ پنهنجو ريشمي پرت پريل ڪشميري ان وارو گائون لاهي ڦٿو ڪري غسل خاني ۾ گهڙي ويو. جڏهن ننڊ کان پوءِ ٿڌي پاڻيءَ مان هـن کي گهڻي فرحت پـي ملي، هن جو ذهن به ٽوپڻ لـڳو، البت هلڪو احساس -- ته ڪنهن ڏڪدائڪ عمل ۾ شريڪ

هو ڪنهن سان به نه ملندو ۽ پوءِ سگريٽ دکائي تصوير جي عين سامهون رکيل ڪوچ تـي ليٽي پيو. تصوير تي لٽڪايل پـردو اندلسي چمڙي جـو هڪ جهونو پوش هو جنهن تي قديم طرز جـا مگر نهايت عمدا نقش نهيل هئا. ٻورين ڏاڍي ڏيان ۽ پڻ ڏاڍي چاه سان پردي کي گهوريندي عجب ڪاڻ لڳو — انهيءَ پـردي اڳي به ڪڏهن ڪنهن جي زندگيءَ جو راز ائين لڪايو آهي—؟ اڳـي به ڪڏهن ڪنهن جي ڏڪ ڏڪي آهي—؟ هڪوار وري پردو هٽائي ڏسجي—! ڏسان، پر آخر ڇو، ڪهڙو فائدو—؟ پـر ٻيلا جي ڪنهن ٻي ماڻهوءَ هيءَ تصوير ڏسي ورتي تـ—؟ ۽ جي خود باسل اچي تصوير ڏسڻ جي خواهش ڪئي ته هن کي ڪهڙو جواب ڏئي سگهبو—؟ هو ته ايندي ئـي ضرور تصوير ڏسڻ چاهيندو، هيءَ شڪ جي ڪيفيت به ته هر صورت ۾ مصيبت آهي، تڏهن هڪ دفعو وري جاچ ڪرڻ ۽ پنهنجي تسلي ڪرڻ ضروري آهي.

هو اٿيو ۽ ٻئي دروازا بند ڪري ڇڏيائين، آخر پنهنجي اوگهڙ ته اڪيلائيءَ ۾ ئي ڏسبي— پوءِ هن پردو هٽائي غور سان تصوير ڪـي ڏٺو — واقعي، تصويـر بـدلجي چڪي هئي—! هـن کي ياد آيو ته هن ڪان اڳـ هن تصوير کي هميشه هڪ شائق يا نقاد يا پارکوءَ جي اک سان ڏٺو هو ۽ ڪڏهن اهو گمان به نه ڪيو هـو ته ان ۾ ڪو ڦيرو به اچي سگهيو ٿي، مگر— هـن وقت اهو ڦيرو هڪ حقيقت جي شڪل ۾ هن جي سامهون هو — ڇا تصوير ۾ رنگن

ڊورين کي جواب ڏيڻ بدران مانَ ڪيو ويٺو رهيو. دروازي تي ٺڪ ٺڪ ٿيندي رهي ۽ ٻهرين هوريان پوءِ تيز- ”پلي هينري اندر اچي-“ هن سوچيو- ”اچي ته صاف اکرن ۾ ڪيس ڪولي ٻڌايان ته ڪهڙي نوع جي نئين زندگي شروع ڪرڻ وارو آهيان، ضروري ٿيو ته هن سان تڪرار به ڪندس ۽ جي ضروري ٿيو ته هن سان تعلق ٽوڙي به ڇڏيندس-“ هو اٿيو، ڦڙتائي سان تصوير جي اڳيان پردو ڏئي هن دروازو کولي ڇڏيو.

”مون کي ڏاڍو افسوس آهي ڊورين-“ هينري اندرايندي چيو- ”پر جيڪي ڪجهه ٿيو تنهن بابت تو کي ايترو گهڻو به نه سوچڻ گهرجي-“

”سبل وين بابت؟-“ ڊورين پڇيو.

”ها بالڪل-“ هينري هڪ ڪرسيءَ تي ويهندي پنهنجا دستانا لاهڻ لڳو- ”هڪ لحاظ کان ته اها هڪ نهايت دهشتناڪ ڳالهه ٿي پر ان ۾ تنهنجو ڪو ڏوهه به نه چئبو. هاڻي مون کي ٻڌاءِ ته ڇا ناٽڪ ختم ٿيڻ بعد تون سبل سان مليو هئين-؟“

”ها-“

”اها مون کي به پڪ هئي ته تون هن سان مليو آهين، ڇا هن سان ڪو جهيڙو تڪرار ٿيو-؟“

”اها منهنجي ڪٺورتا هئي هينري، مون حد کان وڌيڪ شيطاني ڪئي، پر خير هاڻي سڀڪجهه ٺيڪ ٿي ويو آهي، مون کي پنهنجي ڪئي تي پڇتاءُ نه رهيو آهي، انهيءَ

واقعي مان تہ مون کي پنھنجو پاڻ کي چڱي طرح سڃاڻڻ جو سبق مليو آھي.“

”شاباس ڊورين، تنھنجي سوچ ۽ عمل جي انھيءَ انداز تي مون کي ڏاڍي خوشي ٿي آھي، مون کي تہ ڊپ ھو تہ تون پڇتاءَ جي آڙاھ ۾ تپي پوندين ۽ پنھنجا خوبصورت گھنبيدار وار کوھي ڇڏيندين –“

”آءٌ انھيءَ آڙاھ مان گذري ويو آھيان –“ ڊورين مٺو ڏوٺي مرڪندي چيو. ”ھاڻي آءٌ بالڪل خوش آھيان. ھاڻي مون کي پروڙ پئجي وئي آھي تہ ضمير ڇا آھي — اتان ٿي مون کي ابتدا ڪرڻي آھي، تو مون کي ضمير جي جا حقيقت ٻڌائي سا بالڪل غلط ھئي. ضمير تہ اسان جي اندر ۾ ھڪ مقدس ترين شئي آھي. ھينري ھاڻي اڳتي ضمير کي — گھٽ ۾ گھٽ منھنجي اڳيان — ڪڏھن بہ برو نہ چئجان، آءٌ نيڪ ٿي رھڻ گھران ٿو آءٌ اھو سوچڻ بہ نٿو سھسائي سگھان تہ منھنجو روح گندو آھي –“

”واھ واھ، ڏاڍو سٺو، اخلاقيات لاءِ اھو واھ جو فنڪاراڻو ۽ من موھيندڙ بنياد ٻڌايو اٿئي آءٌ توکي مبارڪ ٿو ڏيان، ڀلا ھاڻي ٻڌاءِ تہ شروعات ڪيئن ٿو ڪرين –؟“

”سبل وين سان شادي ڪرڻ سان –“

”ڇا –؟ –“ لارڊ ھينري رڙ ڪندي اٿي ڪڙو ٿيو ۽ وائڙو ٿي اکيون ڦاڙي ڊورين کي ڏسڻ لڳو – ”پر يار....“

”ھا ھينري –! سمجھان ٿو تہ تون ڇا ٿو چوڻ چاھين، ھاڻي تون شاديءَ بابت ڪو ڊيڄاريندڙ نظريو ٻڌائيندين

پر هاڻي اڳتي مون سان اهڙي قسم جي ڪابه ڳالهه نه ڪجانءِ، ڇو ته ڏينهن اڳ مون سبل کي شاديءَ لاءِ چيو هو ۽ هاڻي پنهنجو وعدو پاڙڻ تو گهران، هوءَ منهنجي رفيق بنجڻ واري آهي.“

”تنهنجي رفيق.؟ ڊورين ڇا توکي منهنجو خط نه مليو آهي. مون هٿو هٿ موڪليو هو.“

”تنهنجو خط.؟ ها، ياد آيو، پر مون اهو کوليو ئي ناهي مون کي انديشو هو ته تو ان ۾ ضرور ڪا اهڙي ڳالهه لکي هوندي جا مون کي نه وڻندي، يار تون پنهنجن نڪتن ۽ لوڏڪن سان زندگيءَ کي ڪپي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ٿو ڇڏين.“

”تڏهن توکي ڪا خبر ڪانهي.؟“

”تون آخر ڇا ٿو ٻڌائڻ چاهين.؟“

هينري اٿي اچي ڊورين جي پر ۾ ويٺو ۽ هن جا ٻئي هٿ پنهنجن هٿن ۾ وٺي انهن تي زور وجهندي چوڻ لڳو:

”ڊورين..! منهنجي خط ۾.... منهنجو خط... دل جهلي ٻڌ.... منهنجو خط توکي هي پيغام ڏيڻ آيو هو ته سبل، فوت ٿي چڪي آهي.!“

ڊورين ڪان دانهن نڪري وئي، هينري ڪان پنهنجا هٿ ڇڏائي هن جي پيرن وٽ ويهي رهيو.”سبل، سبل فوت ٿي وئي، نه هينري نه، اهو ڪوڙ آهي، نهايت پيانڪ ڪوڙ، توکي ائين چوڻ جي همت ڪيئن ٿي.؟“

”اهو سچ آهي ڊورين.“ هينري دک مان چيو.”صبح

ٿئي-! هي ڏس، زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو مون ههڙو جذباتي خط لکيو آهي، ڪيڏي نه عجيب ڳالهه ٿئي ها جي هي خط هڪ سرده چوڪريءَ ڏانهن موڪليو وڃي ها، ڀلا فوت ٿي ويل ماڻهو به ڪجهه محسوس ڪري سگهندا آهن-؟ سبل - ڇا اڃا به ڪجهه محسوس ڪندي هوندي، سمجهندي هوندي-؟

”الا-! هينري، ڪڏهن مون کي هن سان ڪيڏو نه ٻي انت عشق هو ۽ هاڻي، ۽ هن وقت، مون کي اهو سڀڪجهه ڪن سالن جي ڪا پراڻي ڳالهه پئي محسوس ٿئي-! ڪڏهن هوءَ ٿي مون لاءِ سڀڪجهه هئي ۽ پوءِ اها رات آئي- واقعي اها هن جي آخري رات هئي-! آءٌ هن ڪان هن جي آزين نيزارين جي باوجود به ڪاوڙجي آيس— پوءِ اوچتو هتي ڪا ڳالهه ٿي، آءٌ توکي ٻڌائي نه سگهندس، جنهن مون کي خوف ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو— جيڪي ڪجهه ٿيو سوڏاڍو ڀيانڪ هو— ۽ هاڻي ته هوءَ زنده ئي نه رهي آهي....هينري توکي ڪهڙي خبر ته هن وقت آءٌ ڪهڙي خطري ۾ آهيان-! سبل، خودڪشي ڪري مون کي انهيءَ خطري ۾ وجهي ڇڏيو آهي، هن کي انهيءَ جو ڪو حق نه هو، اها هن جي خودغرضي آهي-!“ ڊورين ڇا جو ڇا چوندو رهيو.

هينري سگريٽ ڪيس مان سگريٽ ڪڍي دکائي:

”ڏس ڊورين، عورت مرد کي هڪ ئي خاص طريقي سان رام ڪندي آهي، اهو هيئن، جو هوءَ هن کي ايترو

نـاموافقت، انهن جـو اجايو اهميت گهرڻ ۽ انهن جـي ناموزونيت اسان کي ڏاڍو ڏک رسائيندي آهـي، انهن مان اسان کي ايترو ئي ڇيهو رسندو آهي جيترو جيڪرڪنهن جي ڪمينپائي مان رسي، تنهن جي نتيجي ۾ اسان جي اندر ۾ هڪ نسوري حيواني شڪتي پيدا ٿي پوندي آهي ۽ اسين انهيءَ شڪتيءَ ڪان باغي ٿي پوندا آهيون،

”البت ڪنهن وقت اسـان جي زندگيءَ ۾ ڪو اهڙو دکدائڪ واقعو به ٿيندو آهي جنهن ۾ فنڪاراڻي حسن جا سڀ جوهر موجود هوندا آهن، جي اهي عنصر حقيقي هوندا آهن ته پوءِ اهو فقط اسان جي ڊراماڻي حس کي متاثرڪندو آهي، پوءِ اوچتو اسان کي اهو احساس ٿيندو آهي ته اسين انهيءَ ناٽڪ جا ڪردار نه پر فقط تماشبين آهيون ياڪردار به آهيون ۽ تماشبين بـه، تڏهن اسين پنهنجي پاڻ تي نظر ڪندا آهيون ته فقط تماشي جو ڪمالُ اسان جي دل موهي وٺندو آهي،

”سبل جي آتم هتيا جو معاملو دراصل هـي آهي جو تنهنجي محبت خـاطر هن جو موت ٿيو آهـي، ڪاش ـ! منهنجي جيون ۾ به ڪا اهڙي واردات ٿي هجي ها ته هوند مون کي پنهنجي باقي حياتي جي محبت سان محبت رکڻ جو سبق ڏئي وڃي ها. جن ماڻهن ڪڏهن مون سان محبت ڪئي آهي ـــ ۽ تمام ٿورن مـاڻهن ڏي مون سان محبت ڪئي آهي ـــ تن کان جي آءٌ بيزار ٿيو آهيان تڏهن به ۽ جي هو مون کان بيزار ٿيا آهـن تڏهن بـه، پنهي صورتن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موجود آهي – يعني ظلم سهڻ جي فطرت – اسان هنن کي هيتري آزادي ڏئي ڇڏي آهي ته به هنن ۾ غلام بنجي رهڻ ۽ پنهنجن مالڪن جي ڏاڍ سهسائڻ جي سياويڪ پڌي موجود آهي، هو محبت به ان ڪري ڪنديون آهن جو مرد ڪان مغلوب ٿـي وينديون آهن، ۽ تو ٿـ سبل کي يقينا ڏاڍي سهڻائي سان مغلوب ڪيو هوندو سخت ڪاوڙ جي حالت ۾ تون ڏاڍو سهڻو لڳو هوندين، تو مون کي اڳ به ٻڌايو هو ته ناٽڪ ۾ هو مختلف روپ وٺي ايندي آهي، جي هوءَ جوليٽ جـي روپ ۾ مري ٿي وڃي ته ٿـ وري اموگين جي روپ ۾ زنده ٿي ٿي آئي–"

"مگر هاڻي ته هوءَ وري ڪڏهن به زنده نه ٿيندي –" ڊورين جهيڻي آواز ۾ چيو–

"برابر، هوءَ پنهنجو آخري ڪردار ادا ڪري چڪي، پر تون ڪٿي ائين سمجهه، ته اهو موت به ڪنهن وڏي ناٽڪ جو هڪ ڊرامائي ڪردار هو، سمجهه ته هن جي زندگي به هڪ ويساڏاري ناٽڪ هو ۽ هن جو موت به هڪ غيرحقيقي ۽ ڪوڙو ڊرامائي واقعو هـو، تنهنجي لاءِ هـوءَ هوندي به هڪ خواب هئي، ڪا آتما هئي جا شيڪسپيئر جي ڊرامن ۾ داخل ٿي انهن کي هميشه لاءِ ساڀيا بخشي گذري وئي، هن حقيقي زندگيءَ کي ڇهي وڌو ۽ ان کي داغدارڪري ڇڏيائين جنهن سبب زندگيءَ خود هن کي داغدار ڪيو ۽ هوءَ ختم ٿي وئي، هاڻي جي تو کي سڄو ٿو لڳي ته پيلي ويهي ڊرامن جي ڪردار جي موت تي ماتم ڪر، پـر سبل وين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ پنهنجا لڙڪ اجايا نہ وڃاءِ، هوءَ تہ ايتري بہ حقيقي نہ هئي جيترا حقيقي انهن ڊرامن جا ڪردار هئا-“

هينري ڳالهہ ختم ڪئي ۽ ماٺ ٿي ويو، سج الهڻ لڳو ۽ ڪمري ۾ اونده اڇـي واسو ڪرڻ لڳي، باغ مان وڻن ٽڻن ۽ ٻوٽن جا پاڇا ڏاڍي سانت سان ڏيرج سان ۽ چانديءَ جي پازيب جهڙي ڇڻڪي سان سـُرندا اندر اچڻ لڳا، ڪمري ۾ موجود هر شئي جهڪي ٿيڻ لڳي.

ٿوري دير بعد ڊورين اکيون کڻي هينري ڏانهن نهاريو:

”تو منهنجي ذات جي خوب تشريح ڪئي هينري-“

هن جي لهجي ۾ دلجاءِ هئي، اطمينان هو- ”آءٌ اهي ڳالهيون اڳ بہ محسوس تہ ڪندو هوس پر انهن کان خوف بہ کائيندو هوس ان ڪري پنهنجي پاڻ سان انهن جو اظهار ڪڏهن بہ نہ ڪري سگهيس، تو مـون کي کهڙو نہ سهي سڃاتو آهي-! خير منهنجي ذات منهنجي شخصيت منهنجي زندگي بابت گهڻيون ئي ڳالهيون ٿيون پر جيڪو حادثو ٿي گذريو آهي تنهن بابت هاڻي وڌيڪ ڪجهہ نہ ڳالهائبو، اهو مون لاءِ هڪ شاندار تجربو هو ۽ بس. خبر نـاهي زندگي مون لاءِ اڃا ڇا ڇا رٿيو ويٺي آهي-!“

”زندگيءَ وٽ تو لاءِ سڀڪجهہ موجود آهي سهڻا، تو جهڙو خوبصورت انسان سڀڪجهہ ڪري سگهي ٿو-“

”پـر، هينري-! جي منهنجي اهـا سونهن موڪلائي وئي— تہ پوءِ-؟“

”پوءِ-“ هينري اٿندي چيو- ”پوءِ تہ تو کي پنهنجين

ٻورين بي صبري سان هن جي ٻاهر نڪرڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو ۽ هو هر ڪم ۾ اينگهه ڪري رهيو هو. جيئن ئي وڪٽر ڪمري مان نڪتو ٻورين تيزي سان اٿي تصوير تي پيل پردو هٽائي ڇڏيو— ”نه—! تصوير ۾ وڌيڪ ڪابه تبديلي نه ٿي هئي، سبل وين جي موت جي خبر مون کان اڳ تصوير تائين پهتي هئي، زندگي جي هر واقعي جو ان کي پتو پئجي ٿو وڃي، ان جي چپن تي ڪئورتا جا جيڪي نقش اڀري انهن کي بگاڙي بيٺا هئا سي يقينا ان وقت اڀريا هئا جنهن وقت سبل زهر— يا ڪا ٻي شئي— کاڌي هئي— پر ڇا اهين تي سگهي ٿو—؟ هوءَ پيش ايندڙ واقعات جو اثر ٿي وٺي يا روح اندر پيدا ٿيندڙ ڪيفيتن جو—؟“ ٻورين اچرج مان اهي ڳالهيون سوچيندو رهيو، هن جي دل ۾ هڪ اميد پيدا ٿي— ”ڪنهن ڏينهن شايد آءٌ پاڻ پنهنجين اکين سان اهو ڏسي سگهندس ته تصوير ۾ ڦيرو ڪيئن ۽ ڪهڙي سبب ٿو اچي—! ويچاري سبل—! ڪهڙي نه عجيب ۽ مزيدار ڪهاڻي ٿي وئي، هوءَ اسٽيج تي اڪثر موت جو سوانگ ڪندي هئي، ته ان جو موت پاڻ اچي هن کي پاڻ سان ڪٺي ويو—! زندگيءَ جو اهو آخري ڪردار هن الائي ڪيئن ادا ڪيو، مٿان مرندي مهل مون تي ڦٽڪارون وسايون هونديئين—؟ نه، هوءَ ته منهنجي محبت ۾ فنا ٿي، محبت—! محبت هاڻي منهنجو ايمان آهي ڌرم آهي، سبل جان جي قرباني ڏئي سڀ ڪفارا ادا ڪري ڇڏيا، هوءَ دنيا جي اسٽيج جو هڪ مهان ۽ دکي ڪردار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهه ٿيندي ــ! واه ــ! هيءَ مون لاءِ هڪ جادوءَ جي آرسي جو ڪم ڏيندي، آءٌ هن ڪي اک ۾ رکي پنهنجي روح جي مخفي رستن تي هن سان گڏجي هلندس، منهنجي اندرجون تبديليون هن ۾ ظاهر ٿينديون ۽ آءٌ انهن ڦيرن جو مشاهدو ڪري سگهندس ــ! جيئن هــوءَ منهنجي ظاهري شخصيت جي تصوير آهي تيئن منهنجي روح جو به عڪس بڻبي، ۽ تڏهن به هوءَ بدلجندي رهندي ۽ آءٌ نــه بدلبس، پنهنجيون تبديليون آءٌ هن ۾ ڏسندس ـــ اهو ڳالهه ته اها آهي نهـ! هن تصوير تي وقت جا ڦيرا ايندا ۽ آءٌ انهن کان محفوظ رهندس، سدائين خوبصورت، سدائين جوان، سدائين صحتمند ـ! تصوير جهور ٿي وڃي ته ڇا، ٻڍي ۽ ٻسي ٿي وڃي ته ڇا، بي رنگ ۽ بي زيب ٿي وڃي ته ڇا."

هن وري ساڳي طرح پردو تصوير تي وجهي ڇڏيو ۽ــ ائين ڪندي هــن مرڪي ڏٺو. هڪ ڪلاڪ بعد هو تيار ٿي سنگيت ناٽڪ تي پهچي چڪو هو.

[ ٩ ]

ٻي ڏينهن صبح جــو ڊورين پنهنجي ڪمري ۾ نيرن ڪائي رهيو هو ته باسل اتي پهچي ويو.

"چڱو جو ملي وئين ڊورين ــ" بــاسل جو آواز ڳرو هو ــ "رات اچي تنهنجي پڇا ڪيم ته تون سنگيت ناٽڪ تي ويل هئين جيتوڻيڪ مون کي پڪ هئي ته ائين نه هوندو، خير تون ڪنهن طرف ويل ضرور هئين پر ٻڌائي ته وڃين

به وڏيڪ، تو ته مون کي رڳو ٽرڙو ۽ خسيس ٿيڻ سيکاريو پئي ويو هو.“ هن منهن ٻيو پاسو ڪري ڇڏيو.

ڏانهن نهاريو.

”مون کي اهو ٻورين گهرجي جنهن جي مون تصوير ناهي ـ؟ باسل دک ڀرئي لهجي ۾ چيو.

”تون گهڻي دير ڪري آئين باسل ـ“ ٻورين هن جي ويجهو اچي پنهنجو هٿ هن جي ڪلهي تي رکندي چيو.

”ڪلهه جڏهن مون سبل جي خود ڪشي جي خبر پڙهي تڏهن....“

”خود ڪشي ـ؟ اف خـدا ـ! ته ڇا هن خود ڪشي ڪئي هئي ـ؟“ باسل ڇرڪ وسهي ۾ پڇجي ويو.

”پيارا دوست ـ! تو هن حادثي کي رواجي موت سمجهيو آهي، هن واقعي خودڪشي ڪئي آهي ـ“

ڪراڙي چترڪار پنهنجو منهن ڪٽي هٿن ۾ ڪيو ـ

”اف ـ ! ڪيڏي نه هولناڪ ڳالهه ٿي ـ“ هن جو بت ٿڙڪڻ لڳو.

”نه باسل نه، پلا خوف کائڻ جي کهڙي ڳالهه آهي، اهو ته زندگي جو هڪ مزي جهڙو دکدائڪ حادثو آهي قدرتي طور تي ائين ٿيندو آهي جنو جيڪي ماڻهو فنڪار هوندا آهن سي رواجي قسم جي زندگي گهاريندا آهن، اهڙا

”آءٌ تو وت هاڻي تصوير چڪائڻ لاءِ نه اچي ويهندس-“ ٻورين تکو ٿيندي چيو.

”ڪهڙيون ناداني جون ڳالهيون ٿو ڪرين پيارا-! تو ڪي تصوير لاءِ ويهڻو نه پوي ٿو پر ڇا مون تنهنجي لاءِ ڪجهه نه ڪيو آهي ۽ جيڪي ڪجهه ڪيو آهي سو تو ڪي نه وڻيو-؟ تصوير ڪٿي آهي، هي ڇو ان کي ڍڪي ڇڏيو اٿئي-؟ مون کي ڏسڻ ته ڏي، اها ئي هڪ بهترين شئي مون ناهي آهي-“

”تصوير کي مون ڍڪي ڇڏيو آهي، ان کي تکي روشنيءَ کان بچائڻ لاءِ-“

”تيز روشنيءَ جو ڪهڙو سوال، تو رکي ئي مناسب هنڌ تي آهي، ڏسان ته سهي-“ باسل اٿين چوندو اٿيو ۽ ڪمري جي انهيءَ ڪنڊ ڏانهن وڌيو جتي تصوير رکيل هئي، اهو ڏسي ٻورين خوف کان رڙ ڪري باسل ۽ تصوير جي وچ ۾ تي بيٺو، هن جو منهن ڏي پيلو پئجي ويو:

”باسل-! تو کي تصوير نه ڏسڻ گهرجي، آءٌ نٿو چاهيان تون ان کي ڏسين-“

”ڇا-؟ پنهنجي ئي ناهيل تصوير نه ڏسڻ گهرجي-؟ متان تون چرچو پيو ڪرين، آخر ڇو نه ڏسان-؟“ باسل ٿهڪ ڏنو.

”جي تو ان کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي ته، آءٌ قسم ٿو کڻان ته وري تا عمر توسان ڳالهائيندس ۽ نه ملندس نه ڳالهائيندس، چرچو ڪونهي، بس آءٌ وڌيڪ ڪا وضاحت نه ڪندس نه

تون مون کان ڪا وضاحت طلب ڪر، باقي اهو ياد رک ته جي تو هن پرديءَ کي هٿ به لاتو ته پوءِ پنهنجا ناتا ختم سمجهه-“

باسل تي چڻ وڄ ڪري پئي، هو دورين کي وڏي اچرج مان ڏسندو رهيو، هن کان اڳ هن دورين کي ڪڏهن ڪاوڙ ۾ ايترو تپندو ۽ ڳاڙهو ٿيندو نه ڏٺو هو، سچ پچ دورين منهنجي پيڙدو اکين مان باهه اوڳاڇي رهيو هو ۽ سڄو بت ڪنبڻ لڳو هوس.

”دورين....!“

”بس وڌيڪ ڪجهه نه چئه باسل!“

”پر آخر ڳالهه ڇا آهي-؟ ڏهيو پلا جي تنهنجي اهاڻي مرضي آهي ته آءٌ نئون ڏسان تصوير کي-“ باسل گهٽي ڏيرج سان چيو ۽ پوپان پير ڪري دريءَ ڏانهن وڃڻ لڳو-

”جيئون ٿيڪ اها ڳالهه ٿي ته نئي ته آءٌ پاڻ پنهنجي ڏي شاهڪار کي نئون ڏسي سگهان، هيڏانهن آءٌ پيو سوچيان ته آڪٽوبر ڌاري ان جي پيرس ۾ نمائش ڪريان سو ان کي وارنش جو هٿ هڻڻ لاءِ نيٺ به ته ان کي ڏسندس ته سهي، سو جي اڄ ڏي ڪٽي ڏٺم ته ڇا ٿيو-!“

”نمائش-؟“ دورين ڊانهن ڪئي، هڪ نئون خوف هن کي وڪوڙي ويو- ”ڇا تون ان کي نمائش لاءِ رکندين-؟“ عجيب پوائنتا خيال هن جي ذهن ۾ واسو ڪرڻ لڳا- ته ڇا منهنجي اندر جو پيد دنيا وارن جي اکيان کولي ظاهر ڪيو ويندو-؟ ماڻهو وات پٽي اکيون ڦاڙي منهنجي اندر ۾

چا توکي هن تصوير ۾ ڪا اجنبي جهڙي ڳالهه ڏسڻ ۾ آئي آهي-؟ ڪو اهڙو اهڃاڻ، جنهن تي هن ڪان اڳ تنهنجي نظر نه ڪئي ۽ هاڻي اوچتي ظاهر ٿي آهي-؟“

”آه-! باسل-!-“ دورين رڙ ڪئي، هن جا ڏڪندڙ هٿ ڪرسيءَ جي ٻانهن کي چهٽي ۽ چنبڙڻ لڳا-

”هون“ باسل چيو- ”هاڻي سمجهيم ته ضرور ڪا اهڙي ڳالهه آهي، چڱو هاڻي ٻڌ دورين- مون توکي ڏٺو ۽ ڀهرين نظر ۾ ئي تون منهنجي دل ۽ دماغ ۾ گهر ڪري وئين، منهنجو روح، منهنجو شعور ۽ منهنجون سڀ قوتون تو پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتيون، تون مون لاءِ انهيءَ اڻ ڏٺي آدرش جي صورت بڻجي وئين جنهن جو تصور اسان فنڪارن جي دل دماغ تي هميشه هڪ سندر سپني وانگر ڇانيل هوندو آهي، مون تنهنجي پوڄا ڪئي ۽ هر انهيءَ ماڻهوءَ سان حسد ڪيم جنهن سان تون فقط به اکر ڳالهائيندو هئين، ڀانيم ته تون رڳو منهنجو هجين، آءٌ فقط اهو وقت خوش هوندو هوس جو وقت تون مون سان گڏ هوندو هئين ۽ جڏهن مون ڪان پري هوندو هئين تڏهن به منهنجي فن ۾ موجود هوندو هئين، اهڙيون ڳالهيون مون توسان اڳ ڪڏهن نه ڪيون، اهڙو حوصلو ئي نه هئم ۽ نه ئي تون ڪجهه سمجهڻ جي ڪرين ها، اهي اندر جا ڀيد آءٌ پاڻ ئي نه پيو سمجهندو هوس، مون رڳو ايترو سمجهيو ته آءٌ ڪماليت کي پنهنجي اکين آڏو ڏسڻ لڳو آهيان ۽ دنيا منهنجي آڏو هڪ عجيب شڪل ۾ اچي بيٺي آهي، شايد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا ڪنهن ٻي کي ائين موهت ڪري ڇڏي.؟ هيئري ۾ برابر اهڙو موهه آهي پر هو وري ايترو چالاڪ حرفتي ۽ ترش رو هو جو هن کي ايترو ته چاهي نٿو سگهي، ڇا آءٌ به ڪنهن جي محبت ۾ بت پرستي جي حد تائين وڃي سگهندس.؟

”اها ته مون لاءِ وڏي ڳالهه چئبي ڊورين، جو توکي تصوير ۾ ڪجهه نظر آيو آهي، سچ ٻچ ان ۾ ڪجهه ڏٺو اٿئي ـــ؟“

”ها ـ مون کي ان ۾ ڪجهه حيرت جهڙي انوکي ڳالهه نظر آئي.“

”ڇگو ڀلا هاڻي ته ناراض نه ٿيندين جي آءٌ تصوير کي ڏسي وٺان.؟“

”اها ڳالهه نه ڪر باسل.“ ڊورين ڪنڌ ڌوڻي ناڪار ڪئي. ”آءٌ توکي تصوير جي آڏو بيهڻ جي اجازت نٿو ڏئي سگهان.“

”ڇگو ڀلا ـ ڪنهن ٻي پيري ته ضرور ڏسڻ ڏيندين ن.؟“

”ڪڏهن به نه.“

”ڇگو خير، تون شايد صحيح چوندو هجين، ڇگو ڀلا هاڻي خدا حافظ. منهنجي زندگي ۾ تون ئي هڪ اهڙو شخص آئين جنهن منهنجي فن کي متاثر ڪيو ۽ مون جيڪو به شاهڪار ٺاهيو تنهن لاءِ تون ئي جس ڪنئين، الا! توکي ڪهڙي خبر ته مون توکي جيڪي ڪجهه ٻڌايو. آهي تنهن لاءِ ڪيتري قيمت به ڏيڻي پئي اٿم.!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تو مون کي ٻڌايو ٿي ڇا آهي دوست!_ بس اهو ئي نه، ته تون محسوس ٿو ڪرين ته تون مون کي تمام گهڻو ٿو چاهين_؟ اها ته منهنجي ڪا ساراه به نه ٿي_“

”مون تو کي ساراهڻ لاءِ ته اهو سيڪجهه نه چيو، اهو محبت جو اعتراف هو، ۽ هاڻي جو اهو سيڪجهه چئي ويٺو آهيان تـه، لڳيم ٿو ڪجهه هٿان وڃائـي ويٺو آهيان، شايد انسان کي پنهنجي عبادت کي ڪڏهن به لفظن جو ويس نه پارائڻ گهرجي_“

”تو وارو اظهار نه بنهه مايوسيءَ وارو اظهار هو_“

”ڇو ڀلا_؟ تڏهن تو کي ڪهڙي وارتا جي توقع هئي_؟ ٻورين، تصوير ۾ ڇا ڏنو اٿئي_؟ ڪا نرالي ڳالهه_؟_ آخر ڇا ٿيو آهي تصوير کي_؟“

”تون اهي سوال ڇو ٿو ڪرين_؟ ٻـاسل، تون اهي پوڇا ڳوڇا واريون ڳالهيون نه ڪر اهي سڀ ناداني جون ڳالهيون آهـن، ڀـاڻ ٻئي دوست آهيون ۽ هميشه دوست ٿـي رهڻ گهرون_“

”دوستي لاءِ ته تو هينري کي چونڊي ڪنيو آهي_“ ٻاسل دک مان چيو.

”او، هينري_؟“ ٻورين ٽهڪ ڏنو_ ”هينري جـو ته هي حال آهي جو ڏينهن نه وسهڻ جهڙيون ڳالهيون ڪندي ۽ رات اڻ ٿيا ڪم ڪندي گذاريو ڇڏي، مون کي ته سڌ ٿيندي آهي ته جيڪر آءٌ به زندگي هن وانگر ٿي گذاريان. خير ٻـاسل مون کي ڪا پريشاني ٿـي تـه تـو وٽ ايندس

۽ ساراھ، ھن جو صبر ۽ سهپ،— اھو سڀڪجھہ ھاڻ ھن کي سمجھہ ۾ آيو، اھي اجايا اذماء اھا اجائي مستي اھا اجائي واڪاڻ—! ڪيڏي نہ ارمان جي ڳالھہ آھي—! دوستيءَ ۾ بہ رومانس جي ويس ۾ ڪا دڪدائڪ منورتي ھوندي آھي—!

ڊورين ھڪ ڊگھو ساھ کنيو ۽ نوڪر کي سڏڻ لاء گھنٽي وڄائي.— ”ھن تصوير کي ھر صورت ۾ لڪائي رکڻو پوندو، آءٌ وري پنھنجي اندر کي پڌرو ڪرڻ جو جوکو نہ کڻندس، چريائي ڪيم جو ھيءَ شئي ھن ڪمري ۾ رکيم جي دوستن يارن جو اچڻ وڃڻ ٿيندو رھي ٿو—.“

[١٠]

نوڪر اندر داخل ٿيو تہ ڊورين ھن جي منھن ۾ چتائي ڏسڻ لڳو— ”متان ھن ٻاھر بيٺي اسان جون ڳالھيون تہ نہ ٻڌيون—؟“— مگر نوڪر جي منھن تي اھڙو ڪو اولڙو ڪونہ ھو، ڊورين وري آرسيءَ وٽ وڃي پنھنجو عڪس ڏٺو اتان ھن کي نوڪر جو چھرو صاف پئي ڏسڻ ۾ آيو جنھن تي اھو ئي تابعداري ۽ نيازمند نوڪر واري نمرتا جو ٿڌو نقاب ھو ٻيو ڪجھہ نہ ھو. برابر— پر تڏھن بہ ڪجھہ ھوشياري ڪرڻي پوندي—! اھو سوچي ھن نوڪر کي حڪم ڏنو تہ سندس مئنيجر مسز ليف کي وٽس موڪلي ۽ پوءِ فريم ساز کي وڃي چوي تہ ھو پنھنجا ٻہ ماڻھو ھڪدم موڪلي ڏي. نوڪر حڪم ٻڌي ھليو ويو تہ ھن جي دل ۾ وري ھڪ نئون دليل جاڳيو— ”وڪٽر ٻاھر

ويندي مهل تصوير جي پردي تي نظر ڊوڙائي-؟ يا متان اهو به منهنجو وهم آهي-؟-"

ڪي منٽ گذريا. ته سنڌس مئنيجر مسز ليف ڪمري ۾ ڏوڪي آئي. ڊورين هن ڪان انهيءَ پراڻي ڪمري جي چابي گهري جو ڪنهن وقت اپياس جو ڪمرو هو.

"اسٽڏي جي چابي مسٽر ڊورين -؟" پوڙهيءَ حيرت مان پڇيو، "پر اهو ڪمرو ته ڌوڙ سان ستيو پيو آهي ۽ اهڙي حالت ۾ ڪوٺهي جو اوهين ان ۾ داخل ٿي سگهو، خير تنهن ڪان اڳ آءٌ وڃي ٿي ان کي نيڪ ٺاڪ ڪري اچان ـــ"

"انهيءَ کي نيڪ ٺاڪ ڪرڻ جي ضرورت ناهي ليف، مون کي فقط ان جي ڪنجي کپي-"

"پـر سائين ان ۾ ته ڄارو ڏي ايترو آهي جو اوهين وڪوڙجي ويندا -!-"

"مون کي فقط ڪمري کي هڪ نظر ڏسڻو آهي، ڪنجي مون کي ڏئي ڇڏ-"

"اڇها هيءَ چابي آءٌ اوهان کي ڪيڏي ٿي ڏيان-" پوڙهيءَ چابيءَ جي ڇڳي کي اٿل پٿل ڪندي چيو- "پر ان ڪمري ۾ رهڻ جو خيال نه ڪجو، اوهان جي آرام جو ته هتي ڏي پورو بندوبست آهي-" چابي ڏئي پوڙهي ڪو وقت وري به جهول پنجي وٺي ۽ گهر داري جا اڪيچار معاملا ڪٺي ويهي رهي ۽ ڊورين ويٺو شوڪارا ڀريندو وت ست ڪاٺيندو رهيو--- نيـٺ پـوڙهيءَ کي سڀ معاملا پاڻ

سبب-! ... تي سگهي ٿو تصوير انهن ڦيرن کان ڪڏهين محفوظ ٿي وڃي ۽ پوءِ باسل هالورڊ جي هڪ شاهڪار جي صورت ۾ نمائش لاءِ پيش ٿي سگهي-! مگر نه— اهڙو ڪو امڪان ڪونهي-! هنجي سڄي سونهن، صحت ۽ سو ڪيمتا جو نيٺ فنا ٿيڻ مقدر آهي، هنڪي لڪائي رکڻ ئي بهتر آهي-"

تصوير رکندي وقت فريم ساز ان کي هڪوار ڏسڻ جي خواهش ڏيکاري ته ڊورين هنکي جهلي ڇڏيو، ڪجهه اهڙي طرح، جو جي هو وڏيڪ ضد ڪري ها ته ڊورين جي هٿان چڱو ذليل ٿي نڪري ها. ۽ هنن کي روانو ڪري ڪمري جي در تي قفل چاڙهي هو جڏهين هيٺ لٿو ته گهٽي دلجاءِ هيس: "هاڻي مون کان سواءِ ٻيو ڪير به منهنجي اوگهڙ نه ڏسي سگهندو...!"

هو لائبرري ۾ موٽي آيو ته پنج وڄي چڪا هئا ۽ وڪٽر چانهه رکي ويو هو، تنهن سان گڏ هينري جو موڪليل هڪ ڪتاب هڪ رقعي سان گڏ رکيو هو. ظاهر هو ته وڪٽر جلدئي واپس اچي چڪو هو— "متان هن فريم سازن کان ڪجهه پڇيو هجي—! تصوير کي هٿان غائب ڏسي الائي ڪهڙو شڪ ڪيو هجيس-!" چانهه ڪوپ ۾ اوتيندي هن جي نظر اخبار "دي گزيٽ" تي پئي جا پڻ خوسجي ۾ هينري جي موڪليل رقعي سان گڏئي رکي هئي، اخبار به هينري ئي هن ڏانهن موڪلي هئي جنهن ۾ سبل جي موت بابت پوليس جي پڇاڳاڇا جو احوال هو ۽ جنهن تي هينري ڳاڙهي پينسل سان نشان هڻي موڪليو هو. ڊورين اهو نشان لڳل

ئي دور سان ناتا ٽوڙي ٻي هر صدي ۽ ٻي هر دور سان واسطو رکندڙ فڪر ۽ احساس جا انداز ۽ جذبا ڪٺي پنهنجي روح ۾ جذب ڪرڻ لڳو هو ۽ انهيءَ ئي هلت سان جيون گذاري چڏيو هئائين جنهن مان زماني جي روح جو گذر ٿي چڪو هو، ۽ جنهن هلت جي نتيجي ۾ انهن صدين جا ماڻهو نفس ڪشي جي ظاهري حسن سان محبت رکيءَ ان کي نمڪي جو نالو ڏيئي ويٺا هئا ۽ ان جي خلاف بغاوت جي پاونا کي بدي سڏيندا هئا ـ! فرانسي ليکڪ وري اسلوب ئي اهڙو اختيار ڪيو هو جو پڙهڻ وارو اصل نه پروڙي سگهي ته وچين صديءَ جي ڪنهن اوتار جي روحاني وجدان جو اپياس پيو ڪري يا ڪنهن گناهگار جا ڪي ضعيف اعتراف پيو پڙهي ـ! ڊورين انهيءَ جادو ڀري ڪتاب ۾ اهڙو گم هو جو سج جي الهڻ جي ئي ڪا سڌ بڌ نه رهيس تان جو ڪمري ۾ اونده جون ڇاپائون گهڙي آيون ۽ نوڪر اچي ور ور ڏئي اهو اطلاع ڏنو تڏهن هو اٿيو ۽ ڪتاب پلنگ جي سيراندي واري ميز تي رکي رات جي مانيءَ لاءِ تيار ٿيڻ لڳو.

هو ڪلب ۾ پهتو ته هينري اڪيلو هن جي اوسيئڙي ۾ ويٺو هو ۽ بوريت هن جي چهري تي ظاهر هئي، وقت نون ڪان به مٿي ٿي ويو هو.

”معاف ڪجان هينري دير ٿي وئي، پر ڏوه منهنجو به نه هو، تو ڪتاب ئي اهڙو موڪليو هو جنهن ڪي پڙهندي وقت جو خيال ئي نه رهيو.“

”منهنجو بہ اهو خيال هو تہ، ڪتاب توکي ضرور وڻندو.“ هينري ڪرسي تان اٿيو.
”مون ائين تہ نہ چيو تہ ڪتاب مون کي وڻيو آهي، پسند ڪرڻ ۽ محو ٿيڻ ۾ وڏو فرق آهي.“
”هان ـ تہ تون اها رمز بہ ڄاڻي وئين ـ !ـ“
۽ هو ٻئي ڪاڏي جي ڪمري ۾ داخل ٿي ويا.

[١١]

**ڪي سال گذري ويا** ـــ مگر ڊورين پاڻ کي انهيءَ ڪتاب جي اثرکان آجو نہ ڪري سگهيو، بلڪ اڻين چوڻ وڌيڪ درست ٿيندو تہ هن اهڙي ڪوشش ڪئي نہ ڪئي. هن پيرس مان انهيءَ ڪتاب جي پهرئين ڇاپي جون ۹ ڪاپيون گهرائي هرهڪ تي جدا رنگ جو جلد ٻڌائي پاڻ وٽ رکي ڇڏيون ـــ هڪڙو ئي ڪتاب، هڪڙي ئي ڪهاڻي نون مختلف رنگن جي جلدن ۾، هر رنگ هن جي بدلجندڙ ذهني ڪيفيتن سان ميل کائيندڙ، جي ڪڏهن ڪڏهن ڪيس وس کان ٻاهر ڪري ڇڏينديون هيون. ڪتاب جي سموري ئي ڪهاڻي هن کي پنهنجي ئي زندگي جي ڪهاڻي پئي لڳي جا ڄڻ سندس وجود ۾ اڇڻ کان اڳ لکي وئي هئي، ڀانئي پيو تہ ڪتاب جو سورمو ـــ پيرس جو اهو عجيب نوجوان جيڪو افسانوي توڙي حقيقي ٻئي گڏيل سڏيل سياهہ رکندڙ هڪ ئي هستي هو ـــ سو ڪو سندس ئي وجود جو هڪ حصو هو جو ڪانئس اڳ گذري چڪو هو. ۽ ڪتاب جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهڻو بدنام ڪيو ويو آهي، ان ڪري جو انسان فطري طور تي پنهنجي اندر جي اڌمن، جوش، جذبات ۽ جولان کي پاڻ کان ب. وڌيڪ طاقتور ڀانئي انهن کان هميشه خوف کائيندو رهيو آهي ۽ تنهن سبب انهن کان گهٽ درجي جي شين سان پائيداري نباهڻ جو فڪر ڪندو رهيو آهي. مگر، ڏورين جو خيال هو ت. نفس جي اصل فطرت کي ڪڏهن سمجهيو ئي نه ويو آهي ۽ اهو نفس جو اسان کي حيوان ۽ وحشي ٿو ڀاسي سو ان ڪري جو اسان ان کي هميشه بکون ڏيڻ، مارڻ ۽ سور ڏئي چيڀاڙڻ ۽ نيچ نوائڻ جا جتن ڪيا آهن بجاءِ ان جي جو ان (نفس) کي هڪ نئين روحانيت جو اهو عنصر بڻائڻ جي سعي ڪجي ها جنهن جي غالب خاصيت هجي ها حسن جو عمدو شعور ۽ حسن سان محبت. انسان جي تاريخ تي غور ويچار ڪري هو انهيءَ فيصلي تي پهتو ت. انسان هميشه گهاٽي ۾ رهيو آهي، هميشه پنهنجو نقصان ڪيو اٿس- انسان سدائين ڪيترو نه بيش ٻيو آهي-! ڪيترو نه پنهنجو پاڻ کي قربان ڪيو اٿس-! ۽ سو ب. هڪ خسيس مقصد لاءِ-! انسان هميشه نعمتن کي ٻي ٿڏيو آهي، پنهنجي پاڻ کي عذاب ۾ ڏنا آهن، پنهنجي نفس کي خون ۾ ڪيو اٿس — ۽ هن جي انهيءَ هلت جو ڪارڻ آهي خوف ۽، نتيجو آهي ذلت-! ذلت، جيڪا وڌيڪ حقيقي ۽ هيبتناڪ آهي انهن غيرحقيقي ۽ فرضي ذلتن کان جن کان هو پنهنجي نادانيءَ سبب هميشه پنهنجو پاڻ بچائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي-! ۽ انهيءَ جي نتيجي ۾ فطرت،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رشتن جي لحاظ کان اسين پنهنجن بزرگن ۽ اسلاف جا وارث ۽ اولاد آهيون تيئن علم ۽ ادب ۾ به اسانجا ڪي اسلاف ۽ بزرگ گذريا آهن ۽ اسين انهن جا به اولاد ۽ وارث آهيون، انهن بزرگن جو به اسانجي نسل تي اثر قائم آهي. ڪڏهين هو محسوس ڪندو هو ته هيءَ سڄي تواريخ فقط سندس ئي زندگي جو هڪ پوتاميل آهي يا اهو سمورو ئي اتهاس خود سندس ئي ذهن جي تخليق آهي سندس ئي جذبات جو عڪس آهي، جڻ اتهاس جي انهن مڙنئي شخصيتن سان هو گناه توڙي ثواب نيڪي توڙي بديءَ ۾ گڏو گڏ رهيو آهي- جن گناه ڪي اهڙي ذي شان صورت ڏئي ڇڏي آهي ۽ جن بديءَ کي اهڙو سپاويڪ ۽ سشيل بنائي ڇڏيو آهي-! پائڻي پيو ته پاڻ تاريخ جي انهن ئي عجيب شخصيتن جي زندگي پيو گهاري – ۽، هينري جي موڪليل فرانسي ناول جو هيرو ته سندس نگاه ۾، سندس ئي ڪنهن جنم جو هڪ حصو هو-! اهوئي سبب هو جو هو انهيءَ ناول کي ۽ خاص ڪري انجي سندس حالات سان ميل ڪائيندڙ حصن کي ڦرائي ورائي پڙهندو ۽ انمان پنهنجي فڪر ۽ احساس جي تسڪين پيو وٺندو هو- ۽ ڪڏهن نيٺ اچي انهيءَ نتيجي تي پهچندو هو ته بدي، هڪ وسيلو آهي سونهن کي سمجهڻ ۽ سهي ڪرڻ جو-!

[ ١٣ ]

هڪ رات، سخت سيءَ ۾ اٽڪل ٻارهين بجي ڌاري هو هينري وٽان رات جي ماني کائي-ڪچهري ڪري موٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر تنهنجي گاڏي نہ ڇٽي ويندي-؟“

”گاڏي سوائي ٻارهين ٻجي ڇٽندي ۽ هنوقت ٻارهن وڳا آهن، آءٌ تہ توکي گهوڻ لاءِ ڪلب ٻي ويس، سامان اڳ ئي موڪلي ڇڏيو اٿم، اڃا ڪافي وقت آهي-“

هو ٻئي اندر داخل ٿيا ۽ لائبريري ۾ اچي ويٺا.

”پيئنديندين-؟“ ڊورين پڇيو.

مهرباني، هاڻي آءٌ سنجيدو ٿي توسان ڳالهائيندس ڊورين، پر ڏس منهن ۾ گهنڊ نہ وجهجان، مهرباني ڪجان، تنهنجو ڪروڌ مونکي ڏک ٿو پهچائي-“

”ڇاٿو چوڻ چاهين-؟ پر اميد تہ منهنجي ذات ۽ شخصيت بابت ڪجهہ نہ چوندين. آءٌ هميشہ وانگر اڄ بہ انهيءَ موضوع تي گهٽوئي ڪجهہ ڏي هاڻي بيزارتي چڪو آهيان-؟“

”آءٌ تو بابت ئي ڳالهائيندس ۽ ضرور ڳالهائيندس، تنهنجو فقط اڌ ڪلاڪ سيڙائيندس-؟“

”اڌ ڪلاڪ-!“ ڊورين ڊگهو ساهہ کڻي، سگريٽ دکائيندي چيو.

”ڊورين، تنهنجي باري ۾ شهر اندر ڏاڍي چوپچو آهي، ڏاڍا افواه آهن، ڏاڍا اسڪينڊل آهن. انهن تي مونکي اعتبار نٿو اچي خاص ڪري تڏهين، جڏهين توکي ڏسان ٿو، تنهنجي منهن ۾ گناه جو تہ مونکي ذرو بہ اهڃاڻ نٿو ملي جڏهين تہ گناه انسان جي چهري تي نشان ضرور ڇڏي ويندو آهي. آءٌ اهو نٿو مڃان تہ بدي انسان ۾ لڪل هوندي آهي يا انسان بديءَ کي لڪائي سگهي ٿو، نہ، بدڪار

”تنهنجو اهو ئي خيال آهي، هان_؟“ ڊورين وري وڏو ٽهڪ ڏنو.

”خيال ڇا اهو منهنجو ايمان آهي. ۽ جيڪي ڪجهه توکي تنهنجي بابت چيم سو تنهنجي ئي ڀلي لاءِ چيم- ڏس ڊورين، آءٌ ته تنهنجو هميشه خير خواه دوست رهيو آهيان نه ـــ“

”ڏس مون کي هٿ نه لاءِ، ۽ جيڪي چوڻو اٿئي سو جلدي پورو ڪر_“

ويچاري چترڪاري جي دل جهري پئي، منهن تي ڏک ۽ پيڙا جو دهو پئجي ويس. ٿورو ويچار ڪري هو پنهنجي پاڻ کي ئي ڏوهه ڏيڻ لڳو ته برابر ڊورين کي ايترو مهڻو ميار ڏيڻ جو ڪيس ڪو حق نه هو، هن جي چال چلگت جي ايتري اپٽار ڪرڻي نه هئي، هن کي شرمندو ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪرڻي هئي، هن کي برابر ڏک پهتو هوندو، هن جي شخصي معاملن ۾ اها جهات جهوت رکڻ جو ڪيس حق نه هو. باسل اٿي اچي بخاري وٽ بيٺو ۽ ان ۾ ڏکندڙ ڪاٺين ۾ نهارڻ لڳو.

”ڇا ٿو چوين باسل_! آءٌ تنهنجي فيصلي جو انتظار ڪري رهيو آهيان-“ ڊورين صاف ۽ تکي آواز ۾ سوال ڪيو.

”ڊورين آءٌ رڳو اهو ٿو چاهيان ته توتي جيڪي الزام پيا لڳن تن جو مون کي خاطر خواه جواب ڏي، ڇو ته ماڻهو ڪوڙ ٿا ڳالهائين ته آءٌ توتي اعتبار ڪندس، ڇئه ڊورين ڇئه ته ماڻهو ڪوڙ ٿا ڳاهين_! ڊورين توکي ڪهڙي

خبر ته منهنجي دل تي ڇا پيو وهي واپري ـ مٿان چوين ته هو جيڪي چون ٿا سو سچ آهي ـ مٿان ائين چوين ـ!"

ڊورين مرڪڻ لڳو ـــ اها ڏي ڌڪار ۽ ڪروڌ ڀري مرڪ ـ!

"مٿي هـل باسل، اتي مون هڪ ڊائري رکي آهي، جنهن ۾ آءٌ پنهنجين روز مره جـي سرگرمين جـو تفصيل روزانو لکندو آهيان، هل ته توکي اها ڊائري ڏيکاريان ـ"

"جي تنهنجي اها مرضي آهـي ته آءٌ هلندس ، منهنجي گاڏي ته هونئن ئي ڇٽي وئي آهي، ڪٿي سڀاڻي پيرس ويندس، ڊائري پڙهي ڇا ڪندس، بس مون کي منهنجي سوال جو جواب ڪپي ـ"

"مٿي توکي تنهنجي سوال جـو جواب ملي ويندو جو آءٌ هتي نٿو ڏئي سگهان ـ"

[١٣]

ڊورين بتي هٿ ۾ جهلي ڪمري مان نڪتو ۽ مٿين ڪمري جي ڏاڪڻ چڙهڻ لڳو، باسل هن جي پٺ ورتي، هن ٻنهي جي هلڻ جو انداز اهو ئي هو جيڪو عـام طور ماڻهو رات جـي بيگاه وقت ۾ هلندي اختيار ڪندو آهي؛ بتيءَ جي سهائيءَ پٺين ۽ ڏاڪڻ تي عجب قسم جا پوڇولا پي ناهيا، ڪمري وٽ پهچي ڊورين بتي فرش تي رکي ۽ تالو کوليندي چيو:

"چئبو توکي جواب ضرور کپي باسل ـ"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ها —“ باسل جواب ڏنو.

”مون کي خوشي ٿي —“ ڊورين مرڪي جواب ڏنو، ۽ پوءِ لهجو سخت ڪندي —”ڇو نه، آخر هن دنيا ۾ تون ئي ته هڪ اهڙو ماڻهو آهين جنهن کي مون بابت سڀڪجهه ڄاڻڻ جو حق آهي، توکي مون لاءِ گهڻو ئي ڪجهه ڪرڻو جو پيو آهي، انهيءَ کان گهڻو وڌيڪ جيترو تون سمجهين ٿو —“ ائين چئي هن بتي فرش تان کنئي ۽ ڪمري ۾ داخل ٿيو. باسل به هن جي پويان اندر گهڙيو. هوا جي هڪ ٿڌي جهوٽي سندن ڇهڻ آجيان ڪئي ۽ بتيءَ جي لاٽ ٿورو پڙڪو کاڌو.

”دروازو بند ڪري ڇڏ باسل —“ ڊورين ائين چئي بتي ميز تي رکي ڇڏي.

باسل واڍُڙن وانگر ڪمري ۾ هيڏانهن هوڏانهن اکيون ڦرڙائڻ لڳو، ڊورين ايتري ۾ اهـا ميڻ بتي به ٻاري ڇڏي جـا ٽيبل تي اڌڙ جي صورت ۾ رکي هئي. باسل ڪمري جي ڊانوانڊول حالت ڏسي اکيون ڇنڀڻ لڳو.

”ها باسل — ! ته تنهنجو خيال آهي ته روح خدا کان سواءِ ٻي ڪنهن کي نظر نه ايندو آهي —؟ ڇگو تون تصوير تي پيل اهو پردو هٽاءِ، توکي منهنجو روح ڏسڻ ۾ ايندو —!“ ڊورين جو آواز بنهه ٿڌو ۽ سخت هو.

”چريو ٿيو آهين ڇـا ڊورين — ؟ يا ڪو چرچو پيو ڪرين —؟“ باسل ڪجهه چڙندي چيو.

”تون نه هٽائيندين پردو هٽائيندين پردو —؟ تڏهن اهو

سنبارجي ويو آهي ۽ رنگ وغيره بگڙيي ويا آهن ته، ته اها
اڻ ٽٽي آهي ته...."

"ڇا اڻ ٽٽي آهي-؟" ڊورين دري تائين ويندي پنهنجي
پيشاني ان جي ٿڌي شيشي تي ٽڪائيندي چيو.

"پر تو ته چيو هو ته تون تصوير تلف ڪري ڇڏي آهي-؟"
"مون غلط چيو هو، خود هن تصوير مون کي تلف
ڪيو آهي-"

"مون کي ويسهه ڪونه ٿو ٿيئي ته هيءَ منهنجي ئي
ڏاهپ آهي-"

"تو کي ان ۾ پنهنجو آدرش نه پيو ڏسڻ ۾ اچي-؟"
ڊورين ڪڙو منهن ڪري چيو.

"منهنجو آدرش-! هاءِ، تون منهنجي آدرش جي ڳالهه
تو ڪرين-؟"

"تون ئي اهو اکر چوندو هئين-"
"منهنجي آدرش ۾ ته نه ڪا بديءَ جي ڳالهه هئي نه
ڪا بي شرميءَ جي، تون ته منهنجو هڪ اهڙو آدرش هئين
جو مون کي وري ڪڏهن نه ملندو. هي ته ڪنهن هوس
پرست جي تصوير ٿي ڏسڻ ۾ اچي-!-"

"اها منهنجي روح جي صورت اٿئي باسل-!-"
"خداوندا-! ڇا مون هن جي پوڄا ڪئي هئي-؟ هن
جون اکيون ئي ابليس جهڙيون آهن-!"

"اسان مان هرهڪ انسان ۾ شيطان ۽ رحمان ٻئي موجود
آهن باسل صاحب!-" ڊورين نراسائي ڳاڙ تڪي وحشيائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوچا ڪئي— پاڻ ٻنهي کي سزا ملي آهي_“
ٻورين آلين اکين سان هن ڏانهن نهاريو:
”دعا جو وقت گذري ويو باسل_“
”دعا جو وقت هميشه هوندو آهي پيارا، اچ ته گوڏا کوڙي دعا گهرون_“
”مون لاءِ انهن لفظن جي هاڻي ڪا اهميت ناهي_“
”هش_! ائين نه چئه، ڏس اڳ ئي گهڻو گناهگار ٿي چڪو آهين، ڏسين نٿو ته هيءَ لعنتي تصوير پاڻ ڏانهن ڪيئن پئي اک ٽيٽ سان نهاري_!_“
ٻورين تصوير تي نظر وڌي— ۽ اتي ئي هن جي دل باسل لاءِ سخت ڌڪار جي جذبي سان ٽمٽار ٿي وئي، ڄڻ انهيءَ چهري ئي کيس کو اهڙو اشارو ڏنو، ڄڻ ان جي چپن ئي سندس ڪنن ۾ اهڙي سخت ڌڪار پيدا ڪندڙ لفظ چيا_! هن جي اندر ۾ هڪ شڪار ٿيل جانور وارو اندو جوش جاڳيو— هن جي دل ۾ باسل لاءِ اهڙي بي‌پناه نفرت جاڳي جنهن کان هو سڄي عمر ۾ ڪڏهن واقف نه ٿيو هو....
ٻورين چوڦير نظر ڊوڙائي، هڪ ڪٻٽ تي هڪ چمڪندڙ شئي تي نظر پيس، اهو چاقو هو— جو هن ڪجهه ڏينهن اڳ ڪا رسي ڪپڻ لاءِ آندو هو ۽ اتي ئي رهجي ويو هو، هو آهستگي سان اڳتي وڌيو، باسل جي پويان بيهي هن هٿ وڌائي چاقو ڪٻٽ تان کڻي ورتو، ايتري ۾ باسل ڪرسيءَ تان اٿڻ جي ڪئي.... ته ٻورين هن کي اتي جهلي ڪٺي سو گهو

هن لاش ڏانهن نظر به نه ڪئي– ”هن سڄي ڪهاڻيءَ جو راز هي آهي ته صورتحال جو احساس ئي نه رکجي– جنهن دوست هيءَ هاڃيڪار تصوير ڏني، جنهن سبب آءٌ هيترو برباد ٿيس، تنهن جي حياتي پوري ٿي وئي، بس اهو ڪافي آهي.“

هن ٻئي ڪٺي ورتي ۽ دروازو بند ڪري هيٺ لهڻ لڳو، ڪاٺ جي ڏاڪڻ چيچاٽ ڪرڻ لڳي ڄڻ سور کان ڪنجهندي هجي، هن هڪ ٻه دفعا قدم روڪي ماحول جو جائزو ورتو–. نه، سندس پيرن جي آهٽ کان سواءِ ٻي هر شئي سانت ۾ هئي. هو لائبريري ۾ آيو ته باسل جي ڪوٽ ۽ ٿيلهي تي نظر پيس– ’انهن کي لڪائي ڇڏڻ گهرجي‘– هن پنهنجو هڪ ذاتي ڪپٽ کولي اهي شيون ان ۾ لڪائي ڇڏيون– ’پوءِ ڪنهن وقت انهن کي ساڙي ناس ڪري ڇڏبو–‘. هن واچ کيسي مان ڪڍي وقت ڏٺو– ٻن ۾ ويهه منٽ هئا.

هو ويٺي رهيو ۽ سوچڻ لڳو– ’هن ملڪ ۾ هر سال هر مهيني ماڻهن کي اهڙن ئي ڏوهن ۾ ڦاسي ڏني وڃي ٿي، خونن جو ته واءُ ئي اهڙو وريو آهي، دنيا ڪنهن خوني ستاري جي اثر ۾ اچي وئي آهي.... پر منهنجي خلاف ثبوت ڪهڙو ٿو ٿي سگهي؟ باسل هتان يارهين بجي ڏاري روانو ٿي ويو، پوءِ هن کي هتي ٻيهر ايندي ڪنهن به ڪونه ڏٺو آهي– ها، باسل پيرس روانو ٿي ويو! آڌيءَ رات واري

ته نه ڏئي ويو-؟“

”نه سائين، بس ايترو چيائين ته جي اوهين اڄ ڪلب ۾ نه به مليا ته اوهانکي ٻيرس مان خط لکندو-“

”ٺيڪ آهي، تون ياد ڪري ٽوين ٻجي مونکي اٿارجان-“

”ها سائين-“

ٻورين لائبرري ۾ اچي ڪوٽ ۽ ٽوپلو هڪ طرف ڦٽو ڪري ڪمري ۾ پسار ڪندو رهيو، اٽڪل پندرهن منٽ هو ائين سوچيندو ڪمري ۾ ٽهلندو رهيو ۽ پوءِ هڪ ڊائري ڪڍي ڪنهن جو سرنامو ڳولڻ لڳو- الان ڪيمپبيل، ۲ ۵ ۱- هرٽفورڊ اسٽريٽ، مي فيئر- هـا اهوئي ساڻهو درڪار آهي-

[ ۱۴ ]

صبح جا ٽو وڳا ته نوڪر چاڪليٽ جو ڪوپ ڪڍي اندر داخل ٿيو ۽ درين جا شٽر کولي ڇڏيائين- ٻورين نهايت سانت سڪون سان گهري ننڊ ستو پيو، هن ساڄي پاسي تي هڪ هٿ ڳل هيٺان ڏئي- ڄڻ ڪو ٻار راند ڪري يا پڙهي لکي ٿڪو هجي ۽ پوءِ بي خبر سمهي پيو هجي-!

نوڪر به پيرا ڪيس ڪلهي ڪان ڌوڻڌاڙيو تڏهين هو سجاڳ ٿيو؛ اکيون کوليائين ته چپن تي هڪ هلڪي مرڪ پکڙجي ويس ڄڻ ڪنهن سهڻي خواب مان جاڳيو هجي- جواني جا انيڪ جادو آهن ۽ انهن مان هڪ وڏو جادو هي آهي جو بنان سبب جي پڻ مرڪندي آهي-! هن پاسو ورائي ٽونٽ تي ٽيڪ ڏئي ويهي چاڪليٽ پيتو؛ نومبر جي تڏڙي اُس ڪمري ۾ لهر لهر ڪري پئي ٽلڪي جنهن سبب

هن لاش کي ساڙي ناس ڪرڻ جو ڪم ٻ، هڪ اهڙو ئي روزمره جو عام تجربو سمجهي ٻنا ڊپ ڊاءَ جي ڪري ڏي، ڏس الان، اهڙي ريت تو ڪي منهنجي مدد، منهنجو بچاءُ ڪرڻو آهي— پلي جو ڪم سمجهي— هونئن ٻ اوهين لاش جي ويڙ ڌڪ ڪرڻ ڪان اڳ اهو ته نه پڇندا آهيو ته هي ڪيئن مئو آهي، بس هن وقت ٻ اهڙو سوال نه پڇ، ڏس ڪڏهن پاڻ هڪ ٻي جا دوست رهيا آهيون۔"

"انهن ڏينهن جي ڳالهه نه ڪر۔"

"الان، آءٌ وينتي ٿو ڪريان، هي ڪم نه ٿيو ته آءٌ تباه ٿي ويندس، هو مون کي ڦاسي چاڙهي ڇڏيندا۔ ڦاسي— مون کي ڦاسي اچي ويندي الان۔!"

"ڳالهه کي اينگهاڙڻ جي ضرورت ناهي، منهنجي طرفان انڪار سمجهه۔"

"تون انڪار ٿو ڪرين۔؟۔"

"ها۔"

"ڏس آءٌ منت ٿو ڪريان۔"

"اجائي آهي۔"

ڊورين مجبور ٿي، هٿ وڌائي پر مان هڪ ڪاغذ جو ٽڪرو کنيو ۽ ان تي ڪجهه لکي الان ڏانهن وڌائي ڏنائين ۽ پاڻ اٿي اچي دريءَ وٽ بيٺو. الان حيران ٿي هن ڏانهن نهاريو ۽ اهو ڪاغذ هن ڪان وٺي پڙهڻ لڳو— ڪاغذ تي لکيل اکر پڙهي الان جي منهن جو رنگ ئي لهي ويو ۽ هو ڪرسيءَ جي ٽيڪ تي ٻيرڪي پيو، پانياٺين ته ٻت مان ساه

”مٿي باھ جو بندوبست ته آهي-؟“ هن گهٽي مان ڪانپوءِ لاچار ٿيندي پڇيو.

”ها گيس جو چلهو آهي-“

”مونکي ڪجهه سامان آڻڻ لاءِ گهر وڃڻو پوندو-“

”نه- تون هتان نه ويندين، چٺي لکي ڏي ته منهنجو نوڪر تنهنجي گهران ضروري شيون کڻي ايندو-“

الان هڪ ڪاغذ تي پنهنجي نائب ڏانهن چٺي لکي، ڀورين اها وٺي پڙهي تسلي ڪري پنهنجي نوڪر کي سڏي چٺي سميت ضروري هدايت ڏئي هنکي الان جي گهر ڏانهن روانو ڪيو.

نوڪر روانو ٿيو ته الان اٿي چمني وٽ وڃي بيٺو، اٽڪل ويهه منٽن تائين هنن ٻنهي هڪ اکر به نه ڳالهايو، تنهن بعد جو الان ڀورين ڏانهن نهاريو ته هنکي اٽڪ ڳاڙهيندڙ ڏنائين — ڀورين جي غمناڪ چهري جي شسيلتا ۽ معصوميت جي تهن ۾ ڪي ڪيفيتون ڏسي الان پنهنجي ڌڪار تي ضبط نه ڪري سگهيو ۽ پڙڪڻ جي انداز ۾ چوڻ لڳو:

”حيف هجئي ڀورين-! وڏو لعنتي آهين-!-“

”ڪجهه نه چئه الان، بس تو منهنجي زندگي بچائي آهي....“

”تنهنجي زندگي-؟ حيف آهي اهڙي زندگي تي، تون بچڙاين مٿان بچڙايون ڪندو ويو آهين ۽ هاڻي ههڙو پاپ ڪيو اٿئي، ۽مونکي هن ڪم تي مجبور ڪري تون سمجهين پيو ته آءٌ تنهنجي زندگيءَ بابت پيو سوچيان-؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ستين بجي ڪان به پوءِ الان ڪم ختم ڪري هيٺ آيو، هو نيال ٿيو پيو هو پر تڏهين به منهن تي سانت هئس:

”مون تنهنجي حڪم جي پوئواري ڪري ڇڏي، هاڻي خدا حافظ، هاڻي وري جيئن هڪ ٻئي کي ڪڏهين نه ڏسون.“

”الان! تو مونکي تباهي کان بچائي ورتو، آءٌ تنهنجو احسان نه وساريندس.“

الان ڪيمپبيل روانو ٿي ويو ته ڊورين مٿي اچي ڪمرو کولي ڏٺو، لاش غائب هو، فقط نائٽرڪ ايسڊ جي سڙڻ جي اگري ڌپ ڪمري ۾ واسي پئي هئي.

[ ١٥ ]

رات جو سادي اٺين ڌاري ڊورين ليڊي ناربورو جي گهر آيو ته نوڪرن روايتي انداز ۾ جهڪي سندس آجيان ڪئي ۽ ڏاڍي ادب سان کيس آڻي ڊرائنگ روم ۾ ويهاريو. هو ڏاڍو نهي ٺڪي تيار ٿي آيو هو، جيتوڻيڪ هن جي ذهن تي جنون جهڙو اثر هو ۽ جسم به جوش جي اثر کان ساڻو ٿيندڙ پر ڏاڍي ڪمال سان هن پنهنجن حواسن تي ضابطو رکيو ۽ ليڊي ناربورو جي اچڻ تي ڏاڍي شاناڻي ۽ سانتيڪي ۾ هن جو هٿ وٺي جهڪي ڪيڪار جو جواب ڏنائين. شايد ـــ اداڪاري ڪرڻ وقت، ۽ پنهنجي اصل جذبات کي لڪائي ظاهري جڙتو انداز اختيار ڪرڻ وقت انسان جيترو به سانتيڪو ۽ دلجاءِ هوندو آهي اوترو پيو ڪنهن وقت به نه هوندو آهي-! ڊورين جي اداڪاري ۽ بناوت به هنوقت اهڙي هئي

رکيو ڇڻ جيترو گهٽو پيو پئي اوتري تاس پئي وڌيس، هينري هنجي مات ۽ هنجو بي محابو ورتاءُ ڏسي پاڻ حيران ٿي ويو. آخر هن ڊورين کان سوال ڪيو:

”ڇا ڳالهه آهي ڊورين؟ اڄ ڪجهه وياڪل پيو ڏسجين؟“

”آءٌ ته پاڻيان ٿي عشق جي چپيٽ ۾ اچي ويو آهي.“ ليڊي ناربورو چيو. ”پر مونکي نٿو ٻڌائي ته متان آءٌ اير ڪا جي شڪار نه ٿي وڃان، ساڻ ته آءٌ ٿيندس ئي.“

”محترمه.“ ڊورين ڏيمي سان چيو. ”هفتو ٿيو آهي آءٌ ڪو عشق پشق نه ڪري سگهيو آهيان، مادام فيرول جو شهر ڇڏي وئي آهي.!“

تنهن تي اچي ويچاري مادام فيرول تي نڪتہ چيني هلي، هنجون اوتيرن پوتيون پٽريون ٿيڻ لڳيون.

”خوبصورت عورتن جا مڙس ڏوهاري طبقي مان هوندا آهن.“

”توبهه هينري، تڏهين دنيا سچ ٿي چوي ته تون وڏو شرارتي آهين.“

”ڪهڙي دنيا ٿي چوي؟ خير اها ڪا بي دنيا هوندي، هن دنيا سان ته منهنجا ڏاڍا سٺا دوستاڻا ناتا آهن.“

”هر ڪوئي ٿو چوي ته تون وڏو بدڪار آهين.“

”اها ڳالهه سڻي ته ناهي جو ماڻهو پين جي باري ۾ هنن جي پرپٺ هنن جون سچيون حقيقتون بيان ڪندا وتن، ڪوڙ ناهڻ اچا به چڱو پر پرپٺيرو سچ ڳالهائڻ ڏاڍي بري

عادت ڇڏبي.“

”اوهان مادام فيرول ۾ ايترو چاهه ڏيکاريو ته آءٌ به ٿي ٻي شادي ڪريان.“

”ڏس مادام! عورتون ٻي شادي ان ڪري ڪنديون آهن جو هنن کي پهرين مڙس سان نفرت هوندي آهي ۽ مرد ٻي شادي ان ڪري ڪندا آهن جو هنن کي پهرين زال سان محبت ه وندي آهي. عورتون پنهنجي قسمت آزمائينديون آهن ۽ مرد جوکم کڻڻ داءُ لڳائڻ جا شوقين هوندا آهن. عورتون مردن جي عيبن جي ڪارڻ هنن سان محبت ڪنديون آهن، مردن ۾ جيترا گهڻا عيب هوندا اوتريون ئي وڌيڪ هو معاف ۽ درگذر ڪرڻ ۾ هيڪانديون هوشيار ۽ تيار هونديون آهن.“

”هينري! اهو ته سچ ٿو چوين، اسين عورتون اها وصف نه ڏاريون ته ۽ اوهان مردن جو جيڪر ڪهڙو حشر ٿئي! بدنصيب ڪنوارن جي هڪ فوج ٺهي وڃي، اڄڪلهه ته پرڻيل مرد ڪنوارن جي ۽ ڪنوارا مرد پرڻيلن جهڙي حياتي پيا گهارين.“

هينري ۽ ليڊي ناربورو جي وچ ۾ ڪيترو وقت اهڙي دلچسپ گفتگو هلندي رهي. تنهن بعد ڊورين جي شاديءَ جي ڳالهه ليڊي ناربورو ڇيڙي، ۽ اها ٽيٽي ڪانهي جو لارڊ هينري ڪنهن موضوع تي پنهنجي راءِ ۽ دلچسپ فقرن جي پيٺا نه ڏي!

”ماڻهو خوشگوار زندگي بابت ڪيڏيون نه احمقائيون

ڳالهيون ٿا ڪن۔" هن چيو- "ڪنهن به عورت سان اوسيتائين خوش گذاري سگهجي ٿو جيسيتائين هن سان محبت نٿي ڪجي-"

"ڏاڍو ڏنگو ماڻهو آهين هينري-"

"عورتون اهي سنيون جن جو ڪو ماضي هجي ۽ مرد اهي سنا جن جو مستقبل هجي-" هينري پيو فقرو چيو عورتون ڪمري مان نڪري مٿي هليون ويون، باقي ڪي مرد گپ شپ ڪندي رهجي ويا. ڊورين اٿي اچي هينري جي پر ۾ ويٺو. هينري پڇيس:

"ٺيڪ ته آهين-؟ ڊنر جي وقت ڪجهه ٺڪل پئي ڏسڻ ۾ آئين-؟"

"بالڪل ٺيڪ آهيان، برابر ڪجهه ٿڪاوٽ آهي ۽ بس-"

"ڏسجهه، مون موٽ جي ڊيوڪ جي زال واري دعوت ۾ ته تو سڀني کي موهت ڪري ڇڏيو، هوءَ پاڻ ته توتي اصل چڪن ٿي پئي آهي باقي سندس مڙس- انهيءَ کي ڏسي ته آءٌ اهڙو بيزار ٿيندو آهيان جهڙو بيزار هو پنهنجي زال کي ڪندو هوندو، ڊورين، مون موٽ جي زال ڏاڍي هوشيار آهي. ضرورت کان وڌيڪ تيز سون جي بت کي مٽيءَ جي پيرن تي رکيو آهي تڏهين ملهائتو ٿيندو آهي، هن جا پير به سهڻا ته ڏاڍا آهن پر مٽيءَ جا نه آهن چينيءَ جا ڪٺي سمجهه، اهي ڪنهن باه مان لنگهيا آهن پر توکي خبر آهي ته باه جنهن شئي کي ناس نه ڪري سگهندي آهي تنهنکي پچائي پڪو ڪري ڇڏيندي آهي، هن جا پير به ڏاڍا پڪا پختا آهن،

ڏاڍا تجربا ٿي رکي-"
"شادي ڪئي ڪيترو وقت ٿيو اٿس-؟" ٻورين پڇيو.
"سڄي عمر ٿي پرنٽيل رهي آهي، ڏه سال شاديءَ جا سڄي عمر ٿي ٿيو ڇا- خير، پر تون ڇو يارهين ڪان اڳ اٿي وئين-؟ سڌو گهر وئين يا ڪنهن ٻي پاسي-؟"
ٻورين گهور ڪري هيئري ڏانهن نهاريو. سوال ٿي اهڙو هو. ڪجهه وقت منهن ۾ گهنڊ وجهي هن ڪي ڏسندو رهيو، پوءِ جواب ڏنائين:
"نه- سڌو گهر نه ويس، گهر ته آءٌ ٿي وڃي ڏاري مس پهتس-"
"ته ڇا ڪلب ۾ ويو هئين-؟"
"ها-" هو چپ چپاڙڻ لڳو- "نه- آءٌ، بس هتي هنتي رلندو رهيس، بس مون جيڪي ڪجهه ڪيو سو وساري ڇڏيم.... هيئري تون به ڪيڏو نه پيچ پڇيو آهين، پاڻئين ته هر ڪنهنجي ڪمن جي پوري خبر رکين، خير تون صحيح وقت تو ڄاڻڻ چاهين ته ٻڌ، آءٌ پوري اڍائي ٻجي گهر پهتو هوس، ٻاهرين چابي گهر وساري ويو هوس تنهنڪري در کولائڻ لاءِ نوڪر کي سڏ ڪرڻو پيو.... پلا جي اعتبار نٿو ڪرين.... ته ڪي شاهدي کپي ته تون پلي هن کان پڇي ڏس ته...."
"اوهو يار، منهنجو ان ۾ ڇا ته تون ڪهڙي وقت گهر پهتين-! پر ٻورين، توسان ڪو معاملو ٿيو ضرور آهي، مون کي پڌاءِ ته ڇاڳالهه آهي، اڄ ڪجهه منجهيل آهين-"

”جي تکي هلئين ۽ جلد پهچايئہ تہ اچا بہ پاڙو وڌائي ڏيندوسانءِ _“

”سائين بس هڪ ڪلاڪ جي اندر تو اوهان کي اتي پهچايان _“

ڪوچوان گاڏي کي هلندو ڪري سڌو نديءَ ڏانهن رخ رکيو.

[١٦]

اتي برسات پوڻ لڳي — سياري جي ٿڌي وسڪار — ۽ گهٽين جون جهڪيون پرندڙ بتيون وسڪار جي لڙات ۾ پوتن جهڙو ڏيکاءُ ڏيڻ لڳيون. گهرن جا دروازا بند ٿيڻ لڳا هئا، ڪٿي ڪٿي مردن ۽ عورتن جا ننڍا ننڍا ٽولا جهنڊ ٺاهيو پنهنجن گهرن ڏانهن ڊوڙندا نظر آيا، ڪن شرابخانن مان بيهودن ٽهڪن جو آواز ٿي آيو تہ ڪن مان شرابين جو گوڙ گهوڙ ۽ ڌمچر ٿي پڌڻ ۾ آيو.

ڊورين، گاڏيءَ جي ڪوچ تي پٺيءَ پر ٽيڪ ڏيو هن هيڏي ساري شهر جي انهيءَ شرمناڪ ماحول کي ڏاڍي بي نيازي سان ڏسندو پئي ويو، سندس ٽوپلو سندس پيشاني تي گهٽو نميل هو، هن رکي رکي دل ئي دل ۾ هينري جا هي لفظ پئي ورجايا _ ”نفس جي ذريعي روح جو علاج ۽ روح جي ذريعي نفس جو علاج....!“ ها برابر، اها ڏاڍي گُر واري صلاح هئي، هن انهيءَ صلاح تي عمل ڪيو بہ هو ۽ هاڻي بہ نهيءَ ئي صلاح تي عمل ڪرڻ لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”چريو ته نه ٿيو آهين، سون آخر تنهنجو ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي؟؟“

”تو منهنجي ڀيڻ سبل وين جي زندگي تباهه ڪئي آهي، هن جي موت جو تون جوابدار آهين ۽ مون قسم کنيو هو ته هنجو بدلو وٺندس، آءٌ سالن کان تنهنجي ڳولا ۾ هوس، خدا کي ياد ڪرڻو هجنئي ته ڪري وٺ ڇو ته تنهنجي زندگي جي آخري رات آهي.“

ٻورين جو خوف ڪان ساهه ئي سڪي ويو، هو چرچ وڦلڻ لڳو:

”تون ڀليو آهين.... آءٌ ته سبل کي سڃاڻان به ڪونه، مغز ته جاءِ اٿئي.“

”بهتر آهي ته پنهنجي ڏوهه جو اقرار ڪر، اج آءٌ توکي ضرور قتل ڪندس.“

ٻورين کي سجهي نه پيو ته ڇا ڳالهائي ڇا ڪري. نهايت ڀيانڪ صورتحال هئي، اجنبيءَ وري گير ڪئي:

”آءٌ توکي فقط هڪ منٽ جي مهلت ڏيان ٿو دعا لاءِ، وڌيڪ نه، اج رات ئي مونکي هندوستان ويندڙ جهاز سان وڃڻو آهي. تنهنکان اڳ آءٌ پنهنجو فرض پورو ڪرڻ ٿو چاهيان.“

ٻورين جون ٻانهون ڏرڪي پيون خوف کان بت ئي اهڙو نستو ٿي ويو هوس. اتي اوچتو هن جي ذهن ۾ هڪ خيال آيو ۽ هڪ اميد پيدا ٿي، هن چٿ رڙ ڪري پڇيو:

”ترس جوان.“ اهو ته ٻڌاءِ ته تنهنجي ڀيڻ کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٺيان لڪي اهو سچو لقاءُ ڏسي رهي هئي، ٻيهر پيهر ۾ ڏٺي اچي جيمس جي پٺيان بيٺي ۽ هنجي ڪلهي تي هٿ رکي پڇيائين:

”چو هنکي قتل نہ ڪيئہ-؟ ٻنهہ ڪو پوڪ آهين، هو وڏو پئسي وارو ماڻهو هو ۽ نهايت بدڪار بہ....“

”هي ماڻهو مونکي گهربل نہ هو، ۽ مونکي ڪنهنجي دولت نہ وٺڻي آهي زندگي وٺڻي آهي، هي تہ ڪو ننڍي چمار جو ڪيڙو هو، جنهنکي آءٌ پيو ڳوليان سو تہ گهٽ ۾ گهٽ چاليهن سالن جو ماڻهو هوندو، خدا جو شڪر آهي هن ڇوڪري جو خون منهنجن هٿن تي نہ پيو-“

”ڇوڪرو-؟“ وڻشا زانيات جيڏو ٺهڪ ڏنو- ”ارڙهن سالن کان تہ هي مونوٽ ڏي ايندو رهيو آهي-! البت رنگ روپ نہ وڃايو اٿس جيئن مون وڃايو آهي...“

”قسم سان تي چوين تہ هي اهوئي شخص هو-؟“

”بالڪل قسم سان ٿي چوان-“ اهو ٻڌي جيمس هڪدم تيزي سان ان طرف ڊوڙيو جنهن طرف دوربين نڪري ويو هو پر دوربين هنکي هٿ نہ اچي سگهيو. هو موٽي ساڳي جاءِ تي آيو تہ اها عورت بہ غائب هئي-

[ ١٧ ]

انهيءَ واقعي کان هڪ هفتو پوءِ دوربين مسان ماڻوٽ جي ڊيوڪ جي خوبصورت زال نواب بيگم جـي پنهنجي سيلبي واري بنگلي ۾ دعوت ڪئي جيڪو شهر کان ٻاهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تہ ڇا پنهنجي تخت جو بچاءُ ڪريان۔؟“

”ها__“

”پر آءٌ بي مطلب ڳالهيون تہ نہ ڪندو آهيان جواوهين مونکي گفتار ُجو بادشاہ سڏيندا، آءٌ تہ مستقبل جون حقيقتون پڌائيندو آهيان__“

”۽ آءٌ حال جي خطائن ڪي وزن ڏيندي آهيان۔“ سهڻا چپ وري چُريا۔

”تون تہ مونکان منهنجا هٿيار پڻ ڦرين__“

آءٌ توکان تنهنجي ڍال تـي ڪسيان هيئري، نيزو تي ڪسيان__“

”آءٌ تہ حسن جو حمايتي آهيان۔“

”تون حسن جو ڪجهہ گهٽوڻي حمايتي ٿي پيو آهين۔“

”آءٌ تہ فقط ايتري حد تائين قائل آهيان تہ سهڻو هئڻ سلڇڻو هئڻ کان وڌيڪ بهتر آهـي ۽ سلڇڻو هئڻ بدصورت هئڻ کان وڌيڪ بهتر آهي، بس۔“

”تڏهين بدصورتي ستن وڏن گناهن مان هڪ گناہ آهي۔؟“

”بدصورتي ستن وڏين نيڪين مان هڪ نيڪي آهي محترمہ، شراب، انجيل ۽ انهن ستن وڏين نيڪين تہ انگلستان کي ههڙو بنايو آهي جهڙو ٿيو آهي۔“

”تڏهين توکي پنهنجي وطن سان نفرت آهي۔“

”آءٌ پنهنجي وطن ۾ ئي تہ رهان پيو__“

”تہ جيئن ان تي بهتر طريقي سان تهمتون مڙهي سگهين۔“

”سڄو يورپ ئو تهمتون هڻي۔“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اسانجي قوم وڏا ڪارناما به ڪيا آهن.“
”اهي ڪارناما اسانتي مڙهيا ويا آهن.“
”قوم ترقي به ڪئي آهي.“
”قوم جو تنزل مونکي وڌيڪ موهيندو آهي.“
”فن بابت ڇا راءِ اٿئي هينري.“
”فن هڪ مرض آهي.“
”۽ محبت؟“
”هڪ سراپ.“
”مذهب؟.“
”عقيدي جو جديد عيوضي.“
”تون ته دهريو آهين.“
”هرگز نه، دهريت ته ايمان جي ابتدا آهي.“
”تون آخر ڇا آهين.“
”پنهنجي حقيقت سمجهائڻ معنيٰ پاڻ کي پابند ڪري ڇڏڻ.“
”پر ڪو اشارو ته ڏي.“
”منجهيل سٽ. مهاڇار ۾ رستو نه وڃائي ويهين.“
خوبصورت نواب بيگم هينري جي گفتگو مان خوف محسوس ڪرڻ لڳي، هن موضوع بدلائڻ جي صلاح ڏني ته هينري ڊورين کي ڪٿي گفتگو جو موضوع بنايو.
”جيڪو ماڻهو هر دلعزيز ٿيندو آهي تنهن جا دشمن به هيڪاندا هوندا آهن.“ هينري چيو.
”اوهين مرد اکين وسيلي عشق ڪندا آهيو ۽ اسين

اچا سلامت آهن۔“

”انهن سان تون اڳ ۾ ڪانسواءِ ٻيو سڀ ڪم وٺي سگهين ٿي۔“

اوچتو باغ وٽان ڪنهن جي رڙ ٻڌڻ ۾ آئي ۽ ان سان گڏ ئي ڪنهن جي فرش تي ڪرڻ جو آواز ٿيو. سڀئي مهمان خوف کان اٿي کڙا ٿيا ۽ نواب بيگم ته ٻي سرت ٿي بيٺي رهي. هينري جي اکين ۾ به خوف جهلڪا ڏيڻ لڳو انهيءَ ئي حالت ۾ هو ڊوڙندو باغ ڏانهن ويو ۽ کجين جي وڻن جون جهالرون هٽائي ڏٺائين ته گنديري جي پڪي فرش تي ڊورين ڳري منهن ڀر ڪريو پيو هو بالڪل بيهوش هو. هنکي هڪدم کڻي ڊرائنگ روم ۾ آڻي هڪ صوفي تي ليٽايو ويو. ٿوري دير ۾ هنکي هوش اچي ويو ۽ هو وائڙن وانگر سخت خوف جي حالت ۾ چوطرف نهارڻ لڳو:

”ڇا ٿيو آهي؟“ هن سوال ڪيو۔ ”ها ياد آيو، هينري، هتي ته آءٌ محفوظ آهيان نه؟“ ائين چوندي هو ڪنبڻ لڳو هو۔

”ڊورين، پيارا توں فقط بيهوش ٿي ويو هئين ٻيو ڪجهه نه ٿيو آهي، شايد گهڻو ٿڪجي پيو آهين، بهتر آهي توں ڊنر تي نه ويهجان، تنهنجي بدران آءٌ تنهنجي مهمانن جي آجيان ڪندس۔“

”نه، آءٌ ڊنر تي به موجود هوندس۔“ هو صوفي تان اٿي ويهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو۔ ”مونکي هوئڻ به اڪيلو نه رهڻ کپي۔“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو ٻڌر جو لباس پائي اچي ماڻيءَ واري ميز تي ويٺو، ظاهر ۾ هن جو انداز بي نيازي ۽ بي پرواهيءَ وارو هو، هو سيني سان ڪلمندو رهيو پر ـ ٿوري دير اڳ ڪنڌري ۾ جيڪي ڪجهه ڏٺو هئائين سو نظارو رکي رکي هنجي اکين اڳيان ڦري ٿي ويو ۽ هو خوف کان ڪنبڻ ٿي لڳو. ڪنڌري جي دريءَ جي ٻاهران هن جيمس وين کي بيٺو پاڻ ڏانهن گهوريندو ڏٺو هو!

## [ ۱۸ ]

ٻي ڏينهن هـو گهر کان ٻاهر نہ نڪتو ۽ گهڻو وقت پنهنجي ڪمري ۾ ئي گذاريائين. هن تـي موت جو خوف طاري هـو پر، ائين بہ نہ هو تہ زندگي ۽ زنده رهڻ سان بہ اوتروئي چاهہ هجيس، هو هاڻي خود زندگيءَ سان بہ بي رخي ڪرڻ لڳو هو. هاڻي هنکي هر وقت اهو احساس جهوريندو ٿي رهيو تـہ ڪو سندس خون جـو پياسو سندس پويان پيل آهي، سندس پيڇو ڪيو وڃي ٿو ڪيس اڪ ۾ رکيو وڃي ٿو. هاڻي تہ دريءَ تي پردو بہ هوا ۾ لڏڻ لڳندو هو تہ هوهراسجي ويندو هو، وڻن ۽ ولين جـا سڪل پـن سندس ڪمري جي دريءَ جي شيشن سان اچي ٽڪرڻ لـڳنـدا هئا تہ هن کي لڳندو هو سندس اجايا ايرادا ۽ انڌا پڇتاءَ آهن جي چڙو چڙ ٿي ٽڙي پکڙي رهيا آهن. هو اکيون پوريندو هو تہ بہ جيمس وين جي چهري کي دريءَ مان گهوريندو ڏسندو هو ۽ ڏپ کان ويا ڪل ٿي ويندو هو.

”عورت ذات به عجيب ذات آهي، خطري وارا ڪم ڪرڻ جي هميشه ڏي شوقين، تيسيتائين هر ڪنهن سان ناز نخرا ڪنديون جيسين ڪو ڏسڻ وارو ڏسندو هجي.“

”۽ تون وري خطري واريون ڳالهيون ناهڻ جو هميشه ڏي شوقين، هينري، نواب بيگم سان مونکي بيشڪ گهڻو چاهه آهي پر عشق ڪونهي.“

”۽ نواب بيگم کي وري ته وسان چاهه گهٽ ۽ عشق گهڻو آهي، حساب مڙئي برابر آهي.“

”تون ڪنهن اسڪينڊل جهڙي ڳالهه پيو ڪرين جڏهن ته هتي ڪنهن اسڪينڊل جو بنياد ڏي ناهي.“

”اسڪينڊل جو بنياد آهي يقيني بداخلاقي ۽ بس.“ هينري سگريٽ دکائيندي چيو.

”تون ته پنهنجي هڪ ٽوڪي لاءِ ڪنهن جو سر وڍندي دير نه ڪرين.“

”ماڻهو پاڻ ڏي پيا پنهنجا سر قربان ڪندا آهن آءٌ ڇا ڪريان.“

”هينري! سچ ته منهنجي به دل چوي ٿي ڪنهن سان محبت ڪريان، ڏاڍي محبت ڪريان.“ ڊورين ڏاڍي دک ۽ ارمان سان چيو. ”پر ڇا ڪريان، مونکي الائي ڇا ٿي ويو آهي، جذبات ۽ خواهشن ڪان ته ڇڻ بنهه عاري ٿي ويو آهيان، رڳو پنهنجي ذات ۾ غرق ٿي ويو آهيان، منهنجي پنهنجي شخصيت مونتي بار بنجي وئي آهي، پاڻيان ڪنهن طرف منهن ڪري هليو وڃان ۽ سيڪجهه وسارڻ جا جتن ڪريان،

ناحق هتي آيس، پانيان ته هاروي کي تار ڪريان ته، آگ بوٽ تيار رکي ۽ آءٌ اتي هليو وڃان، آگ بوٽ تي ماڻهو محفوظ هوندو آهي نه-؟-"

"ڇا ڪان محفوظ ٿيڻ ٿو چاهين يار، مونکي پڻ ائين ته سهي توسان ڪهڙو معاملو آهي، توکي مونمان سهائتا جي ته اميد هوندي-"

"آءٌ توکي ڪجهه نٿو ٻڌائي سگهان، بس انهيءَ حادثي مونکي پريشان ڪري ڇڏيو آهي، مونکي لڳي ٿو ڇڻ مونسان ڪجهه ٿيڻ وارو آهي-"

"ڪهڙيون ناداني جون ڳالهيون ٿو ڪرين-"

"خدا ڪري اها محض منهنجي ناداني ٿي هجي، پر آءٌ اهڙي احساس کان پاڻ بچائڻ کان بيہ لاچار آهيان-"

هو ڳالهيون ڪندا بنگلي کي ويجها اچي رسيا.

اتي نواب بيگم به اچي پهتي.

"آءٌ جتان ڪتان اوهانجو پڇائيندي وتان مسٽرگري، جيوفري ڏاڍو پريشان آهي-"

"ڳالهه ئي اهڙي ٿي آهي-" هينري وچ ۾ ڳالهايو-

"۽ سچ پچ جيڪڏهن هن هاسيڪار اهو قتل ڪيو آهي ته ڪهڙو نه دلچسپ ماڻهو ڇٽبو، مونکي ڪنهن سچي پچي قاتل سان ملي ڏاڍي خوشي ٿيندي-"

"هينري تون به سوچي سمجهي ته ڳالهائيندو ڪر-"

نواب بيگم رڙ ڪئي-

"ڏس ته سهي ڏورين جي طبيعت بگڙڻ لڳي آهي-"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻورين بيهوش ٿيندي ٿيندي پاڻ سنڀاليو ۽ مرڪڻ لڳو.
ڪا ڳالهه ناهي، بس ڪجهه نستائي آهي، شايد اڄ پنڌ
گهڻو ڪيو اٿم ان ڪري، ۽ مون ته هينري جي ڳالهه ٿي
نه ٻڌي، ڇا ڪا اڻوڻندڙ ڳالهه چيئه هينري-؟ خير ڪنهن
ٻي وقت ٻڌائجان، هنوقت اجازت ڏيو ته آءٌ وڃي ڪجهه
آرام ڪريان اميد ته برو نه پائنيندا-"
هو ٻورين کي مٿي سندس ڪمري ۾ پهچائي آيا. هينري
نواب بيگم کي اڪيلو ڏسي چيو:
"توکي سچ پچ ٻورين سان عشق آهي-؟-"
"ڪاش-! مونکي اهاا چاڻ ه جي ها!" نواب بيگم
ڪجهه ترسي پوءِ جواب ڏنو.
"چاڻ نهايت هاڃيڪار ثابت ٿي سگهي ٿي، شڪ ۾
ڏاڍو لطف آهي، ڏس ته ڪوهيڙي ۾ شيون ڪهڙيون نه
وڻندڙ ٿي پونديون آهي-"
"ڪوهيڙي ۾ ته ماڻهو رستو ڀلجي سگهن ٿا-"
"سيني رستن جو ماڳ هڪڙو ئي هوندو آهي-"
"۽ انهيءَ ماڳ تي ڇا هوندو آهي-؟"
"اتي سپنا نه هوندا آهن سراپ نه هوندا آهن، سڀڪجهه
ظاهر هوندو آهي-"
مٿي پنهنجي ڪمري ۾ ٻورين هڪ صوفي تي ليٽيو
پيو هو، هن جي رڳ رڳ ۾ خوف ۽ دهشت جو احساس
گهر ڪري ويو هو، زندگي هنکي هڪ نهايت وحشتناڪ
بوجهه محسوس ٿيڻ لڳي هئي، بدنصيبت هرڪاري جي موت هنکي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڇا-؟ اوهين هنکي نہ سڃاڻو-؟ نہ ڇا هو اوهانجو ماڻهو
نہ هو-؟"

"نہ سائين، اسان تہ هنکي ڪڏهين ڏٺو بہ نہ هو، ڪو
خلاصي ٿو پانئجي سائين-"

قلم ٻورين جي هٿ مان ڇڏائجي ويو، هنجي دل
ٻهڻ لڳي-!

"خلاصي-؟، ڇا چيئہ هو ڪو خلاصي هو-؟"

"سائين هن جا پار پٽا تہ خلاصين جهڙا هئا، پنهي پاڌهن
تي ترو ڪڙي لڳل هئي-"

"هن جي ناڻي جي خبر پئي-؟"

"نہ سائين، منهن مهانڊو تہ ڇگو هوس پر حالت ڇگي
نہ هئس سائين، هو تہ ڪو خلاصي-"

ٻورين ٽپ ڏئي اٿي ڪڙو ٿيو، اندر ۾ زبردست اميد
جي ڪا لاٽ پرندي محسوس ڪيائين-!

"هن جو لاش ڪٿي آهي-؟ هل هلي مونکي ڏيکار،
هينئر جو هينئر-"

ٿوري ئي دير ۾ ٻورين پنهنجو گهوڙو پاڻ تيار ڪري
انکي فارم ڏانهن ڊوڙائيندو پي ويو. انهيءَ فوتيءَ جو لاش فارم
جي هڪ خالي ڪوٺيءَ ۾ رکيو ويو هو. اتي پهچي هو
انهيءَ ڪوٺيءَ ڏانهن تيزيءَ سان وڌندي ڪن پل لاءِ هڪي
ٻڪي رهيو—

— هو هڪ اهڙي شئي ڏسڻ وارو هو جنهن مان هنکي
ا خاطري ملڻي هئي يا وڏيڪ پريشاني پلئہ پوڻي هئي-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاطري، جنهنجي نتيجي ۾ سندس زندگي تباهي کان بچي سگهي ٿي ۽، وڏيڪ پريشاني، جنهنجي نتيجي ۾ سندس زندگي وڌيڪ برباد ٿي سگهي ٿي.

هو دروازو کولي اندر داخل ٿيو، فوٽيءَ جو لاش ڪونيءَ جي هڪ ڪنڊ ۾ ڪوٺين جي هڪ سٽي تي رکيو هو، هنجو منهن هڪ چٽڪمڙي رومال سان ڍڪيل هو، پر ۾ هڪ بوتل ۾ ڪپاڻي رکيل ميڻ بتيون ٻرندڙ هيون. ٻورين رومال هٽائي هن جو منهن ڏسڻ لاءِ هٿ وڌايو پر خوف ۽ بي همتيءَ سبب رومال کي ڇهي به نه سگهيو، نيٺ، هن هڪ ڪڙميءَ کي سڏ ڪري رومال هٽائڻ جو حڪم ڏنو، ڪڙميءَ حڪم جي تعميل ڪئي، ٻورين اکيون وڏي لاش جو چهرو ڏٺو ۽- خوشيءَ کان هنجو منهن ٻهڪڻ لڳو. اهو لاش سبل وين جي پياءُ جيمس وين جو هو-!

۽ جڏهين هو واپس موٽي رهيو هو ته هنجي اکين ۾ ڳوڙها هئا- انهيءَ احساس جي شدت کان، ته هاڻي هو محفوظ آهي.

## [ ١٩ ]

”هاڻي مونکي اهو چئو پيو ٻڌائين ته تون نيڪ بڻجڻ جي تيارين ۾ آهين.-“ لارڊ هينري پنهنجون خوبصورت آڱريون گلاب جي پاڻيءَ سان ڀريل هڪ پيالي ۾ وجهندي تکي آواز ۾ چيو- ”بس تون هوندي ڏي هر لحاظ کان نيڪ آهين، مهرباني ڪري پاڻکي بدلائڻ جي ڪوشش نه ڪر-“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”نہ هينري نہ—“ بورين ڪند ڏوٽيندي چيو— ”مون زندگيءَ ۾ گهڻائي ڪڏا ڪم ڪيا آهن، بس هاڻي وڌيڪ ڪو برو ڪم نہ ڪندس، مون ڪلهہ کان ئي نيڪ ڪمن جي شروعات ڪري ڇڏي آهي—“

”ها— ڪلهہ تون هئين ڪٿي—؟“ هينري پڇيو.

”ڪلهہ آءٌ هڪ ڳوٺ ۾ وڃي هڪ ننڍڙي سراءِ ۾ ترسيو هوس—“

”جاني—! ڳوٺ ۾ رهي تہ هرڪو ماڻهو نيڪ بڻجي سگهي ٿو، اتي جذبات کي اڀارڻ واري ڪا شئي ئي ناهي، ڳوٺاڻا ماڻهو انهيءَ ڪري تہ اڻ سڌريل هوندا آهن. مهذب هئڻ ڪا سولي ڳالهہ ناهي، انهيءَ منزل تي پهچڻ جا ٻہ فقط ٻہ ئي رستا آهن—— هڪڙو رستو آهي سڌاري جو ۽ ٻيو آهي بگاڙ جو. ڳوٺاڻن ويچارن کي نہ ئي رستو ٿو ملي نہ هو، نہ هيڏانهن جا نہ هوڏانهن جا، تنهنڪري سدائين تڏائي ۽ ماٺار ۾—“

”سڌارو ۽ بگاڙ ٻئي هڪ هنڌ ٻہ رهي سگهن ٿا—؟ انهيءَ خيال کان ٻہ مونکي ٻڌو ٿو ٿئي، هينري آءٌ سچ پچ پاڻکي بدلائي رهيو آهيان—“

”پر تو مونکي اهو نہ ٻڌايو ئي ڪونہ تہ ڪهڙي نيڪ ڪم سان شروعات ڪئي اٿئي—“

”ٻڌ، آءٌ توکي ٻڌايان ٿو اها ڪهاڻي ٻـي ڪنهنکي ٻڌائڻ جهڙي ٻہ ناهي، ٻڌ، مون هڪ ڇوڪريءَ کي گناهہ تي راضي ڪيو ۽ پوءِ گناهہ ٿيڻ کان اڳ ئي هنکي ڇڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”۽ پنهنجي محبوب جي بيوفائي تي روئندي رهندي۔“ هينري ڪلندي چيو۔

”ٻورين پارتون اڪيلو ٻارن جهڙا ڪم ٿو ڪرين، سوچ ته سهي هاڻي جا هن غريب جي شادي سندس ئي حيثيت جي ڪنهن ڪهري ڪرڏي ڪڙميءَ سان ٿي ويندي ته ڇا هوءَ پنهنجي مڙس سان محبت ڪري سگهندي ۽ خوش رهندي؟ جڏهين ته هوءَ تو جهڙي نفيس ۽ باحيثيت شخص جو پيار ۽ آرڏسي چڪي آهي، ظاهر آهي هنجي حياتي برباد ٿي ويندي، بهرحال تنهنجي شروعات ئي خاطر خواه نه ٿي۔“

”هينري! تنهنجيون ڳالهيون منهنجي برداشت کان ٻاهر آهن، تون هميشه هر ڳالهه تان ٺٺول ڪندو آهين ۽ پوءِ نهايت پياڪ صلاحون ڏيندو آهين، مون ناحق توسان ڳالهه ڪئي، خير مون جيڪي ڪيو نيڪ ڪيو، تون پنهنجون نصيحتون پاڻوٽ رک، هاڻي ڪا خبرچارڪر۔“

”ٻي خبر هيءَ آهي ته ماڻهو باسل هالورڊ جي گمرتيڻ جي اجا به چوپڇو پيا ڪن۔“

”هون!“ ٻورين منهن ۾ گهنڊ وجهندي ۽ بوتل مان شراب اوتيندي چيو۔ ”مون ته سمجهو هو ماڻهو هنکي وساري چڪا هوندا۔“

”انهيءَ موضوع تي ماڻهو فقط ڏيڍ مهيني کان ته ڳالهائڻ لڳا آهن، انگلستان جا ماڻهو ڪو موضوع ڪٿن ته ٽن مهينن کان اڳ انجي پڇر ئي چو ڇڏين، خير اسڪات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙين جاين تي وچڻ وارو ٿي ڪونه هو جتي خونريزي ٿيندي آهي-“

”۽- هينري- جي آءٌ چوان ته مون باسل کي خون ڪيو آهي، ته....؟“ اهي اکر چئي ٻورين پنهنجون نگاهون هينري جي چهري تي کپائي ڇڏيون.

”ته آءٌ سمجهندس ته تون پاڻکي هڪ اهڙي ڪردار لاءِ پيش ڪري رهيو آهين جنهن لاءِ تون بالڪل موزون نه آهين. هر قسم جو ڏوهه ڪمينپائي آهي جهڙي طرح هر قسم جي ڪمينپائي ڏوهه آهي. ۽ تو ۾ قتل جهڙو ڏوهه ڪرڻ جيتري ڪمينپائي آهي ئي ڪانه. معاف ڪجان جو آءٌ تنهنجي سگهڻي هڻ تي چوٽ ڪري رهيو آهيان، پر ايترو ضرور چوندس ته تو ۾ ڏوهه ڪرڻ وارو ظرف ئي ڪونهي، ڏوهه ته گهٽ درجي جا ماڻهو ڪندا آهن جو هو ڏوهه کي ايتري ئي اهميت ڏيندا آهن جيتري اسين فن کي ڏيندا آهيون— انکي جوش ۽ حيرت پيدا ڪرڻ جو هڪ ذريعو سمجهي-“

”تنهن جي معنيٰ ته اهڙي سنسني- يعني جوش ۽ حيرت-پيدا ڪرڻ لاءِ ماڻهو ساڳيو ڪم وري وري به ڪري سگهي ٿو-؟ هڪ ڀيرو قتل ڪرڻ وارو ماڻهو ٻيو ڀيرو به قتل ڪري سگهي ٿو-؟ ائين ته نه آهي نه-؟“

”لطف آهي ئي ان ڪم ۾ جو بار بار ڪيو رهجي-“ هينري وڏو ٽهڪ ڏيندي چيو- ”اهو ته زندگي جي بيحد اهم اسرارن مان هڪڙو اسرار آهي، بهرحال منهنجو خيال

اهو عجيب شعر دل تي تري ايندو هو:

-”هڪ بي روح چهرو- ڇڻ غم جي تصوير....!“

”ها، اهو شعرڪجهه ان ريت هو، شيڪسپيئر جي ڊرامي هئمليٽ جو....“

هينري ٿهڪ ڏيندي هڪ آرام ڪرسيءَ تي ويهي رهيو:

”جي ڪو ماڻهو زندگيءَ ڪي فنڪاراڻي ڏانءَ سان ورتائي ٿو ته هن جو دماغ هنجي دل ٻنجو وڃي....“

ڊورين ڇپن ڏي ڇپن ۾ اهو شعر ورجائيندو ۽ ڳنڍوڳنڍ پيانو تي آڱريون هلائيندو رهيو. هينري هنکي اڌ کليل اکين سان ڇتائي ڏسندو رهيو، پوءِ هڪدم سوال ڪيائين:

”ڊورين، هي ته ٻڌاءِ ته، جي ڪو ماڻهو پنهنجو روح قيمت طور ڏئي سڄي دنيا خريد ڪري وٺي ته هنکي ڪيترو نفعو ٿيندو؟“

پيانو جا سر بگڙي ويا، ڊورين هينري ڏانهن گهور ڪري نهاريو:

”تون مونکان ڇو ٿو پڇين-؟-“

”بس فقط ان خيال کان پڇيم جو سمجهان ٿو ته تو وٽ ان سوال جو جواب هوندو، اهو سوال مون رستي ويندي هڪ بازاري واعظ جي واتان ٻڌو هو، پهرين ارادو ڪيم ته هنکي آءٌ ڏي ٻڌايان ته، ميان فن ۾ روح هوندو آهي مگر ماڻهوءَ ۾ نه هوندو آهي، پر سوچيم هو الائي سمجهي نه سمجهي-“

”ائين نه چئو هينري، روح هڪ زبردست حقيقت آهي،

تي ڪو بحث مباحثو نہ ڪندا سين. تون سپاڻي مونوت اڄ تہ پارهين بجي گڏجي گهوڙيسواري ڪنداسين، ياد ڪري اچجانءِ_"

"سچ پچ اچان چا_؟_"

"پڪ سان اچجانءِ_"

"چڱو، آءٌ وقت سر پهچي ويندس_"

ائين چئي ڊورين دروازي ڏانهن وڌيو، ڪن پل لاءِ هڪ ڪي بيهي رهيو ڄڻ اچا ڪجهہ چوڻو اٿس_ پر پوءِ هڪ ٿڌو ساهہ کڻي ڪجهہ چوڻ بنان ئي ٻاهر نڪري ويو.

## [ ٢٠ ]

رات خوشگوار هئي، ڪجهہ ايتري گرم جو هن پنهنجو اوور ڪوٽ لاهي ٻانهن تي ڪيو ۽ پنهنجو ريشمي مفلر بہ گلي ۾ نہ وڌائين. سگريٽ ڇڪيندو هو پنهنجي گهر ڏانهن وڌي رهيو هو جو رستي ۾ ٻہ نوجوان هنجي پر مان لنگهي ويا، ٻنهي مان هڪڙي پنهنجي ساٿيءَ کي چيو:_ "هي مسٽر ڊورين گري اٿئي_"

۽ ڊورين سوچڻ لڳو_ "هي چا آهي جو اڳي ڪنهن جي واتان پنهنجو نالو ٻڌندو هوس ڪنهن کي پاڻ ڏانهن گهوريندو ڏسندو هوس، ڪو مونڏانهن اشارو ڪري ڳالهائيندو هو تہ ڪيڏو نہ سرهو ٿيندو هوس_! ۽ هاڻي_؟ پنهنجي نالي کان ئي بيزار ٿي پيو آهيان_! ڳوٺ ۾ رهيس تہ بہ اهڙو

پرايم، نہ پارائي وچي ها مونکي جوانيءَ جي اها وردي جنهن مونکي ڪاري بگاڙي ڇڏيو!

–پر مونکي ماضيءَ بابت نہ سوچڻ گهرجي، فقط پنهنجي ذات ۽ پنهنجي آئندي جو فڪر رکڻ کپي، جيمس وين هڪ بي نام قبر ۾ هليو ويو، الان ڪيمپبيل منهنجو راز ظاهر ڪرڻ کان اڳ خودڪشي ڪري ڇڏي، باسل هالورڊ جي گمشدگيءَ جي ڇوپڇو بہ پوين پساهن ۾ آهي، آءٌ هر لحاظ کان محفوظ آهيان– ۽ هي جو منهنجي دل تي بي انداز بوجهہ آهي سو باسل جي موت جو نتيجو ناهي، هي تہ منهنجو پنهنجو روح آهي جو مونکي ٻيو ڇپي ۽ ڇيچلائي! باسل جو موت نہ پر منهنجي جيئري روح جو موت ٻيو مونکي جهوري–! باسل منهنجي اهڙي تصوير ناهي جنهن منهنجي جيون کي داغ داغ ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ مونسان اهڙيون ڳالهيون ڪيائين جي سهڻ جهڙيون نہ هيون، مونکي جنون سوار ٿيو ۽ مون هنکي ماري ڇڏيو–!

– مونکي هڪ نئون جيون گهرجي–. ۽ مون انهيءَ قدم وڌايو آهي، مون هڪ معصوم ڇوڪريءَ کي پنهنجي اثر کان آجو ڪيو جو کيس داغدار ڪري سگهيو ٿي، اڳتي ڪنهنجي بہ معصوميت سان ڪابہ کيڏ نہ کيڏيندس، آءٌ نيڪ ٿيندس–! تڏهين– تصوير ۾ بہ ضرور ڪو ڦيرو آيو هوندو–؟ هي جو پنهنجو اندر اجارڻ جو سعيو ڪيو اٿم تہ ضرور تصوير جو چهرو بہ اجريو هوندو–! ڏسان تہ سهي شايد ان چهري تان بدڪاريءَ جا گدلا داغ لهي ويا هجن–!"

جي ڇت واري ڪمري جي دريءَ مان روشني نظر آئي ٿي باقي سڄي بنگلي جون بتيون بند هيون. گهنٽيءَ جو ڪو جواب نه پي مليو. ٿوري دير ترسي سپاهيءَ ٻاهرين ڏيڏي تي چڙهي اندر نهاريو. ٻن معززن مان هڪڙي سوال ڪيو:

”ڪانسٽيبل! هي ڪنهن جو گهر آهي؟“

”مسٽر ڊورين گري جو سائين“ جواب مليو.

هنن ٻنهي هڪ ٻي ڏانهن نهاريو، طنز واري مرڪ ٻنهي جي چپن تي پکڙي ۽ پوءِ حقارت سان کلندا هڪ طرف رستو وٺي هليا ويا. اندر نوڪرن واري حصي ۾ نوڪر پاڻ ۾ سس پس ڪندا رهيا، پوڙهي مسز ليف هٿ مهٽيندي روئندي رهي ۽ فرانسس ته خوف کان سڄو پيلو پئجي ويو هو.

اٽڪل پندرهن منٽن کانپوءِ فرانسس هڪ ڪوچوان ۽ هڪ پيادي کي وٺي آيو. هو ٽئي چڙهيا، ڪمري جو دروازو کڙڪايائون پر ڪو جواب نه مليو. هنن وڏي واڪي سڏ ڪيا پر هر شئي خاموش هئي. نيٺ لاچار ٿي هو ڇت تي چڙهيا ۽ اتان بالڪني ۾ اچي دريون کولي ڪمري ۾ گهڙي آيا.

ڪمري ۾ سندن مالڪ جي بيحد خوبصورت ۽ من موهيندڙ تصوير- جهڙو خوبصورت ۽ من موهيندڙ هو پاڻ هو- برابر لٽڪي پئي هئي. تصوير جي حسن ۽ جوڀن ۾ ڪو فرق نه آيو هو.— ۽ فرش تي هڪ لاش پيو هو جنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿ ۾ موجود چاقو سندس سيني ۾ کتو پيو هو، لاش جو چهرو ڪومايل ۽ گهنجيل هو، ڏڪار جهڙو هو. هو سڃاڻي نہ سگهيا تہ اهو بگڙيل چهري وارو لاش ڪنهنجو آهي، پوءِ انجي آڱرين ۾ پيل منڊين ڪي چڱي طرح جاچي ڏٺائون، تڏهين پڪ ٿين تہ لاش سندن مالڪ ـ ٻورين گري جو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نيو فيلڊس پبليڪيشنس طرفان جلد شايع ٿيندڙ ڪتاب

| | |
|---|---|
| ١- حليم شو | حليم بروهي |
| ٢- ٻارن لاءِ آکاڻيون | الطاف شيخ |
| ٣- سورن سانديا‌س (ناول) | وڪٽر هيوگو |
| ٤- مڪليءَ کان ملاڪا تائين (سفرنامو) | الطاف شيخ |
| ٥- نيرهون سچ | امرتا پريتم |
| ٦- مس سدا بهار چنبيلي (ناول) | الطاف شيخ |
| ٧- سانپاهو سمونڊ جو (ٻيو ايڊيشن) | الطاف شيخ |

## ضروري اطلاع

(١) نيو فيلڊس جا ٻه يا ٻن کان وڌيڪ ڪتاب گهرائڻ تي پوسٽ خرچ ادارو ڀريندو باقي هڪ ڪتاب گهرائڻ تي پوسٽ خرچ گهرائيندڙ کي ڀرڻو پوندو. (٢) جواب لاءِ جوابي لفافو يا ٦٠ پئسن جون ٽڪيٽون موڪلڻ ضروري آهي (٣) صرف نيو فيلڊس جي ڪتابن لاءِ آرڊر موڪلڻ جي صورت ۾ جوابي لفافو ضروري نه آهي. (٤) ايجنٽ حضرات ڪنهن به ڪتاب جون گهٽ ۾ گهٽ پنج عدد ڪاپين جو آرڊر موڪليندا ڪن.


الطاف شيخ جو مشهور سفرنامو شايع ٿي ويو آهي.

# جپان جن جي جيءَ سان

(ٻيو ايڊيشن)

قيمت ١٥-٠٠ رپيا

گهرائڻ لاءِ لکو: نيوفيلڊس پبليڪيشنس

ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو شايع ٿيل ٻيهون ڪتاب

# جيپان رس

الطاف شيخ

خوبصورت ٽائيٽل          قيمت ١٥ رپيا

---

## نيو فيلڊس پبليڪيشنس کان الطاف شيخ جا هيٺيان ڪتاب گهرائي سگهجن ٿا

| | | |
|---|---|---|
| ١- | وايون وڻجارن جون .... | ١٢ رپيا |
| ٢- | منهنجو ساگر، منهنجو ساحل | ١٢ رپيا |
| ٣- | سي ٿي جوين ڏينهن | ١٢ رپيا |
| ٤- | سي ٻيڙيون رکين ٻاجهه سين | ١٢ رپيا |
| ٥- | جپان رَس | ١٥ رپيا |
| ٦- | پيار جي گهٽ | ١٠ رپيا |
| ٧- | ڇا جو ديس ڇا جو وديس | ١٠ رپيا |
| ٨- | ڳالهيون تنهن جپان جون | ١٠ رپيا |
| ٩- | خدا ڏي خط | ١٠ رپيا |
| ١٠- | ارائونڊ دي ورلڊ | ١٢ رپيا |
| ١١- | جاني ته جهاز ۾ | ١٠ رپيا |
| ١٢- | سانپاهو سمونڊ جو | ١٣ رپيا |
| ١٣- | موج نه سهي مڪڙي | ١٢ رپيا |
| ١٤- | بندر بازاريون | ١٢ رپيا |
| ١٥- | الطاف شيخ جي ڊونڪ ٽان | ١٢ رپيا |
| ١٦- | بهترين سفرناما | ١٥ رپيا |
| ١٧- | جپان جن جي جيءَ سان | ١٥ رپيا |
| ١٨- | لنڊن ٽائين لغت | ١٢ رپيا |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو شايع ٿيل اوڻٽيهون ڪتاب

# عاشي (SHE)

* هن ناول ۾، حضرت عيسيٰ جي ولادت کان ٻه گهٽو اڳ جي هڪ پراسرار عورت جو هڪ نرالو داستان سمايل آهي، جيڪا بي پناه قوت، لازوال حسن ۽ غيرمعمولي سياڻپ جي مالڪ هئي__!
* جنهن ڪروڌ ۾ اچي پاڻ پنهنجي محبوب کي قتل ڪيو ۽ پوءِ ڪن صدين تائين هنجو انتظار ڪندي رهي.... ۽ جڏهن ڪن صدين کان پوءِ هو وٽس هليو آيو تڏهن زندگي جو اصول بدلجي چڪو هو....!
* مصري قوم کان ٻه گهٽو اڳ جي هڪ پراسرار قوم هن کي "سدا حيات فرمانروا عاشي" جي نالي سان سڏيندي ۽ سندس اطاعت ڪندي هئي___! مگر هنجي صورت ڏسڻ ٻه ڪين نصيب نه ٿي هئي___!
* هوءَ هڪ لاش سان گڏيل بيرئمڊ ۾ رهندي هئي!
* هي ناول ١٨٨٦ع کان باقاعدي لکن جي تعداد ۾ ڇپبو اچي ۽ هتون هٿ ڪپندو اچي. هن ئي ڪتاب جي تتبع (Adaptation) تي دنيا جي مختلف ٻولين ۾ اڪيچار ناول لکيا ويا آهن ۽ فلمون ناهيون ويون آهن.

مصنف: هينري رائڊر هئگرڊ
سنڌيڪار: فضل احمد بچاڻي گهرائڻ لاءِ لکو:

ڪل صفحا ٤٠٠
نيو فيلڊس پبليڪيشنس
قيمت -/25
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

# آسيه

(ناول)

هي ناول به برک برطانوي ليکڪ هينري رائڊر هئگرڊ جي جڳ مشهور ناول THE RETURN of SHE, AESHA جو مڪمل ترجمو آهي جــو سندس ٻئي ناماچاري ڪتاب SHE جي ٻـي ڪهاڻيءَ سان لاڳاپيل آهــي. ٻئي ڪتاب پنهنجي پنهنجي جاءِ تي جدا جدا مڪمل ڪتاب به آهن ۽ هڪٻئي سان لاڳاپيل به. هي ٻئي برک ناول دنيا جي گهڻ وڌ مڙني ٻولين ۾ ترجمو ٿيا آهن.

— هڪ اعليٰ نسل جــي عورت هڪ ديــوي بنجي وئي. لازوال قوتن، بي پناهه حسن، دائمي زندگي ۽ وڏي اقتدار ۽ اختيار جي مالڪ بنجي وئي.

— هن جو محبوب، جوڪو ديوتا نه بلڪ هڪ عام انسان آهي، سو سندس قرب ماڻڻ لاءِ نه بيان ڪرڻ جهڙا ڪشٽ ڪاٽي جبل جهاڳي ڪشالا ڪڍي هن جي ڏي اچيا پٽاندر هن وٽ پهچي ٿو ته ٿو پر هنن ٻنهي جي وچ ۾ اهڙي ڏي ديوار آڏي اچي ٿي وڃي جا هڪ انسان ۽ ديوتا جي وچ ۾ هوندي آهي. هو وصل ۽ محض وصل چاهي ٿـو تـه ديوي هن کي اڻ لکيون اڻ ميون آسماني ۽ ڪائناتي پيتائون پيش ڪري سگهي ٿي، تخت تاج جا خزانا ۽ عبادتون ۽ اطاعتون موجود ڪري سگهي ٿـي پـر هـن لاءِ پنهنجن چپن جو چهاءُ نٿي سهسائي سگهي، هو زندگيءَ ڀر جي رفاقت گهري ٿو ته هن کي نه کٽندڙ حياتيءَ جي سوغات پيش ڪئي وڃي ٿي، پر جي هوءَ "عورت" بنجڻ لاءِ تيار ٿي ته...... ته ڪهڙو نتيجو ٿو نڪري؟—

قيمت: ٢٠٠٠ رپيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو شايع ٿيل ستاويھون ڪتاب

# غلامن جو ٻيڙو

هي ڪتاب ايرڪ ڪارڊر جي انگريزي ناول "SLAVE SHIP" جو سنڌي ترجمو آهي، جنھن ۾ 1843ع ڌاري ڏکڻ ڪئرولينا کان نڪتل غلامن جي ٻيڙي جيوبيليشن ۾ وار ڪاندارينڌڙ جھيڙا ۽ مقابلا. غلامن سان ٿيندڙ لڳ ڪاندارينڌڙ واقعا ۽ حادثا، ۽ ٽن انسانن جو خاتمو جنھن ۾ غيور اشانٽي قوم جي جوڙي آڊوڪي جو انت. عياش هارينبي جو انجام ۽ دنيا جو مشھور مضمون نويس ۽ صحافي جيڪو غلامن جو واپار بند ڪرائڻ لاءِ زندگيءَ ڪي داءَ تي لائي ٿو ڇڏي سو به غلام خريد ٿو ڪري. معصوميت جو خون ٿيندو ڏسي پاڻ به خون ٿو ڪري. ناول جي شڪل ۾ بيان ڪيل آهن جيڪي هيٺيءِنيئن وارو پڙهي نه سگهندو ۽ ڏاڍي دل وارو هڪ دفعو ڪتاب هٿ ۾ ڪندو ته شايد بند نه ڪندو جيستائين سڄو ڪتاب پڙهي پورو نه ڪري.

هن ناول ۾ طاقت ۽ پاور، ظلم ۽ رحم، عشق ۽ معصوميت، عيش ۽ نشاط، محبت ۽ نفرت، مبادي ۽ منتھا جا ڪئين نفسياتي موڙ پڙهندڙ محسوس ڪندو ۽ چند منٽ ويھي ويچار ڪندو.

خوبصورت ٽائيٽل
ڪل صفحا 288
قيمت ـ /20 رپيا

گهرائڻ لاءِ لکو:
**نيو فيلڊس پبليڪيشنس**
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نيو فيلڊس پبليڪيشنس جا ڇپايل ڪتاب

| | | | |
|---|---|---|---|
| ١- | بين‌الاقوامي قانون ۽ تنظيم | فيروز احمد | ١٢-٠٠ |
| ٢- | جيل ۾ ٢٢ مهينا (ڀاڱو ١) | طارق اشرف | (ختم ٿيل) |
| ٣- | اڌ ملاقات | طارق اشرف | ١٢-٠٠ |
| ٤- | جيل گهاريم جن سان | طارق اشرف | (ختم ٿيل) |
| ٥- | جيل ۾ ٢٢ مهينا (ڀاڱو ٢) | طارق اشرف | ١٢-٠٠ |
| ٦- | زندگيءَ جو تنها مسافر | طارق اشرف | ١٢-٠٠ |
| ٧- | ٤ مارچ ۽ سنڌي جوڌا | -- | (ختم ٿيل) |
| ٨- | بهترين ڪهاڻيڪارن جون بهترين ڪهاڻيون | مختلف ڪهاڻيڪار | ١٢-٠٠ |
| ٩- | اونداهي ڌرتي روشن هٿ | آغا سليم | (ختم ٿيل) |
| ١٠- | رات منهنجي روح ۾ | غلام نبي مغل | (ختم ٿيل) |
| ١١- | ٣٠ سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (ڀاڱو ١) | | (ختم ٿيل) |
| ١٢- | ٽڏا چپ (ڪهاڻيون) | ايشور چندر | (ختم ٿيل) |
| ١٣- | وايون ونجارن جون | الطاف شيخ | ١٢-٠٠ |
| ١٤- | ٣٠ سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (ڀاڱو ٢) | مختلف ڪهاڻيڪار | ١٥-٠٠ |
| ١٥- | بندر بازارين (سفرنامو) | الطاف شيخ | ١٢-٠٠ |
| ١٦- | شڪليون (خاڪا) | عبدالقادر جوڻيجو | ١٠-٠٠ |
| ١٧- | يادگار ڪهاڻيون | مختلف ڪهاڻيڪار | ١٥-٠٠ |
| ١٨- | ٽين دنيا جون ڪهاڻيون | ولي رام ولڀ | ١٥-٠٠ |
| ١٩- | عظيم ڪهاڻيڪارن جون عظيم ڪهاڻيون | فيروز احمد | ١٢-٠٠ |
| ٢٠- | دل جو بندر (ناول) | نصير اعجاز | ١٢-٠٠ |
| ٢١- | دل اندر درياءُ (ڪهاڻيون) | مدد علي سنڌي | ١٦-٠٠ |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڻَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَڻَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)